www.awamisoach.pk

جمهوري سوچ جي ترجمان

ABC Certified

Daily AWAMI SOACH Karachi

روزاني

عوامي سوچ

ڪراچي

چيف ايڊيٽر
حاجي محمد حنيف ميمڻ

(جلد 15) خميس 18 سيپٽمبر 2025ع بمطابق 24 ربيع الاول 1447ھ (شمارو 338) قيمت 20 روپيا

ٻوڏ سبب هارين کي پهچندڙ نقصان جو فوري حل ڪڍڻ ضروري آهي :وزيراعليٰ سنڌ

ٻوڏ سبب هارين کي پهچندڙ نقصان جو فوري حل ڪڍڻ تمام گهڻو ضروري آهي نه ته فوڊ سيڪيورٽي خطري ۾ پئجي ويندي:مراد علي شاهه

وزيراعظم شهباز شريف پ پ چيئرمين بلاول ڀٽو جي تجويز تي نوٽيس وٺندي ايگريڪلچرل ايمرجنسي لاڳو ڪئي آهي ۽ وفاقي سطح تي هڪ ڪميٽي به جوڙي وئي آهي

پ پ چيئرمين بلاول ڀٽو زرداري جي هدايت تي سنڌ حڪومت هارين جي امداد لاءِ هڪ پيڪيج جو خاڪو تيار ڪيو آهي جنهن جا تفصيل ايندڙ هفتي سامهون آندا ويندا

چيئرمين بلاول ڀٽو جو وزن هو ته گڏيل قومن جي سطح تي فليش اپيل ڪئي وڃي. گذريل ڏينهن وزيراعظم جي صدارت هيٺ ٿيل گڏجاڻي ۾ اهو معاملو بحث هيٺ آيو

ٻوڏ جي شروعات تي ئي سنڌ حڪومت پنهنجي تياري شروع ڪري ڇڏي هئي جنهن ۾ اولين ترجيح ماڻهن جون حياتيون بچائڻ آهي

ٻوڏ جو پاڻي گڊو بيراج تان گذري چڪو آهي هاڻ انهي ۾ گهٽتائي اچڻ شروع ٿي وئي آهي جڏهن ته هن وقت سکر بيراج تي پيڪ موجود آهي ، اميد آهي ته اڄ اتي به صورتحال بهتر ٿيڻ شروع ٿي ويندي

ڪراچي (رپورٽر) سنڌ جي وڏي وزير سيد مراد علي شاهه چيو آهي ته ٻوڏ سبب هارين کي پهچندڙ نقصان جو فوري حل ڪڍڻ تمام گهڻو ضروري آهي نه ته فوڊ سيڪيورٽي خطري ۾ پئجي ويندي. ڪراچي ۾ سنڌ جي وڏي وزير سيد مراد علي شاهه صحافين سان ڳالهيون ڪندي چيو ته ٻوڏ سبب هارين کي پهچندڙ نقصان جو فوري حل ڪڍڻ ضروري آهي. ٻئي صورت ۾ ٻين ملڪن ۾ فوڊ سيڪيورٽي جا /بقايا پڙهو صفحو 2 نمبر 01

سنڌو ۾ چاڙهه، ڪچو پاڻي هيٺ، ڳوٺن جو زميني رابطو ختم

چناب درياءَ ۾ پنجند تي هيٺاهين درجي جي ٻوڏ آهي جنهن سبب پاڻي جي سطح وڌيڪ گهٽ ٿي رهي آهي، تربيلا ڊيم 27 آگسٽ کان 100 سيڪڙو ڀريل آهي :وفاقي وزير معين وٽو

منگلا ڊيم 96 سيڪڙو پاڻي سان ڀريل آهي. وڌيڪ 4 فٽ جي گنجائش موجود آهي، حڪومت جو ڌيان نقصانن جي جائزي ۽ متاثرين کي رليف ڏيڻ تي رکيل آهي

پنجاب جي دريائن ۾ پاڻي جو وهڪرو نارمل تي رهيو آهي، سنڌو درياءَ، جهلم ۽ راوي ۾ پاڻي جو وهڪرو نارمل ليول تي آهي چناب درياءَ ۾ مرالہ، خانڪي، قادر آباد ۽ تريمن جي هنڌ تي به پاڻي جو وهڪرو نارمل تي چڪو آهي:پي ڊي ايم اي

دادو ۾ درياءَ سنڌ ۾ چاڙهه سبب دادو ضلعي جي ڪچي وارن علائقن ۾ ٻوڏ جي صورتحال تيز ٿي وئي آهي، ڪچي جي ڪيترائي ڳوٺ پاڻي هيٺ اچي ويا آهن

يوسي موندر، يوسي سيال، ۽ يوسي پاٽ شريف جي سوين ماڻهن جو دادو شهر سان زميني رابطو مڪمل طور ڪٽجي ويو آهي، جنهن سبب هزارين ماڻهو متاثر ٿيا آهن

حڪومت طرفان ڪا ٻيڙي موڪلي وئي آهي، نه راشن مهيا ٿيو آهي، ۽ نه ئي خيما ڏنا ويا آهن. گهر، جانور، فصل ۽ روزگار سڀ پاڻي هيٺ اچي ويا آهن:متاثر ڳوٺاڻن پاران شڪايتون

سکر /دادو (نمائندن وٽان) سنڌو درياءَ ۾ گڊو ۽ سکر بيراج تي مٿانهين درجي جي ٻوڏ آهي، جڏهن ته ڪوٽڙي بيراج تي هيٺاهين درجي جي ٻوڏ سبب صورتحال مستحڪم آهي. فيڊرل فلڊ ڪميشن موجب چناب درياءَ ۾ پنجند تي هيٺاهين درجي جي ٻوڏ آهي جنهن سبب پاڻي جي سطح وڌيڪ گهٽ ٿي رهي آهي. وفاقي وزير معين وٽو ٻڌايو ته تربيلا ڊيم 27 آگسٽ کان 100 سيڪڙو ڀريل آهي جڏهن/بقايا پڙهو صفحو 2 نمبر 15

گڏيل قومن پاران عالمي برادري کي پاڪستان جي مدد لاءِ اپيل

پاڪستان ۾ برساتن ۽ ٻوڏ سبب 60 لک کان وڌيڪ ماڻهو متاثر ٿيا آهن ۽ 25 لک کان وڌيڪ بي گهر ٿي چڪا آهن

پاڪستان ۾ سخت انساني بحران آهي ان ڪري عالمي برادري کي فوري امداد ڪرڻ گهرجي

اها ڳالهه پاڪستان ۾ گڏيل قومن جي انساني معاملن واري اداري (OCHA) جي سربراهه ڪارلوس گيزا پنهنجي تازي رپورٽ ۾ ڪئي

اسلام آباد(بيورو رپورٽ)اقوام متحده دنيا تي زور ڀريو آهي ته پاڪستان ۾ برساتن ۾ ٻوڏ سبب 60 لک کان وڌيڪ ماڻهو متاثر ٿيا آهن ۽ 25 لک کان وڌيڪ بي گهر ٿي چڪا آهن. پاڪستان ۾ سخت انساني بحران آهي ان ڪري عالمي برادري کي فوري امداد ڪرڻ گهرجي. سرڪاري خبر رساني اداري APPموجب اها ڳالهه پاڪستان ۾ گڏيل قومن جي انساني معاملن /بقايا پڙهو صفحو 2 نمبر 16

6 لک پاڻي اچڻ سان ڪچو ٻڏي ويندو:غلام مرتضيٰ جتوئي

راشد محمود سومرو جو ٿورائتو آهيان، جنهن پارٽي ۾ شموليت جي دعوت ڏني. مون کي ان قابل سمجهيو

جي يو آئي منظم پارٽي آهي، مون نظرياتي سياست ڪئي آهي اهڙا سياست ڪئي آهي جنهن ۾ ڪنهن سان زيادتي نه ٿئي نه رشوت جي بازار گرم نه ٿئي

نوشهروفيروز(ن س) دهشتگردي توڙ عدالت ۾ بلاول زرداري قتل ۽ اميناٽي ٽائي تي پوليس حملي /بقايا پڙهو صفحو 2 نمبر 17

مخالف پاڪ چين دوستي کي نقصان نه ٿا پهچائي سگهن:صدر زرداري

صدر زرداري شنگهائي ۾ ڪميونسٽ پارٽي آف چائنا جي سيڪريٽريٽ سان ملاقات ڪئي خاتون اول آصفه ڀٽو ۽ بلاول ڀٽو شريڪ هئا

بلاول شنگهائي ۾ چين جي اڏاوتي ڪمپني، بيلٽ اينڊ روڊ انفارميشن انڊسٽري يونين جي مشير ۽ چيني ڪمپني جي وفد سان ملاقاتون ڪيون

پاڪستان ۾ توانائي مي متبادل ذريعن ۾ سرمايو لڳائڻ تي به ڳالهه ٻولهه ڪئي وئي

شنگهائي (م د) صدر آصف علي زرداري چيو آهي ته چين سان دوستي نسل در نسل وڌندي رهندي ۽ مخالف دشمن هن دوستي کي نقصان نه ٿا پهچائي سگهن صدر زرداري شنگهائي ۾ ڪميونسٽ پارٽي آف چائنا جي سيڪريٽريٽ سان ملاقات /بقايا پڙهو صفحو نمبر 20

شرجيل ميمڻ ۽ ناصر شاهه جي شنگهائي ۾ يوٽونگ بس ڪمپني جي اختيارين سان ملاقات

ملاقات دوران سنڌ ۾ ٽرانسپورٽ ۽ متبادل توانائي جي شعبن ۾ سيڙپڪاري جا موقعا ۽ سهڪار وڌائڻ تي تفصيلي خيالن جي ڏي وٺ ٿي

يوٽونگ اختيارين سنڌ جي وزيرن کي پنهنجي جديد بس ماڊلن بابت بريفنگ ڏني ۽ پاڪستان ۾ بسون متعارف ڪرائڻ ۾ دلچسپي ظاهر ڪئي

سنڌ سرڪار شهرين کي معياري ۽ محفوظ ٽرانسپورٽ مهيا ڪرڻ لاءِ پرعزم آهي: سينئر وزير شرجيل انعام ميمڻ

ڪراچي (رپورٽر) چين جي شهر شنگهائي ۾ چين جي مشهور يوٽونگ بس ڪمپني جي اختيارين سنڌ جي سينئر وزير شرجيل انعام ميمڻ ۽ توانائي، رٿابندي ۽ ترقي واري صوبائي وزير سيد ناصر حسين شاهه سان ملاقات ڪئي. ملاقات ۾ /بقايا پڙهو صفحو 2 نمبر 21

26نومبر ڪيس، 11 جوابدارن تي فرد جرم لاڳو، 184 اشتهاري قرار

اسلام آباد (بيورو) دهشتگردي جي خاتمي واري عدالت 26 نومبرجي احتجاج ڪيس ۾ 11 گرفتار جوابدارن تي فرد جرم لاڳو ڪري ڇڏي آهي. دهشتگردي جي خاتمي واري عدالت جي جج طاهر عباس سپرا ڪيس جي ٻڌڻي ڪئي. جوابدارن /بقايا پڙهو صفحو2 نمبر 22

تهران: واپار وارو وفاقي وزير جام ڪمال خان ايران جي نائب صدر محمد رضا عارف سان ملاقات ڪندي

آءِ ايم ايف وفد جي پاڪستان جي دوري کان اڳ حڪومت آءِ ايم ايف جون 51 شرطون پوريون ڪري ڇڏيون

ٽيرف ايڊجسٽمينٽ، نئين ٽيڪس ڇوٽ، ۽ ڪنڊ جي سرڪاري درمد تي ٽيڪس ڇُوٽ جون شرطون پوريون ڪيون ويون آهن

خصوص اقتصادي زونز تي مراعتون 2035 تائين ختم ڪرڻ جي شرط تي پڻ عمل ڪيو ويو

سرڪاري ادارن ۾ حڪومتي عمل دخل گهٽائڻ، زرعي آمدني تي ٽيڪس اسلام آباد، ڪراچي ۽ لاهور ۾ ڪمپلائنس رسڪ مينجمينٽ سسٽم لاڳو ڪرڻ واريون شرطون پوريون ڪيون

اسلام آباد (بيورو) آءِ ايم ايف وفد جي پاڪستان جي دوري کان اڳ حڪومت آءِ ايم ايف جون 51 شرطون پوريون ڪري ڇڏيون آهن. ذريعن موجب آءِ ايم ايف جي 51 شرطن مان ڪيترين ئي پوريون ڪيون ويون آهن. ڪجهه تي ڪم جاري آهي جڏهن ته پوري نه ٿيندڙ شرطن جي سلسلي ۾ آءِ ايم ايف سان اڳوات اجازت ورتي وئي آهي دستاويزات موجب ته ماهي بنياد تي گيس /بقايا پڙهو صفحو2 نمبر 26

ايران: رهائشي عمارت ۾ گئس ڌماڪي ۾ 6 ڄڻا مارجي ويا

ڌماڪي سان عمارت کي سخت نقصان پهتو ۽ عمارت مڪمل طور تي تباهه ٿي وئي

تهران (م د)ايران ۾ هڪ رهائشي عمارت ۾ گئس ڌماڪي ۾ ڇهه ماڻهو مارجي ويا آهن. ايراني ميڊيا موجب، ايراني شهر هواز ۾ هڪ رهائشي عمارت ۾ گئس ڌماڪي جي نتيجي ۾ هاڻي تائين ڇهه ماڻهو مارجي ويا آهن. رپورٽ موجب، /بقايا پڙهو صفحو 2 نمبر 25

منگهوپير ٽائون جي چيئرمين جو يونين ڪميٽي نمبر 2 جي الله بچايو ڳوٺ جو تفصيلي دورو

معيار ۽ رفتار تي سمجهوتو نه ڪيو وڃي، سڀئي منصوبا عوامي خدمت جي نيت سان مڪمل ڪيا وڃن: چيئرمين علي نواز بروهي

علائقي ۾ سالن کان موجود انفراسٽرڪچر جي کوٽ کي جامع منصوبي تحت پورو ڪيو پيو وڃي، جنهن سان آمدورفت ۽ نيڪال جا مسئلا حل ٿيندا

عملي قدمن سان عوامي اعتماد بحال ٿيو آهي، جڏهن ته وڌيڪ منصوبا به جلد شروع ڪيا ويندا: علائقي واسي

ڪراچي(رپورٽر) منگهوپير ٽائون جي چيئرمين حاجي نواز علي بروهي اڄ يونين ڪميٽي نمبر 2 جي الله بچايو ڳوٺ جو تفصيلي دورو ڪيو ۽ علائقي ۾ پيور بلاڪ جي جاري ترقياتي ڪم جو معائنو ڪيو ان موقعي تي چيئرمين حاجي نواز علي /بقايا پڙهو صفحو 2 نمبر 27

جي ايڇ ڪيو حملي ڪيس ۾ جيل ٽرائل جو نوٽيفڪيشن واپس

لاهور(م د)پنجاب حڪومت جي ايڇ ڪيو حملي ڪيس جي جيل ٽرائل لاءِ نوٽيفڪيشن واپس وٺي ڇڏيو آهي. ذريعن موجب، جي ايڇ ڪيو حملي ڪيس ۽ 9 مئي جي ڪيسن جو ٽرائل هاڻي اڊيالا جيل جي بدران دهشتگردي جي خاتمي واري /بقايا پڙهو صفحو2 نمبر 29

ڪراچي: وقتي چيئرمين ڪورنگي ٽائون زرين اعوان ڪورنگي جي مختلف آفيسن جا دورا ڪري ملازمن جي حاضري چيڪ ڪري رهيو آهي

جناح ٽائون جي عملي ڪوششن تحت، يوسي 5 ۾ ٽين هٽي پل پرسان جي تعمير جو ڪم جاري

شهري مسئلن جو مستقل حل ۽ پائيدار ترقي اسان جي ترجيحن ۾ شامل آهي: چيئرمين جناح ٽائون رضوان عبدالسميع

روڊ جديد پيور بلاڪن سان تعمير ٿي رهيو آهي ته جيئن مينهن ۽ پاڻي کان محفوظ رهي ۽ شهرين کي ڊگهي عرصي تائين بهتر سفري سهولت ملي

هي منصوبو ٽرئفڪ جام، حادثن ۽ خطرناڪ کڏن جهڙي پراڻي مسئلي جو حقيقي حل آهي: علائقي واسي

ڪراچي(رپورٽر) جناح ٽائون جي عملي ڪوشش تحت، يوسي 5 ۾ ٽين هٽي پل سان ملحق مڪيه هاءِ وي جي تعمير نو جو ڪم زور سان جاري آهي ۽ هاڻي مڪمل ٿيڻ جي آخري مرحلن ۾ داخل ٿي چڪو آهي. هي روڊ جديد پيور بلاڪن /بقايا پڙهو صفحو 2 نمبر 31

رياض: وزيراعظم شهباز شريف ۽ ڊپٽي گورنر محمد بن عبدالرحمان بن عبدالعزيز سان ملاقات ڪندي

وزيراعظم رياض پهچي ويو، سعودي ايئر فورس طرفان شاندار آجيان

رياض پهچڻ تي سعودي ايئر فورس طرفان وزيراعظم جو شاندار آڌرڀاءُ ڪيو ويو

وزيراعظم شهباز شريف شاندار استقبال تي سعودي ولي عهد محمد بن سلمان جا ٿورا مڃيا

رياض(م د) وزيراعظم شهباز شريف هڪ ڏينهن جي دوري تي سعودي عرب پهچي ويو آهي. رياض پهچڻ تي سعودي ايئر فورس طرفان وزيراعظم جو شاندار آڌر ڀاءُ ڪيو ويو. جڏهن ته ڪيس 21 توپن جي سلامي پڻ ڏني وئي. وزيراعظم /بقايا پڙهو صفحو 2 نمبر 18

پاڪستان اسٽاڪ ايڪسچينج ۾ مثبت رجحان

واپاري سيشن دوران، مارڪيٽ شيئرز جي 100 انڊيڪس ۾ 233 پوائنٽس جو اضافو رڪارڊ ڪيو ويو

100 انڊيڪس پڻ 156,337 پوائنٽس جي گهٽ ترين سطح تي پهچي ويو

ڪراچي (رپورٽر)پاڪستان اسٽاڪ ايڪسچينج (پي ايس ايڪس) ۾ واپاري هفتي جي ٽئين ڏينهن تي مثبت رجحان نظر اچي رهيو آهي. واپاري /بقايا پڙهو صفحو 2 نمبر 19

ڪراچي: سنڌ حڪوت پاران موسمياتي تبديلي سان مقابلو ڪرڻ لاءِ هارين کي تربيت ڏني پئي وڃي

هاءِ ڪورٽ جا رولز رات ۾ نه ٺهيا صحيحون به ٿي ويون: جسٽس محسن

اسان جي هاءِ ڪورٽ جا قاعدا هڪ رات ۾ ٺاهيا ويا ۽ صحيحون ڪيون ويو

ياد رهي جسٽس ڪياني وفاقي راڄڌاني ۾ پٽوارين جي خالي سيٽن تي سخت ريمارڪس ڏنا هئا

اسلام آباد (بيورو)اسلام آباد هاءِ ڪورٽ جي جسٽس محسن اختر ڪياني، شماريات بيورو ۾ مقررين بابت ڪيس جي ٻڌڻي دوران دلچسپ ريمارڪس /بقايا پڙهو صفحو2 نمبر 23

ٻارن سان زيادتي ڪيس جو جوابدار عدالت ۾ پيش ٿيو

ٻارن سان زيادتي جو جوابدار عدالت ۾ پيش ، جتي متاثر ڇوڪرين ڪيس چماٽون هنيون

عدالت 7 ڪيسن ۾ نامزد شبير تنولي جي جسماني ريمانڊ ۾ 3 ڏينهن جي واڌ ڪئي

ڪراچي(رپورٽر) ٻارن سان زيادتي ڪيس جو جوابدار عدالت ۾ پيش ٿيو، جتي متاثر ڇوڪرين ڪيس چماٽون وهائي ڪڍيون. عدالت ڪيترن ئي ٻارن /بقايا پڙهو صفحو 2 نمبر 24

ڪراچي: گورنر ڪامران ٽسوري چين ۾ پاڪستاني سفير خليل هاشمي سان ملاقات ڪندي

ملڪي گيس ڪنيڪشن تي مستقل پابندي لاڳو ٿي وئي

پيٽروليم ڊويزن وفاقي ڪابينه جو منظور ڪيل فريم ورڪ سوئي سدرن ۽ سوئي ناردرن ڏانهن اماڻي ڇڏيو

ٻهريان کان وصول ڪيل 30 لک درخواستن کي ملتوي ڪرڻ جي هدايت ڪئي وئي آهي

اسلام آباد (بيورو) پيٽروليم ڊويزن وفاقي ڪابينه جو منظور ڪيل فريم ورڪ سوئي سدرن ۽ سوئي ناردرن ڏانهن اماڻي ڇڏيو جنهن ۾ ملڪي /بقايا پڙهو صفحو 2 نمبر 28

ڪراچي: سي ويو پرسان پارڪنگ ۾ بيٺل پراڊو گاڏي مان عورت ۽ مرد جا لاش هٿ

سي ويو جي پرسان گاڏي مان مليل مرد جي لاش جي سڃاڻپ شهباز ملڪ جي نالي سان ٿي آهي

28 ورهين جي عورت جي سڃاڻپ فوري طور تي نه ٿي سگهي آهي

ڪراچي (رپورٽر) ڪراچي جي درخشان ٿاڻي جي حد بلاڪ 28 جي پرسان سي ويو اپارٽمينٽ جي پارڪنگ ۾ بيٺل پراڊو گاڏي مان عورت ۽ مرد جا لاش /بقايا پڙهو صفحو 2 نمبر 30

SSWMB
خوشخبري
Gansu Construction Heavy Industry Company Pakistan

ڪراچي: ڪورنگي ٽائون چيئرمين محمد نعيم شيخ جي هدايتن تي، اسپري مهم جو آغاز ڪيو پيو وڃي

ڪراچي: وزيراعليٰ سنڌ مراد علي شاهه ميڊيا سان ڳالهائي رهيو آهي

ٽوبا ٽيڪ سنگهه: ڳوٺ ڪنوار کي امدادي ٻيڙين ذريعي گهر وٺي آيو

ٽوبا ٽيڪ سنگهه (م د) راوي درياءَ ۾ ٻوڏ جي صورتحال جي باوجود ڇوڪرو ڄڃ سان گڏ بجاءِ واري ٻيڙين ذريعي پهتو. ڊگهي انتظار کان پوءِ پنجاب جي ٽوبہ ٽيڪ سنگهه علائقي جو هڪ رهواسي /بقايا پڙهو صفحو 2 نمبر 02

بلوچستان ۾ ڪڻڪ جو بحران، خوراڪ کاتي جو ذخيرو ختم

ڪوئيٽا(م د) بلوچستان ۾ ڪڻڪ جو بحران شدت اختيار ڪري ويو آهي چاڪاڻ ته خوراڪ کاتي وٽ ڪڻڪ جو اسٽاڪ ختم ٿي ويو آهي. خوراڪ کاتي جي ذريعن موجب، 2024 کان 2025 /بقايا پڙهو صفحو 2 نمبر 03

پي پي ايڇ آءِ جون ٽيمون متاثر آبادي کي بروقت سهولتون فراهم ڪن پيون

پي پي ايڇ آءِ سنڌ اڄ تائين مجموعي طور 1042 ميڊيڪل ڪيمپس قائم ڪيا آهن: ترجمان

پي پي ايڇ آءِ پاران 65 ميڊيڪل ڪيمپس لڳايا ويا، جن ۾ 4 هزار 647 مريضن جو علاج ڪيو ويو

ڪراچي (رپورٽر) سنڌ ۾ ٻوڏ واري صورتحال جي پيش نظر، صحت کاتي جي سهڪار سان پي پي ايڇ آءِ سنڌ جون ريجنل ۽ ضلعي ٽيمون متاثر آبادي کي/بقايا پڙهو صفحو 2 نمبر 04

ٽي ٽي پي ۽ ”را“ جي افغانستان ۾ موجودگي، پاڪستان جو طالبان حڪومت کي سخت پيغام

عالمي سطح تي تسليم ٿيل دهشتگرد تنظيم تحريڪ طالبان پاڪستان کان پري رهي ۽ پنهنجي سرزمين تان انهن جي خاتمي جا واعدا پورا ڪري:افغان حڪومت کان مطالبو

اهو پيغام پاڪستان ۾ مقرر افغان عبوري سفير سردار احمد شڪيب وسيلي پهچايو، جنهن کي ويجهڙائي ۾ پرڏيهي کاتي ۾ طلب ڪيو ويو هو

پاڪستان طرفان ڪيس واضح لفظن ۾ آگاهه ڪيو ويو ته افغان طالبان حڪومت اهو يقيني بڻائي ته سندن سرزمين دهشتگردي جي ڪِريل سرگرمين لاءِ استعمال نه ٿئي

اسلام آباد(بيورو) پاڪستان افغان سفير کي طلب ڪري طالبان حڪومت کان تحريڪ طالبان پاڪستان کان پري رهڻ جو مطالبو ڪندي ٽي ٽي پي ۽ ”را“ جي افغانستان ۾ موجودگيءَ خلاف سخت پيغام ڏنو آهي. پاڪستان ا/بقايا پڙهو صفحو 2 نمبر 05

ڪچي جي ڌاڙيلن جو خاتمو ڪنهن به صورت ۾ ڳالهين ذريعي ممڪن نه آهي :مراد علي شاهه

وڏي وزير چيف سيڪريٽري آصف حيدر کي هدايت ڪئي آهي ته ڪچي جي علائقن جي انفراسٽرڪچر لاءِ تفصيلي منصوبي تيار ڪيو وڃي

وڏي وزير سيد مراد علي شاهه پوليس اختيارين کي هدايت ڪئي ته ڌاڙيلن خلاف انٽيليجنس بنيادن تي آپريشن ۾ وڌيڪ تيزي آندي وڃي

ڪچي جا علائقا ٻوڏ جي پاڻي ۾ آيل آهن ۽ ڌاڙيل اتان نڪري ويا هوندا اهوئي وقت آهي ته انهن کي ختم ڪيو وڃي. آپريشن کي هر حال ۾ تيز ڪيو وڃي

ڪراچي (رپورٽر) سنڌ جي وڏي وزير سيد مراد علي شاهه چيو آهي ته ڪچي جي ڌاڙيلن جو خاتمو ڪنهن به صورت ۾ ڳالهين ذريعي ممڪن /بقايا پڙهو صفحو 2 نمبر 06

اسلام آباد : قائم مقام صدر سيد يوسف رضا گيلاني ۽ سينيٽر رانا ثناءُالله ملاقات ڪري رهيا آهن

اسلام ڪوٽ ۾ ڊينگي جي ڪيسن ۾ 50 سيڪڙو کان وڌيڪ واڌ

اسلام ڪوٽ (رپورٽر) ٿرپارڪر جي اسلام ڪوٽ تعلقي ۾ ڊينگي جي ڪيسن ۾ 50 سيڪڙو کان وڌيڪ اضافو ٿيو آهي. سنڌ جي صحت کاتي /بقايا پڙهو صفحو2 نمبر 07

سزائن جو آڇر بازار ختم ٿيڻ گهرجي، نفرتن سان پاڪستان جو نقصان ٿيندو: بيرسٽر گوهر

چيف جسٽس کي درخواست آهي ته اسان جي ٻڌڻي هيٺ ڪيسز تي قانون موجب ڪارروائي ڪريو، عدليه ماتحت عدالتن تي نظر رکي ها ته اسان جي 3 ماڻهن کي 100 سال جي سزا نه ملي ها

عمرايوب، شبلي فراز ۽ عبداللطيف جي نااهلي بابت درخواستن جي ٻڌڻي هئي، انهن ڪيسز ۾ اليڪشن ڪميشن غيرقانوني طور تي نااهل ڪيو آهي

عدالت کي استدعا ڪئي ته سياڻي ٻڌڻي ڪرڻ گهرجي، عدليه سان اميد جڙيل آهي :پي ٽي آءِ چيئرمين جي ميڊيا سان ڳالهه ٻولهه

اسلام آباد(بيورو) پاڪستان تحريڪ انصاف جي چيئرمين بيرسٽر گوهر چيو آهي ته چيف جسٽس کي درخواست آهي ته اسان جي ٻڌڻي هيٺ/بقايا پڙهو صفحو 2 نمبر 08

بيرسٽر گوهر

بلوچستان کي (اين ايف سي) ايوارڊ جي تحت 11 ارب 15 ڪروڙ روپيه گهٽ ملڻ جو انڪشاف

پي اي سي جي اجلاس ۾ ناڻي واري سيڪريٽري جي غير حاضري تي ميمبرن سخت ناراضگي ظاهر ڪئي

بلوچستان حڪومت 11 ارب روپيه گهٽ ملڻ جو معاملو وفاق سامهون اٿاريندي: پي اي سي

اسلام آباد (بيورو) بلوچستان کي سال 22_2021 جي دوران قومي مالياتي ڪميشن(اين ايف سي) ايوارڊ جي تحت 11 ارب 15 ڪروڙ روپيه گهٽ /بقايا پڙهو صفحو 2 نمبر 09

سنڌ حڪومت عورتن ۽ ٻارن لاءِ متوازن غذائيت تائين رسائي جي ڪوشش ڪري رهي آهي: آغا فخر حسين

غذائي کوٽ خاص طور تي عورتن، ٻارن ۽ محروم برادرين کي متاثر ڪري رهي آهي ۽ محفوظ خوراڪ هڪ بنيادي انساني حق آهي

سنڌ حڪومت قدم کنيا آهن، پر چئلينج آهي ته خوراڪ کي رسائي لائق، سستو ۽ ڏورانهن علائقن تائين پهچايو وڃي

صنعت، تعليمي ادارن ۽ ترقياتي ڀائيوارن جا سينئر نمائندا شامل ٿيا، جن فوڊ فورٽيفڪيشن جي عملي، ريگيوليٽري ۽ تحقيقي پهلوئن تي ماهراڻي ڏني

سکر /دادو (نمائندن وٽان) سنڌو درياءَ ۾ گڊو ۽ سکر بيراج تي مٿانهين درجي جي ٻوڏ آهي، جڏهن ته ڪوٽڙي بيراج تي هيٺاهين درجي جي ٻوڏ سبب صورتحال مستحڪم آهي. فيڊرل فلڊ ڪميشن موجب چناب درياءَ ۾ پنجند تي هيٺاهين درجي جي ٻوڏ آهي جنهن سبب پاڻي جي سطح وڌيڪ گهٽ ٿي رهي آهي. وفاقي وزير معين وٽو ٻڌايو ته تربيلا ڊيم 27 آگسٽ کان 100/بقايا پڙهو صفحو 2 نمبر 10

سنڌ حڪومت پاران موسمياتي تبديلي سان منهن ڏيڻ ۽ زرعي شعبي کي محفوظ بڻائڻ لاءِ منصوبو تيار

”ڪلائميٽ سمارٽ ايگريڪلچر منصوبو“ 2028 تائين جاري رهندو، جنهن تحت زرعي پيداوار وڌائڻ لاءِ هارين کي تربيت ڏني پئي وڃي :سردار محمد بخش مهر

180 فيلڊ اسڪول قائم ڪري ساڍن ڇئن هزار هارين کي تربيت ڏني ويندي، ان حوالي سان سکر، ميرپورخاص ۽ بدين ۾ به فيلڊ اسڪول قائم ڪيا آهن

ڪراچي(رپورٽر) سنڌ حڪومت موسمياتي تبديلي سان منهن ڏيڻ ۽ زرعي شعبي کي محفوظ /بقايا پڙهو صفحو 2 نمبر 11

پاڪستان ايندڙ سالن ۾ موسمياتي تبديلين سبب وڌيڪ متاثر ٿيندو: چيئرمين اين ڊي ايم اي

پاڪستان پيپلز پارٽي جي سينيٽر شيري رحمان جي صدارت هيٺ سينيٽ جي موسمياتي تبديلي بابت اسٽينڊنگ ڪميٽي جو اجلاس ٿيو

هلندڙ سال سانوڻي 2 هفتا اڳ شروع ٿيو. پاڪستان ايندڙ هر سال ۾ موسمياتي تبديلين بابت سخت متاثر ٿيندو :ليفٽيننٽ جنرل انعام حيدر

عالمي گرمي پد ۾ اضافو موسمياتي تبديلي جو سبب آهي، پاڪستان جا 7 هزار کان وڌيڪ گليشيئرز تيزي سان ختم ٿي رهيا آهن

اسلام آباد (بيورو) چيئرمين نيشنل ڊيزاسٽر مينجمينٽ اٿارٽي(اين ڊي ايم اي) ليفٽيننٽ جنرل انعام حيدر ملڪ(هلال امتياز، ملٽري) خبردار ڪيو آهي ته پاڪستان ايندڙ سالن ۾ موسمياتي تبديلين سبب وڌيڪ متاثر ٿيندو. ايندڙ /بقايا پڙهو صفحو 2 نمبر 12

ڪراچي: چيئرمين منگهوپير ٽائون حاجي نواز علي بروهي يوسي ۾ جاري پيور بلاڪ جي ڪم جو معائنو ڪندي

آل پاڪستان ڪلارڪ ايسوسيئيشن) آپڪا(ضلعي لاڙڪاڻي جي عهديدارن جو اجلاس ٿي گذريو

لاڙڪاڻو (رپورٽر) آل پاڪستان ڪلارڪ ايسوسيئيشن آپڪا ضلعي لاڙڪاڻي جي عهديدارن جو اجلاس آپڪا پاڪستان جي سينيئر نائب صدر اول رفيق احمد جتوئي جن جي صدارت ۾ پراونشل هاءِ ويز ڊويزن آفيس لاڙڪاڻو /بقايا پڙهو صفحو 2 نمبر 13

ڪو به غلط فهمي ۾ نه رهي موجوده حالتن ۾ سڀ ڪجهه آمريڪا جي مرضي سان ٿي رهيو آهي: خواجه آصف

اسرائيل آمريڪا جو نه پر آمريڪا اسرائيل جو پراڊڪٽ آهي، قطر تي حملو به آمريڪي مرضي سان ٿيو

اسرائيل قطر تي آمريڪا جي مرضي سان حملو ڪيو آهي ۽ هاڻي دوست ۽ دشمن ۾ فرق ڪرڻ جو وقت اچي ويو آهي

اسان کي عقل سليس سان ڪم وٺڻو پوندو ۽ حالتن کي سمجهندي پنهنجا فيصلا ڪرڻا پوندا جيئن خطي ۾ امن ۽ استحڪام برقرار رکي سگهجي

اسلام آباد (بيورو) دفاع واري وزير چيو آهي ته موجوده حالتن ۾ سڀ ڪجه آمريڪا جي مرضي سان ٿي رهيو آهي ۽ ڪنهن به غلط فهمي ۾ نه رهڻ گهرجي خانگي ٽي وي جي پروگرام ۾ ٿي هن مسلمانن تي زور ڏنو ته اهي غلط فهميون ڪڍي ڇڏين /بقايا پڙهو صفحو 2 نمبر 14

جمهوري سوچ جي ترجمان
روزاني
Daily AWAMI SOCH KARACHI
عوامي سوچ
ڪراچي
چيف ايڊيٽر: حاجي محمد حنيف ميمڻ

چيف ايگزيڪيوٽو
سيد شفقت حسين شاهه

هيءُ اخبار پبلشر محمد حنيف ميمڻ قيوم پرنٽنگ پريس آءِ آءِ چندريگر روڊ ڪراچي مان ڇپرائي آفيس ٽريڊ ٽاور روم نمبر 825 مان پڌري ڪئي

چيف ايڊيٽر حاجي حنيف ميمڻ

رابطي لاءِ:
03153327758

خميس 18 سيپٽمبر 2025ع

ڏنءُ ڏنءُ ڏمڻ وار، اڄ پڻ آڳڙين جي:
ٻاري مچ مجاز جو، اوتيائون اڱار:
ڏوڏا! ٿِيُ مَ ڏارَ، جِمَ ڪچو رُڪُ ڪٽيُون ٿئي.

ڪرڪيٽ ۾ وڌندڙ سياسي مداخلت: ڀارت ايشياڪپ ۽ آءِ سي سي کي به تڪراري بڻائي ڇڏيو؟!

پاڪستان ايشياڪپ جي ڪرڪيٽ ٽورنامينٽ ۾ ڀارت جي اختيار ڪيل غير اخلاقي رويي جو نوٽيس وٺندي آءِ سي سي کي لکت ۾ شڪايت ڪئي آهي ته پاڪ ڀارت ميچ دوران ٽاس جي وقت آءِ سي سي جي مقرر ڪيل ريفري پيڪرافٽ پاڪ ٽيم جي ڪپتان سلمان آغا کي ڀارت جي ڪپتان سان هٿ نه ملائڻ جي هدايت ڪئي ۽ ايئن ميچ ختم ٿيڻ کان پوءِ ڪرڪيٽ جي ڀائيچاري کي نظر ۾ رکندي کٽندڙ ٽيم هارايل ٽيم جي رانديگرن سان هٿ ملائيندي آهي. جيڪا روايت به نظر نه آئي. تنهن ڪري پاڪستان ڪرڪيٽ بورڊ جي چيئرمين محسن نقويءَ آءِ سي سي کي ان واقعي تي ڪارروائي ڪرڻ لاءِ هڪ خط لکيو آهي ۽ چتاءُ ڏنو آهي ته جيڪڏهن ميچ ريفري پيڪرافٽ کي فوري طور نه هٽايو ويو ته پاڪستان ايشيا ڪپ جون وڌيڪ ميچون نه کيڏندو. هن هڪ بيان ۾ چيو آهي ته ميچ ريفريءَ ڪرڪيٽ جي روح جي خلاف قدم کنيو آهي ۽ آءِ سي سي جي ضابطه اخلاق جي ڀڃڪڙي ڪئي آهي. ان واقعي بابت ٽورنامينٽ جي ڊائريڪٽر اينڊي رسل چيو آهي ته اسان کي ڀارتي ڪرڪيٽ بورڊ کان هدايتون مليون آهن ۽ اهو به چيو ته بورڊ کي وري ڀارتي حڪومت جون هدايتون هيون.

هونئن ته پاڪستان جوڳوڙي عرصي کان اهو خيال آهي ته آءِ سي سي (يعني انٽرنيشنل ڪرڪيٽ ڪائونسل) جيڪا ڪرڪيٽ جا عالمي قانون ناهيندي ۽ لاڳو ڪندي آهي ۽ ڪرڪيٽ ميچن جي سيريز توڙي ٽورنامينٽ جا شيڊول طئي ڪندي آهي تنهن تي ڀارت ڪرڪيٽ بورڊ جو اثر رسوخ ڪجهه گهڻوئي آهي. پر هاڻي پاڪستان جو اهو تاثر باقاعدي عالم آشڪار ٿي چڪو آهي يعني ڀارت جي سياسي مداخلت واضع طور تي نظر اچڻ لڳي آهي خاص طور تي هن سال پاڪستان سان جنگ ڪرڻ کان پوءِ ۽ ان ۾ شڪست کائڻ کان پوءِ ڀارت ڪرڪيٽ جي ميدان کي به ٻنهي ملڪن جي ساڳي جنگ جو ميدان بڻائي ڇڏيو جنهن جو عملي مظاهرو دبئي ۾ هلندڙ ايشياڪپ جي اخلاقي روايت، ڀاپيچاري ۽ ماحول کي خراب ڪيو ويو آهي پر آءِ سي سي کي به ان جنگ ۾ هڪ ڌر بڻايو ويو آهي ۽ آءِ سي سي جيڪو بظاهر غير جانبدار ۽ ڪرڪيٽ جي اصولن کي لاڳو ڪرڻ جو ادارو آهي سو ظاهر ظهور تي پاڪستان جي ميچ ۾ ڀارتي ٽيم جو ونگاري نظر آيو آهي جنهن خود آءِ سي سي جي اداري کي تڪراري بڻائي ڇڏيو آهي. ايئن هاڻي پاڪ ڀارت جي ڪرڪيٽ جي ٽيمن ۾ به چڪتاڻ ۽ بائيڪاٽ ڪرڻ جي جنگ ڇڙي چڪي آهي جنهن ۾ سڀ کان خطرناڪ ڳالهه اها آهي ته آءِ سي سي جيڪو غير جانبدار ادارو آهي سو ڀارت جي سياسي مداخلت کي آفيشلي قبول به ڪري رهيو آهي. آءِ سي سي جي نمائندگي ڪندڙ ٽورنامينٽ جو ڊائريڪٽر ۽ ريفري پاڻ تسليم ڪري رهيا آهن ته انهن ڀارتي ڪرڪيٽ بورڊ جي چوڻ تي پاڪستان جي ڪپتان کي منع ڪيو ته ڪپتان سان هٿ ناهي ملائڻو.

هاڻي جڏهن پاڪستان ڪرڪيٽ بورڊ جي چيئرمين جيڪو ساڳي وقت پاڪستان جي حڪومت ۾ گهرو وزير به آهي تنهن آءِ سي سي کي جيڪو چتاءُ ڏنو آهي ته ميچ ريفري کي نه هٽايو ويو ته اسان ايشياڪپ ۾ وڌيڪ نه کيڏنداسين سو ردعمل به ايشياڪپ ٽورنامينٽ کي ختم نه ته متاثر ضرور ڪري سگهي ٿو ۽ جيڪڏهن آءِ سي سي پاڪستان جو مطالبو نه مڃيو ۽ ان ردعمل ۾ پاڪستان ٽورنامينٽ جو بائيڪاٽ ڪري ٿو ته ڪرڪيٽ جي عالمي برادري به ان فيصلي سان اڳتي هلي به متاثر ٿي سگهي ٿي. ڀارت ان قسم جي غير سنجيدگي جو مظاهرو پاڪستان ۾ ٿيل چيمپينز ٽرافي ۾ به ڪري چڪو آهي جڏهن ان پنهنجي ٽيم کي پاڪستان موڪلڻ کان صاف جواب ڏيندي دبئي ۾ کيڏڻ جي شرط رکي جيڪا به آءِ سي سي قبول ڪئي هئي. جڏهن ته باقي سڀ ٽيمون پاڪستان کيڏڻ آيون هيون. ان ردعمل ۾ پاڪستان به فيصلو ڪيو ته پوءِ اهو به اڳتي ڀارت سان ڀارت ۾ ڪڏهن نه کيڏندو ۽ اهو به ڪنهن نيوٽرل گرائونڊ تي ڀارت سان کيڏندو. هاڻي وري ڀارت جيڪا ايشياڪپ ۾ حرڪت ڪئي آهي سا ايندڙ ورلڊ ڪپ جي ٽورنامينٽ تي به گهرا چڪتاڻ وارا اثر ڇڏي سگهي ٿي جيڪي ڪرڪيٽ جي دنيا ۾ ناقابل برداشت سمجهيا ويندا.

اسان ان حوالي سان پهرين به ايڊيٽوريل لکيو هو ته ڀارت جي انتهاپسند حڪمران جماعت جي انتهاپسند وزيراعظم نريندر موديءَ نه رڳو پاڪ ڀارت جي لاڳاپن ۾ انتهاپسندي ۽ چڪتاڻ وڌائي ڇڏي آهي پر ان سياسي انتهاپسندي ۽ چڪتاڻ سان ڪرڪيٽ جي فضا کي به تڪراري ۽ انتهاپسندي بڻائي ڇڏيو آهي. ٻيو ته ڇڏيو خود آءِ سي سي کي به ان جنگي چڪتاڻ ۾ ملوث ڪري ڇڏيو آهي. تازيون رپورٽون آهن ته آءِ سي سي پاڪستان جو ميچ ريفري کي هٽائڻ جو مطالبو رد ڪري ڇڏيو آهي جنهن تي پاڪستان ايندڙ حڪمت عملي تي سوچڻ شروع ڪيو آهي. جيڪڏهن پاڪستان ايشيا ڪپ جو بائيڪاٽ ڪري ٿو ته اهو ڪرڪيٽ لاءِ ۽ ايشياڪپ لاءِ ڪارو ڏينهن هوندو.

اهڙن واقعن، سانحن ۽ حادثن کان بچڻ جو حل اهو آهي ته آءِ سي سي ڪرڪيٽ ۾ سياسي مداخلت کي رد ڪري ۽ اهڙي اڳرائي ڪندڙ ملڪي ٽيم خلاف سخت ڪارروائي ڪري نه ته ڪي ڪنهن ملڪ جي ونگار وهي. اهوئي بهتر طريقو آهي ته آءِ سي سي کي جرئتمنداڻي پاليسي اختيار ڪرڻي پوندي ۽ ان کي غير جانبداراڻو ڪردار ادا ڪري ڪرڪيٽ جي عالمي برادري کي چڪتاڻ، تڪرار ۽ سياسي مداخلت کان بچائي سگهي ٿو. دنيا جي ٻين ڪرڪيٽ جي ملڪن کي به آءِ سي سي کان غير جانبداري ۽ خود مختياري جو مطالبو ڪرڻ گهرجي اهوئي مسئلي جو آخري حل آهي.

ڀارت جو ڪرڪيٽ ميدانن تائين ڦهليل جنگي جنون!

سيد مجاهد علي

پاڪستان ۽ ڀارت جي وچ ۾ چڪتاڻ ۽ فاصلي جو رويو هاڻي ڪرڪيٽ ۾ به نمايان ٿي ويو آهي. گذريل ڏينهن ايشيا ڪپ ۾ ٻنهي ملڪن جون ٽيمون آمهون سامهون هيون، پر ٽاس جي موقعي تي پاڪستان ۽ ڀارت جي ڪپتانن پاڻ ۾ هٿ نه ملايو ۽ ميچ ختم ٿيڻ کانپوءِ ڀارتي بيٽسمينن به ميدان ۾ موجود پاڪستاني رانديگرن سان هٿ ملائڻ کان انڪار ڪيو. بعد ۾ ميڊيا سان ڳالهائيندي ڀارتي ٽيم جي ڪپتان سوريا ڪمار يادو ٻڌايو ته "هٿ نه ملائڻ جو فيصلو ڀارتي ڪرڪيٽ بورڊ ۽ حڪومت جي فيصلي مطابق هو." يعني رانديگرن کي بورڊ ۽ حڪومت جي طرفان پابند ڪيو ويو هو ته هو ڪنهن به پاڪستاني رانديگر سان هٿ نه ملائين. ٻنهي ملڪن جي وچ ۾ تلخيون اڳ کان موجود هيون، پر مئي ۾ ٿيندڙ فوجي ڇڪرين کانپوءِ اهي فاصلا وڌيڪ وڌي ويا آهن. ٻنهي ملڪن هڪ ٻئي تي ڪيترين ئي پابنديون لاڳو ڪيون آهن، البت راند جو ميدان ئي اهڙي جاءِ هئي جتي ٻنهي ملڪن جي ماڻهن ۾ ڀائپي ۽ ڀائيچاري جو اظهار نظر ايندو هو.

ڀارت ۾ نريندر مودي جي حڪومت ڪافي عرصي کان راندين سان گڏ ثقافت کي به سياسي ضرورتن سان ڳنڍي ڇڏيو آهي. ٻنهي ملڪن جي وچ ۾ اديبن ۽ فنڪارن جو ڏي وٺ بند ٿي چڪو آهي ۽ ڀارتي حڪومت عام طور تي پنهنجي رانديگرن کي پاڪستان سان مقابلي ۾ حصو وٺڻ جي اجازت نٿي ڏئي. ڪرڪيٽ مقابلا خاص طور تي عوامي ڌيان جو مرڪز هوندا آهن. تنهن ڪري حڪومت انهن کي به نشانو بڻايو آهي ۽ پاڪستان ۽ ڀارت جي وچ ۾ ڊگهي عرصي کان ڪو به ٽورنامينٽ نٿو ٿي سگهي. اهڙي پس منظر ۾ رڳو انٽرنيشنل ڪرڪيٽ بورڊ جي بينر هيٺ ٿيندڙ عالمي مقابلائي اهڙا موقعا هوندا آهن جتي ٻنهي ٽيمون هڪ ٻئي سان ٽڪرائينديون آهن.

پابندين ۽ سياسي چڪتاڻ باوجود پاڪستان ۽ ڀارت جي رانديگرن ۾ ذاتي سطح تي دوستاڻا لاڳاپا رهندا آيا آهن. جڏهن به هو هڪ ٻئي سان ٽڪرائيندا آهن ته سخت مقابلو ڪندا آهن، پر انفرادي سطح تي دوستي ۽ رابطو قائم رهندو آهي. اهڙي صورتحال ۾ باوجود شديد اختلافن جي، هڪ ننڍڙي اميد جو ڏيئو ٻرندو رهندو آهي ته ڪنهن نه ڪنهن وقت اهي ٻنهي ملڪن جا ماڻهو پنهنجن مسئلن جو حل ڳوليندا. پر سياسي ايجنڊا تي نفرت ڦهلائيندڙ گروهن لاءِ اها صورتحال به قابلِ قبول ناهي. ڪجهه ڏينهن اڳ ايشيا ڪپ جي ميچ ۾ نه ٽاس تي ڀارتي ڪپتان سوريا ڪمار ياديو پاڪستاني ڪپتان سلمان علي آغا سان هٿ نه ملائڻ لاءِ تيار ٿيو ۽ نه ئي پاڪستان کي 7 وڪيٽن تان شڪست ڏيڻ کان پوءِ ڀارتي بيٽسمينن حسبِ روايت هٿ ملايو.

هاڻي پاڪستان ڪرڪيٽ بورڊ ميچ ريفري اينڊي پائيڪرافٽ خلاف آءِ سي سي سان شڪايت ڪئي آهي ۽ چيو آهي ته جيڪڏهن هن ريفري کي ايشيا ڪپ مان ٻاهر نه ڪيو ويو ته پاڪستاني ٽيم ٽورنامينٽ جي ڪنهن به ميچ ۾ شرڪت نه ڪندي. الزام آهي ته ٽاس جي موقعي تي ريفري ٻنهي ڪپتانن کي چيو هو ته هو هڪ ٻئي سان هٿ نه ملائن. اجا تائين اها وضاحت ناهي ٿي ته هن کي اهڙي هدايت ڏيڻ جي ضرورت ڇو پيش آئي. پائيڪرافٽ جو موقف آءِ سي سي کي ڏنل رپورٽ ۾ سامهون ايندو. پر ڀارتي ڪپتان ميچ کانپوءِ پريس ٽاڪ ۾ صاف چيو ته هنن حڪومت جي پاليسي تحت هٿ ملائڻ کان انڪار ڪيو. ڪو به رانديگر پنهنجي حڪومت جي حڪم جي ڀڃڪڙي نه ٿو ڪري سگهي، پر هن رويي راند جي غيرجانبدار ماحول ۾ سياسي آلودگي شامل ڪري ڇڏي آهي، جيڪا ٻنهي ملڪن ۾ نفرت وڌائڻ جو سبب بڻجندي.

انڊين ڪپتان سوريا ڪمار يادو پريس ڪانفرنس دوران اپريل ۾ ٿيل پهلگام سانحي جو ذڪر ڪيو ۽ شهيدن سان يڪجهتي ظاهر ڪئي. ان کان علاوه هن چيو ته هو پنهنجي ڪاميابي ڀارتي فوجين جي نالي ڪن ٿا. ڪنهن به ٽيم جي ڪپتان لاءِ اهڙي ڳالهه چوندڙ نه رڳو نامناسب پر غيرذميوارانه هئي، پر لڳي ٿو ته هن کي اهي ڳالهيون چوندي خاص هدايت ڏني وئي هئي. اها ڀارتي حڪومت جي نفرت تي ٻڌل پاليسي هئي، جنهن ڪرڪيٽ جي ميدان کي دوستيءَ بدران نفرت ڦهلائڻ جو ذريعو بڻايو. عام طور تي راندين ۾ حڪومت جي مداخلت کي ناپسند ڪيو ويندو آهي، پر ڀارتي ڪرڪيٽ بورڊ حڪومتي اشارن تي هلندو آهي ۽ آءِ سي سي ڀارتي بورڊ جي مالي حيثيت سبب ان کي ڪجهه چوڻ ۾ ناڪام ٿي وڃي ٿي. پاڪستان ۽ ڀارت جي وچ ۾ ٻولي، ثقافت، روايتن ۽ ريتن رسمن ۾ ڪيترا ئي گڏيل قدر آهن. ٻنهي ملڪن جا ماڻهو پاڻ کي ويجهو محسوس ڪندا آهن، پر سياسي ۽ مذهبي بنيادن تي وڌايل انتهاپسندي سبب انهن دلين ۾ نفرت جو ٻج وڌو پيو وڃي. اهو رويو نه صرف راندين لاءِ افسوسناڪ آهي پر ٻن ايٽمي هٿيارن سان ليس ملڪن ۾ جنگ جو ماحول پيدا ڪري سگهي ٿو. حقيقت ۾ ٻنهي ملڪن جي اڳواڻن کي سياسي اختلافن باوجود سماجي سطح تي نفرت کان پاسو ڪرڻ گهرجي ته جيئن رابطا شروع ٿي سگهن ۽ مسئلن تي ڳالهين لاءِ ميدان تيار ٿي سگهي. ڀارتي اڳواڻ پنهنجي طاقت ۽ غرور ۾ شايد پاڪستان جي ڳالهه کي نظرانداز ڪن، پر هر ذي شعور ڄاڻي ٿو ته ڪا به ڳنڀير چڪتاڻ صرف ڳالهين ذريعي ئي حل ٿي سگهي ٿي، جنگ ذريعي نه.

پهلگام سانحي تي ڀارت ۾ جيڪو صدمو محسوس ڪيو ويو، پاڪستان جا عام ماڻهو به ان تي ڏک ۾ شامل هئا. پر مودي حڪومت ان سانحي کي سياسي طور استعمال ڪيو ۽ بنا ڪنهن ثبوت جي پاڪستان تي الزام هنيو. ساڳئي وقت پاڪستان به ڀارت تي الزام رکي ٿو ته هو خيبرپختونخوا ۽ بلوچستان ۾ دهشتگرديءَ کي اسپانسر ڪري ٿو. اهڙن الزامن مان سياسي فائدو ته ملي سگهي ٿو پر مسئلا حل نه ٿيندا. عوام کي ڀڙڪائي پاڙي ملڪ خلاف نفرت سيکارڻ سان رڳو وڏا مسئلا جنم وٺندا. ٻنهي ملڪن کي پنهنجي غريب عوام جي ڀلائي ۽ امن لاءِ ڪنهن به ٽڪر کان بچڻ جي سخت ضرورت آهي. دبئي ۾ ايشيا ڪپ دوران اختيار ڪيل رويي ۽ پوءِ پريس ڪانفرنس ۾ سانحي کي سياسي بڻائڻ سبب معاملن ۾ پيچيدگيون وڌنديون. اهڙي صورتحال ۾ مستقبل جي ميچن کان پوءِ رانديگر راند بدران سياسي بيان ڏيندا نظر ايندا. اهو رويو راند جي روح جي خلاف هوندو ۽ امن جي اميد ختم ڪرڻ برابر هوندو. ڀارتي اختيارين کي سوچڻ گهرجي ته جيڪڏهن سڀاڻي ڪنهن پريس ڪانفرنس ۾ ڪو پاڪستاني ڪپتان ڪشمير ۾ ڀارتي مظالم جو ذڪر ڪرڻ لڳي ته نئين دهلي جو ردعمل ڇا هوندو؟

بيشڪ پاڪستان ۽ ڀارت جي وچ ۾ ڪيترائي سنجيده مسئلا موجود آهن، پر دانشمندي ان ۾ آهي ته انهن ۾ وڌيڪ اضافو نه ڪيو وڃي. ٻنهي طرفن جي اڳواڻن کي سمجهڻ گهرجي ته نفرت وڌائڻ آسان آهي، پر هڪ ڀيرو هي جن ٻاهر نڪري آيو ته واپس بوتل ۾ بند ڪرڻ مشڪل ٿيندو. تنهنڪري بهتر آهي ته ڳالهه ٻولهه ۽ دوستيءَ جو در کوليو وڃي ۽ هر موقعو فاصلا وڌائڻ بدران گهٽائڻ لاءِ استعمال ڪيو وڃي.

****

ٻوڏ جو سبب درياهه جي لنگهن تي قبضا ۽ بدانتظامي آهي

اسحاق سومرو

مختلف درياهن جو پاڻي هزارين ميلن جو طويل سفر طئي ڪري سنڌو درياهه مان گذري پنهنجي آخري منزل سمنڊ ڏانهن وڃي رهيو آهي. سنڌ جو سوين ميل ڪچي وارو علائقو پنجن درياهن جي پاڻي کي گذاري رهيو آهي. سنڌ پڇڙي ۾ هجڻ جي ڪري انهن پنجن ئي درياهن جي تيز لهرن جو هڪڙوئي قدرتي گس آهي. اهوئي سبب آهي جو سنڌ کي سدائين ننڍي توڙي وڏي ٻوڏ لاءِ تيار رهڻو آهي. پنجاب جي "پنجند" وٽ پنجن ئي درياهن ستلج، راوي، چناب، جهلم ۽ خود سنڌوءَ جو پاڻي گڏ ٿي، ڪوٽ مٺڻ کان ٿيندو گڊو بئراج وٽان سنڌ ۾ داخل ٿيندو آهي. جيستائين اهو پاڻي سمنڊ جي اندر ڇوڙ ن ڪندو آهي تيستائين سنڌ وارن جو ساهه مٺ ۾ هوندو آهي.

پنجاب مان گذرندڙ درياهن ۾ پاڻي جي غيرمعمولي واڌ جي ڪري پنجاب جي هيڊورڪس، بئراجن تي سخت دٻاءُ هجڻ ۽ انهن جي لڙهي وڃڻ جي ڊپ کان پنجاب جي حڪومت ڪيترن ئي بندن کي مصنوعي طريقن يعني "بم ڌماڪا" ڪري توڙي، پاڻي جي ڏور ۾ گهٽتائي ڪري صوبي جي ڪجهه بئراجن ۽ اهم شهرن کي ٻڏڻ کان بچايو آهي، پر ان جي ڪري ٻيا ڪيترائي غير اهم شهر ۽ علائقا ٻڏي ويا. جتان لکين ماڻهن کي عارضي لڏپلاڻ ڪرڻي پئي آهي. پاڻي جي انهي ڏور ٽٽڻ جي ڪري پاڻي جي واڌ ۾ خاطرخواهه گهٽتائي ٿي آهي جنهن جو سنڌ کي فائدو پهچي رهيو آهي.

سنڌو درياءَ، دنيا جي سڀ کان وڏن دريائي نظامن مان هڪ آهي، تقريبن 7,000 ڪلوميٽر ٻوڏ کان بچاءَ وارن بندن ۽ تقريبن 1,400 اسپرن ۾ ورڪوڙيل آهي. سنڌ ۾ درياهه ڪشمور کان وٺي ڪيٽي بندر تائين پوري سنڌ کي سيراب ڪري ٿو. 1842 ۾ جڏهن انگريزن سنڌ کي فتح ڪيو ت سنڌ کي زرخيز بنائڻ لاءِ اَناج پيدا ڪرڻ لاءِ 1943 ۾ ئي ٻيلن ۽ آبپاشي جي محڪمن جو بنياد رکيو. 1860 ۾ درياهه جي پاڻي کي قابو ۾ آڻڻ لاءِ ان جي ٻنهي پاسن کان بند ٻڌڻ جي شروعات ڪئي وئي جيئن سنڌ جي ڇڙ وڇڙ پاڻي کي زرعي استعمال ۾ آڻي سگهجي. اڳتي هلي 1932 ۾ سکر بئراج جي تعمير مڪمل ڪئي وئي. جنهن سان سنڌ ۾ درياهه جي پاڻي جي رسد کي زراعت لاءِ ڪم آڻڻ جي شروعات ڪئي وئي. ان سان سنڌ ۾ زراعت جي شعبي ۾ وڏي پيماني تي ترقي ٿي، درياهه جي وچ واري علائقي کي "ڪچي" جو نالو ڏنو ويو.

آبپاشي جي ماهرن، درياهه سنڌ ۾ ايندڙ ٻوڏ واري پاڻي جي ٽن حصن ۾ درجابندي ڪئي آهي. 50 هزار کان هڪ لک ڪيوسڪ واري وهندڙ پاڻي کي عام ٻوڏ سڏيو آهي. ان سان ڪچو بلڪل محفوظ رهندو آهي. هڪ لک کان ٻه لک ڪيوسڪ تائين وهڪرو وهي ته ان سان ڪچي جو صرف 10 سيڪڙو ايراضي پاڻي هيٺ اچي ويندو ٻن کان ٽن لکن ڪيوسڪ واري پاڻي سان ڪچي جو 20 سيڪڙو متاثر ٿيندو جيڪڏهن درياهه ۾ 4 لک ڪيوسڪ جي ٻوڏ اچي ت ان سان 35 کان 40 سيڪڙو ڪچو پاڻي هيٺ اچي ويندو جنهن سان فصلن ۽ گهرن کي نقصان پهچندو. 5 لکن کان مٿي پاڻي اچڻ سان 60 کان 70 سيڪڙو ايراضي پاڻي هيٺ اچي ويندي. 7 لک ۽ ان کان وڌيڪ ڪيوسڪ پاڻي جي وهڪري اچڻ جي صورت ۾ ڪچي جو 90 سيڪڙو حصو ٻڏي ويندو آهي.

سنڌ جو ڪچي وارو علائقو جيڪو ڪشمور کان درياهه جي پڇاڙ يعني ڊيلٽا تائين اچي وڃي ٿو، جنهن ۾ 20 لک 11 هزار 2 سوءَ ايڪڙ ايراضي اچي وڃي ٿي. جنهن مان 10 لک ايڪڙ زمين زرعي استعمال هيٺ آهي. 6 لک ايڪڙ درياهه جي وچ وارو حصو آهي. 4 لک 50 هزار ايڪڙ ٻيلي کاتي جي زير استعمال آهي. باقي بچيل 50 هزار ايڪڙ زمين ڍنڍون، ڳوٺ وغيره اچي وڃن ٿا جتي ڪاب پوک ن ٿي ٿئي.

اڄ کان 50 سال اڳ ڪچي جي علائقي م ساڍا ست لک ماڻهو آباد هئا، جتي هاڻي ڪچي ۾ رهندڙن جو تعداد 35 لکن کان ب وڌيڪ آهي. جيڪو تعداد دنيا جي ڪيترن ئي ملڪن کان ب وڌيڪ آهي جن ۾ ڪويت، قطر، بحرين، بوسنيا هورزگينيا، جميڪا، آرمينيا، لتونيا، ماريطانيا، موناڪو، جبرالٽر، البانيا، لڪسمبرگ، مالديپ، برونائي، ڀوٽان، گرينڊا، باربادوس، سميت اٽڪل 70 ملڪن کان ب سنڌ جي ڪچي واري علائقي جي آبادي وڌيڪ آهي. سرڪاري انگن اکرن مطابق 17 لک 80 هزار کان ب وڌيڪ ڪچي جي ايراضي بااثر جاگيردارن جي قبضي هيٺ آهي. جتي سندن "ڪيٽيون" ڍنڍون، پڪا خانگي گهر، ٽيوب ويل، توڙي غير قانوني بند ٻڌائي پوکي ٿي رهي آهي. اڄ کان 45 سال اڳ ڪچي ۾ 42 سيڪڙو ايراضي تي ٻيلا هئا، اتي هاڻي زرعي زمين جي پوکيءَ جي ڪري ٻيلن جو تعداد صرف 5 سيڪڙو کان ب گهٽ آهي جنهن ڪري درياهه جو قدرتيَ نظام سخت متاثر ٿي رهيو آهي.

سنڌ جي ٻيلي کاتي طرفان "درياهي ٻيلن" جي واڌ لاءِ 2004 ۾ "ايگرو فاريسٽ ليز پاليسي" متعارف ڪرائي وئي. جنهن تحت ڪچي جي هزارين ايڪڙ زمين ليز تي ڏني وئي ان تحت هزارين ماڻهن ان مان فائدو ورتو، وڏي مقدار ۾ زمين ليز تي حاصل ڪئي، جن طرفان زرعي زمينون آباد ڪرڻ، ٻيلا ڪٽڻ سان، زميندارن بندن جي غيرقانوني اڏاوتن، جي ڪري سنڌو مان سولائي سان پاڻي جي گذرڻ ۾ رڪاوٽون اچڻ شروع ٿيون.

ان ڪانسواءِ سنڌو درياهه تي اڏيل نئين پلين خاص طور تي لاڙڪاڻي ۽ خيرپور کي ملائيندڙ پل جيڪا 1.22 ڪلوميٽرن تي آهي، جڏهن ت اتي درياهه جو پيٽ، ٻن بندن جي وچم ڪچو 13 ڪلوميٽر آهي. اهڙي طرح قاضي احمد ۽ آمري واري پل 1.32 ڪلوميٽرن تي اڏيل آهي جتي درياهه جو ڪچو ايريا 9 ڪلوميٽر ويڪرو آهي. درياهه جي مٿان اڏيل انهن پلين جا ٿنڀا ۽ درياهه جو پيٽ سوڙهو ٿي وڃڻ جي ڪري پاڻي جي وهڪري ۾ رڪاوٽون اچڻ ٿيون. جيئن 2010 ۾ سکر کان ڪوٽڙي بئراج تائين پاڻي جي پهچڻ ۾ 400 ڪلاڪ لڳا هئا. جيڪو عام وهڪرو پلين جي اڏاوتن کان پهرين، رڪاوٽون ن هجڻ جي ڪري سکر کان ڪوٽڙي بئراج تائين 72 ڪلاڪن ۾ پهچندو هو.

فطرت جي ڄاڻيندڙن جو چوڻ آهي ته ٻوڏون کي اسان جون دشمن نه آهن، پر اها انسانن جي غير فطري مداخلت آهي جنهن انهيءَ نيڪي واري غنيمت کي بدي ۾ تبديل ڪري ڇڏيو آهي. ڇاڪاڻ ته هزارين سالن تائين، انسان ۽ درياهن مان وهندڙ پاڻي هڪ ٻئي سان گڏ رهندو پي آيو پر جڏهن انهن فطرت سان هٿ چراند ڪئي ته ان جي ڪري ئي ڪين هاڻي ڀوڳڻو پئجي رهيو آهي. ٻوڏ جو اچڻ ڪو ڏوهه ناهي. ٻوڏ جي آفتن کي منهن ڏيندڙ منتظم ئي ان جا جا ذميوار آهن. پاڪستان ۾ ٻوڏن جي اچڻ واري انتظام ڪاري کي ئي بهتر بڻائڻو پوندو. انهيءَ جا قوي امڪان آهن ته جيڪڏهن سنڌ حڪومت بندن جي حفاظت کي يقيني بڻائي عظيم سنڌوءَ جي مٺي پاڻي کي سمنڊ تائين پهچايو ته ڪو به وڏو مالي ۽ جاني نقصان نه ٿيندو.

فطرت جي ڄاڻيندڙن جو چوڻ آهي ته ٻوڏون کي اسان جون دشمن نه آهن، پر اها انسانن جي غير فطري مداخلت آهي جنهن انهيءَ نيڪي واري غنيمت کي بدي ۾ تبديل ڪري ڇڏيو آهي. ڇاڪاڻ ته هزارين سالن تائين، انسان ۽ درياهن مان وهندڙ پاڻي هڪ ٻئي سان گڏ رهندو پي آيو پر جڏهن انهن فطرت سان هٿ چراند ڪئي ته ان جي ڪري ئي ڪين هاڻي ڀوڳڻو پئجي رهيو آهي. ٻوڏ جو اچڻ ڪو ڏوهه ناهي. ٻوڏ جي آفتن کي منهن ڏيندڙ منتظم ئي ان جا جا ذميوار آهن. پاڪستان ۾ ٻوڏن جي اچڻ واري انتظام ڪاري کي ئي بهتر بڻائڻو پوندو. انهيءَ جا قوي امڪان آهن ته جيڪڏهن سنڌ حڪومت بندن جي حفاظت کي يقيني بڻائي عظيم سنڌوءَ جي مٺي پاڻي کي سمنڊ تائين پهچايو ته ڪو به وڏو مالي ۽ جاني نقصان نه ٿيندو.

بقايا 01 *++*++

سنگين مسئلا پيدا ٿيندا جن کي سنڀالڻ مشڪل هوندو هن ٻڌايو ته وزيراعظم شهباز شريف پ پ چيئرمين بلاول ڀٽو جي تجويز تي نوٽيس وٺندي ايگريڪلچرل ايمرجنسي لاڳو ڪئي آهي ۽ وفاقي سطح تي هڪ ڪميٽي به جوڙي وئي آهي. جنهن ۾ صوبن جا نمائندا شامل آهن جيڪي موجوده صورتحال جي حل لاءِ قدم کڻندا. مراد علي شاهه چيو ته پ پ چيئرمين بلاول ڀٽو زرداري جي هدايت تي سنڌ حڪومت هارين جي امداد لاءِ هڪ پيڪيج جو خاڪو تيار ڪيو آهي جنهن جا تفصيل ايندڙ هفتي سامهون آندا ويندا. هن چيو ته چيئرمين بلاول ڀٽو جو وزن هو ته گڏيل قومن جي سطح تي فليش اپيل ڪئي وڃي. گذريل ڏينهن وزيراعظم جي صدارت هيٺ ٿيل گڏجاڻي ۾ اهو معاملو بحث هيٺ آيو جنهن تي سنڌ سميت سمورين صوبائي حڪومتن اتفاق ڪيو هن ٻڌايو ته ٻوڏ جي شروعات تي ئي سنڌ حڪومت پنهنجي تياري شروع ڪري ڇڏي هئي جنهن ۾ اولين ترجيح ماڻهن جون حياتيون بچائڻ آهي. بيراجن کي محفوظ بنائڻ ۽ بندن کي مضبوط ڪرڻ هو هن چيو ته ٻوڏ جو پاڻي گڊو بيراج تان گذري چڪو آهي هاڻ انهي ۾ گهٽتائي اچڻ شروع ٿي وئي آهي جڏهن ته هن وقت سکر بيراج تي پيڪ موجود آهي اميد آهي ته اڄ اتي به صورتحال بهتر ٿيڻ شروع ٿي ويندي. سنڌ جي وڏي وزير چيو ته هاڻ پاڻي سکر مان ڪوٽڙي طرف وڌي رهيو آهي، جتي چوندڙ نمائندا ۽ ڊيزاسٽر مينجمينٽ جون ٽيمون موجود آهن جيئن پاڻي خيريت سان گذري سگهي، اڳڪٿي موجب 8 کان 11 لک ڪيوسڪ پاڻي اچڻ جو امڪان هو انهي حساب سان سنڌ صوبي پنهنجي تياري مڪمل ڪري ڇڏي آهي.

بقايا 02 *++*++

پنهنجي ڪنوار کي کڻڻ لاءِ ٻيڙي تي پهتو ۽ ڪنوار کي شادي ڪري وٺي آيو. جنهن جي وڊيو سوشل ميڊيا تي وائرل ٿي وئي. وائرل وڊيو ۾ اهو ڏسي سگهجي ٿو ته تباهي واري ٻوڏ جي صورتحال جي باوجود زنده دل ٻهادر جوڙي شادي ڪئي، جڏهن سڄي زميني رستا ٻوڏ جي پاڻي ۾ ڦاسي ويا ته ته بچاءَ واريون ٻيڙيون مدد لاءِ پهتيون. ڪنوار کي ڳاڙهو جوڙو پاتل هيو، جڏهن ته گهوٽ ۽ سندس خاندان بچاءَ واري ٻيڙين تي چڙهندي مسڪرائي رهيا هئا. چاچي بچاءَ واري ٻيڙين ۾ سوار ٿيا ۽ دهل، ٻارن جي ڪل ۽ شادي جي گيتن جي گونج سان، جلوس دلن سان گڏ محفوظ طور تي گهوٽ جي گهر پهچي ويو، جڏهن وڊيو سوشل ميڊيا تي وائرل ٿي، ته صارفين مخلوط ردعمل جو اظهار ڪيو.

بقايا 03 *++*++

تائين صوبي ۾ اجا تائين ڪڻڪ خريد نه ڪئي وئي آهي، تنهن ڪري هن سال ڪڻڪ جي خريداري نه ٿيڻ سبب، بلوچستان ۾ ڪڻڪ جو اسٽاڪ زيرو تي وڃي آهي. ذريعن جو چوڻ آهي ته ڪابينا جي منظوري سان، صوبي ۾ 2023 جو اسٽاڪ جاري ڪيو ويو آهي، جڏهن ته، بلوچستان ۾ سيپٽمبر 2025 کان مارچ 2026 تائين ڪاتي وٽ ڪڻڪ موجود ناهي. ذريعن جو چوڻ آهي ته موجوده ڪڻڪ جي بحران کي منهن ڏيڻ لاءِ بلوچستان حڪومت کي هڪ سمري موڪلي وئي آهي. سمري ۾ پاسڪو يا پنجاب حڪومت کان 500,000 ٿيلها ڪڻڪ جي خريداري جي سفارش پڻ ڪئي وئي آهي. ذريعن وڌيڪ چيو ته بلوچستان ڪابينا جي منظوري کان پوءِ ڪڻڪ جي خريداري جو عمل اڳتي وڌايو ويندو.

بقايا 04 *++*++

بروقت ۽ جامع طبي سهولتون فراهم ڪري رهيون آهن. اطلاعات کاتي سنڌ جي ترجمان موجب پي پي ايڇ آءِ سنڌ اڄ تائين مجموعي طور 1042 ميڊيڪل ڪيمپس قائم ڪيا آهن، جتي 71 هزار 408 مريضن کي علاج جي سهولت ڏني وئي. انهن ۾ 13 هزار 919 ٻارڙا، 20 هزار 658 نزلو زڪام، 6 هزار 1 دست، 5 هزار 574 مليريا، 18 هزار 637 چمڙي جي بيمارين ۽ 2 هزار 674 اکين جي سور (آشوب چشم) جا مريض شامل آهن. ان سان گڏ 320 ماڻهن کي فيملي پلاننگ، 399 عورتن کي اينٽي نيٽل ڪيئر، 9 عورتن جي نارمل ڊليوري، 124 کي پوسٽ نيٽل ڪيئر مهيا ڪئي وئي، جڏهن ته مجموعي طور 6 هزار 960 ليبارٽري ٽيسٽس به ڪيا ويا. اطلاعات کاتي موجب، صرف اڄ جي ڏينهن پي پي ايڇ آءِ پاران 65 ميڊيڪل ڪيمپس لڳايا ويا، جن ۾ 4 هزار 647 مريض جو علاج ڪيو ويو. انهن ۾ 866 ٻارڙا، 1373 نزلي زڪام، 352 دستن، 349 مليريا، 1255 چمڙي جي بيمارين، 240 آشوب چشم ۽ 5 نانگ جي ڏنگ جا مريض شامل هئا. رپورٽ ۾ ڄاڻايو ويو ته اڄ 20 ماڻهن کي فيملي پلاننگ، 26 عورتن کي اينٽي نيٽل ڪيئر، 5 عورتن کي پوسٽ نيٽل ڪيئر ڏني وئي، جڏهن ته 522 ليبارٽري ٽيسٽس به ڪيا ويا. خوشقسمتي سان، ڪنهن به قسم جي موت جي رپورٽ نه ٿي. پي پي ايڇ آءِ سنڌ مطابق، هن وقت 4 هيلٿ فئسلٽيز پاڻي هيٺ آيون آهن، پر فوري متبادل بندوبست ڪيو ويو آهي ۽ ڪا به هيلٿ فئسلٽي بند ناهي ٿي، اداري ٻڌايو آهي ته ان جون ٽيمون هاءِ الرٽ تي آهن ۽ هر قسم جي هنگامي صورتحال ۾ فوري طبي امداد ڏيڻ لاءِ سرگرم آهن.

بقايا 05 *++*++

فغان طالبان حڪومت کان مطالبو ڪيو آهي ته هو عالمي سطح تي تسليم ٿيل دهشتگرد تنظيم تحريڪ طالبان پاڪستان کان پري رهي ۽ پنهنجي سرزمين تان انهن جي خاتمي جا واعدا پورا ڪري. اسلام آباد اهو پيغام پاڪستان ۾ مقرر افغان عبوري سفير سردار احمد شڪيب وسيلي پهچايو، جنهن کي ويجهڙائي ۾ پرڏيهي کاتي ۾ طلب ڪيو ويو هو. پاڪستان طرفان ڪيس واضح لفظن ۾ آگاهه ڪيو ويو ته افغان طالبان حڪومت اهو يقيني بڻائي ته سندن سرزمين دهشتگردي جي ڪِريل سرگرمين لاءِ استعمال نه ٿئي. پاڪستاني پرڏيهي کاتي سفير کي فتنه الخوارج دهشتگردن جي تازي سرگرمين ۾ واڌ کي نظر ۾ رکندي طلب ڪيو. انهن دهشتگردن افغانستان جي سرزمين تي پناهه ملي رهي آهي ۽ ڪين ڀارتي ڳجهي ايجنسي را جي طرفان مڪمل مالي امداد ۽ سرپرستي حاصل آهي. اعليٰ سفارتي ذريعن جو چوڻ آهي ته افغان عبوري سفير سردار احمد شڪيب کي پرڏيهي کاتي ۾ طلب ڪيو ويو. ايڊيشنل پرڏيهي سيڪريٽري سيد علي اسد گيلاني طالبان جي نمائندي کي پاڪستان جي تنبيهه پهچائي. ان دوران، افغانستان لاءِ پاڪستان جو خاص نمائندو محمد صادق خان گڏيل عرب امارتن مان واپس اچي ويو آهي، جتي هو افغانستان بابت هڪ اڻ اعلانيل مشن تي ويو هو. هو پنهنجي ڪارروائيءَ بابت تفصيلي رپورٽ وزيراعظم کي پيش ڪندو. امڪان آهي ته هو هلندڙ هفتي سينيئر عملدارن جي هڪ وفد جي اڳواڻي ڪندي ڪابل ويندو.

بقايا 06 *++*++

نه آهي، اهو هر حالت ۾ يقيني بڻايو وڃي. ان سلسلي ۾ وڏي وزير چيف سيڪريٽري آصف حيدر کي هدايت ڪئي آهي ته ڪچي جي علائقن جي انفراسٽرڪچر لاءِ تفصيلي منصوبي تيار ڪيو وڃي جنهن ۾ روڊ، اسڪول، اسپتالون، ڊسپينسريون ۽ ٽرانسپورٽ جون سهولتون شامل هجن. هن اها ڳالهه ڪالهه وزيراعليٰ هائوس ۾ ٿيل هڪ اجلاس ۾ ڪئي، جنهن ۾ صوبائي گهرو وزير ضياءُ الحسن لنجار، ميئر ڪراچي مرتضيٰ وهاب، چيف سيڪريٽري آصف حيدر شاهه، آءِ جي سنڌ غلام نبي ميمڻ، گهرو سيڪريٽري اقبال ميمڻ، پرنسپل سيڪريٽري آغا واصف، ڪمشنر ڪراچي حسن نقوي، سينيئر ميمبر بورڊ آف ريوينيو خالد حيدر شاهه، سيڪريٽري بلديات وسيم شمشاد، ايڊيشنل آءِ جي آزاد خان، واٽر بورڊ جو سي او اسد الله خان ۽ ٻين اعليٰ عملدارن شرڪت ڪئي. اجلاس ۾ وڏي وزير يقين ڏياريو ته جڏهن به ٻوڏ جي صورتحال بهتر ٿيندي ته بحالي ۽ ترقياتي منصوبا شروع ڪيا ويندا. اجلاس ۾ وڏي وزير سيد مراد علي شاهه پوليس اختيارين کي هدايت ڪئي ته ڌاڙيلن خلاف انٽيليجنس بنيادن تي آپريشن ۾ وڌيڪ تيزي آندي وڃي ۽ ڪچي جا علائقا ٻوڏ جي پاڻي ۾ آيل آهن ۽ ڌاڙيل اتان نڪري ويا هوندا اهو ئي وقت آهي ته انهن کي ختم ڪيو وڃي. آپريشن کي هر حال ۾ تيز ڪيو وڃي. گهرو وزير ضياءُ الحسن لنجار ۽ آءِ جي غلام نبي ميمڻ وڏي وزير کي آپريشن جي اڳڀرائي بابت آگاهه ڪيو اجلاس کي ٻڌايو ويو ته آڪٽوبر 2024 کان ڪچي علائقي ۾ ٽيڪنالاجي بنياد تي آپريشن ۾ تيزي آندي وئي آهي. اجا تائين 760 ٽارگيٽڊ آپريشن ۽ 352 سرچ آپريشن ڪيا ويا آهن. جنوري 2024 کان اڄ تائين 159 ڌاڙيل ماريا ويا آهن سيد مراد علي شاهه چيو ته گهوٽڪي ڪنڌڪوٽ پل جي تعمير سان سمورو علائقو کلي ويندو. رابطن ۾ بهتري ايندي ۽ امن امان جي صورتحال ۾ به سڌارو ايندو هن وڌيڪ چيو ته سنڌ حڪومت جي پهرين ترجيح هر حال ۾ امن امان جي بحالي آهي. جڏهن ته هڪ ٻي اجلاس ۾ وڏي وزير مراد علي شاهه ڪراچي ۾ غيرقانوني هائيڊرنٽس ۽ ٽينڪرن خلاف ڪارروائي جو جائزو ورتو ميئر ڪراچي مرتضيٰ وهاب ٻڌايو ته اجا تائين 243 غيرقانوني هائيڊرنٽس ڊاهي پٽ ڪيا ويا آهن، 212 ڪيس داخل ڪيا ويا آهن ۽ 103 ماڻهو گرفتار ڪيا ويا آهن. هن وڌيڪ ٻڌايو ته هيستائين 3200 ٽينڪر کي ڪيو آر ڪوڊ ذريعي رجسٽرڊ ڪيو ويو آهي جنهن سان پاڻي جي ورهاست جو نظام بهتر ٿيو آهي وڏي وزير هدايت ڪئي ته غيرقانوني ٽينڪر مافيا خلاف ڪريڪ ڊائون ان وقت تائين جاري رکيو وڃي.

بقايا 07 *++*++

موجب، اسلام ڪوٽ ۾ مريضن جي روزاني ڊينگي مثبت ٽيسٽ جي شرح 54 سيڪڙو تائين پهچي وئي آهي، صوبائي صحت کاتي چيو آهي ته گذريل هفتي دوران شهر جي چئن پاڙن ۾ 100 مريضن ۾ ڊينگي جي تصديق ٿي آهي، ان حوالي سان، رورل هيلٿ سينٽر جي ايڊمنسٽريٽر چيو ته رورل هيلٿ سينٽر اسلام ڪوٽ ۾ صرف 10 بيڊ آهن، باقي مريض گهرن ۾ آئسوليٽ ٿيل آهن. ڊي ايڇ او هيلٿ ٿرپارڪر موجب، بيڊ وڌائڻ لاءِ متبادل جڳهن جو بندوبست ڪيو پيو وڃي، جڏهن ته اڄ کان شهر ۾ مڇر مار اسپري ۽ مڇر داڻيون پڻ ورهايون وينديون. ٻئي طرف، مريضن شڪايت ڪئي ته انهن کي اسپتال ۾ داخل نه ڪيو پيو وڃي ۽ گهر ۾ علاج ممڪن ناهي.

بقايا 08 *++*++

ڪيسز تي قانون موجب ڪارروائي ڪريو عدليه ماتحت عدالتن تي نظر رکي ها ته اسان جي 3 ماڻهن کي 100 سال جي سزا نه ملي ها، هاڻ سزائن جو آچر بازار ختم ٿيڻ گهرجي. نفرتن سان حڪومت ڪرڻ سان پاڪستان جو نقصان ٿيندو. رپورٽ موجب بيرسٽر گوهر پشاور هاءِ ڪورٽ ۾ صحافين سان ڳالهيون ڪندي چيو ته اڄ عمر ايوب، شبلي فراز ۽ عبداللطيف جي نااهلي بابت درخواست جي ٻڌڻي هئي، انهن ڪيسز ۾ اليڪشن ڪميشن غيرقانوني طور تي نااهل ڪيو آهي. هن چيو ته اڄ 3 وڳي پاڪستان تحريڪ انصاف جو خيبرپختونخواهه هائوس ۾ پارلياماني اجلاس آهي جنهن ۾ امن، امان، افغانستان ۽ ٻوڏ جي صورتحال تي پارلياماني پارٽي کي بريفنگ ڏيندا. بيرسٽر گوهر چيو ته عدالت کي استدعا ڪئي ته سياڻي ٻڌڻي ڪرڻ گهرجي. عدليه سان اميد جڙيل آهي. عدليه کي چئون ٿا ته رليف ۽ انصاف ٿيندي نظر اچڻ گهرجي. ڪالهه اسلام آباد هاءِ ڪورٽ جي جسٽس طارق جهانگير سان جيڪو ڪجهه ٿيو اهو افسوسناڪ آهي. پي ٽي آءِ چيئرمين چيو ته ڪنهن به جج کي عدالتي معاملن کان روڪي نٿو سگهجي. عوام جو ڀروسو ئي عدليه تان ڪافي پروسو ختم ٿي چڪو آهي. سپريم ڪورٽ انهي معاملي ۾ ايڪشن ڪٿي، اسلام آباد هاءِ ڪورٽ ۾ پي ٽي آءِ باني عمران خان جا ڪرمنل ڪيسز جلد ٻڌا ويندا. هن چيو ته هن وقت عوام مايوسي جي عالم ۾ آهي، چيف جسٽس کان درخواست آهي ته اسان جي ٻڌڻي هيٺ ڪيسز تي قانون موجب ڪارروائي ڪئي وڃي. بيرسٽر گوهر چيو ته عدليه ماتحت عدالتن تي نظر رکي ها ته اسان جي 3 ماڻهن کي 100 سالن جي سزا نه ملي ها، هاڻ سزائن جو آچر بازار ختم ٿيڻ گهرجي، نفرتن سان حڪومت ڪرڻ سان پاڪستان جو نقصان ٿيندو

بقايا 09 *++*++

ملڻ جو انڪشاف ٿيو آهي. رپورٽ موجب پبلڪ اڪائونٽس ڪميٽي (پي اي سي) جي اجلاس ۾ انڪشاف ٿيو آهي ته بلوچستان کي 22_2021 جي دوران اين ايف سي ايوارڊ جي تحت 11 ارب 15 ڪروڙ روپيه گهٽ مليا پبلڪ اڪائونٽس ڪميٽي جي اجلاس مان ناڻي واري سيڪريٽري جي غير حاضري تي ميمبر طرفان ڪاوڙ جو اظهار ڪيو ويو پي اي سي ميمبرن جو چوڻ هو ته ايتري وڏي ماليائي معاملي تي ناڻي واري سيڪريٽري جو غير حاضر ٿيڻ برداشت نه ڪرڻ جوڳو عمل آهي پبلڪ اڪائونٽس ڪميٽي طرفان چيو ويو ته 11 ارب کان وڌيڪ جي رقم ورهاست واري عمل جي مد ۾ نه ملي. ورهاست جي مد ۾ ملندڙ رقم ۾ ڪا به گهٽتائي نٿي ڪري سگهجي. رقم ۾ گهٽتائي اين ايف سي ايوارڊ جي ڀڃڪڙي آهي پي اي سي جو چوڻ هو ته بلوچستان حڪومت 11 ارب روپيه گهٽ ملڻ جو معاملو وفاق سامهون اٿاريندي. ياد رهي ته ڪوئٽه بلوچستان جي وڏي وزير سرفراز بگٽي جي صدارت هيٺ اين ايف سي ايوارڊ جي تياري بابت مشاورتي اجلاس ۾ سندس چوڻ هو ته وسيلن جي ورهاست ۾ شفافيت کي اهميت ڏيڻي پوندي هن وڌيڪ چيو ته اين ايف سي ايوارڊ ۾ بلوچستان جي ضرورتن ۽ ترجيحن کي اجاگر ڪنداسين. اين ايف سي ايوارڊ ۾ بلوچستان جي عوام جون اميدون شامل ٿيڻ گهرجن

بقايا 10 *++*++

سيڪڙو ڀريل آهي جڏهن ته منگلا ڊيم 96 سيڪڙو پاڻي سان ڀريل آهي. وڌيڪ 4 فٽ جي گنجائش موجود آهي. وفاقي وزير چيو ته حڪومت جو ڌيان نقصانن جي جائزي ۽ متاثرين کي رليف ڏيڻ تي رکيل آهي. متاثر علائقن ۾ امدادي سرگرمين ۾ تيزي آندي پئي وڃي. ٻئي طرف پي ڊي ايم اي ترجمان موجب پنجاب جي درياهن ۾ پاڻي جو وهڪرو نارمل ٿي رهيو آهي. سنڌو درياءَ، جهلم ۽ راوي ۾ پاڻي جو وهڪرو نارمل ليول تي آهي جڏهن ته چناب درياءَ ۾ مرالا، خانڪي، قادر آباد ۽ تريمن جي هنڌ تي به پاڻي جو وهڪرو نارمل ٿي چڪو آهي. پنجند جي هنڌ تي هيٺاهين درجي جي ٻوڏ آهي جتي پاڻي جو وهڪرو گهٽ ٿي 1 لک 94 هزار تي چڪو آهي. ستلج درياءَ ۾ گنڊا سنگهه واري هنڌ تي وچولي درجي جڏهن ته سليمانڪي ۽ اسلام هيڊ ورڪس تي هيٺاهين درجي جي ٻوڏ آهي ڊيره غازي خان روڊ ڪوهيون جو وهڪرو به نارمل آهي. ايندڙ 24 ڪلاڪن ۾ صوبي جي مختلف ضلعن ۾ برسات جي اڳڪٿي ڪئي وئي آهي. سانوڻي برسات جو ٻارهون اسپيل 19 سيپٽمبر تائين جاري رهندو راولپنڊي، مري، گليات، اٽڪ، چڪوال، جهلم، گجرانوالا، لاهور، گجرات، سيالڪوٽ، نارووال، حافظ آباد، منڊي بهاءُ الدين، اوڪاڙه، ساهيوال، قصور، جهنگ، سرگودها ۽ ميانوالي ۾ برسات جو امڪان آهي. جڏهن ته 18 ۽ 19 سيپٽمبر جي دوران راولپنڊي، مري ۽ گليات جي ندي نالن ۾ پاڻي جي وهڪرن ۾ اضافي جو امڪان آهي. پي ڊي ايم اي ترجمان موجب پنجاب جي وزيراعليٰ جي هدايت کي نظر ۾ رکندي انتظاميه الرٽ آهي، شهري ايمرجنسي جي صورت ۾ هيلپ لائين 1129 تي رابطو ڪيو وڃي. هوڏانهن دادو ۾ درياءَ سنڌ ۾ چاڙهه سبب دادو ضلعي جي ڪچي وارن علائقن ۾ ٻوڏ جي صورتحال تيز ٿي وئي آهي. ڪچي جي ڪيترائي ڳوٺ پاڻي هيٺ اچي ويا آهن، جڏهن ته يوسي موندر، يوسي سيال، ۽ يوسي ڀاٽ شريف جي سوين ماڻهن جو دادو شهر سان زميني رابطو مڪمل طور ڪٽجي ويو آهي، جنهن سبب هزارين ماڻهو متاثر ٿيا آهن متاثر ڳوٺاڻن پاران شڪايت ڪئي وئي آهي ته نه ته حڪومت طرفان ڪا ٻيڙي موڪلي وئي آهي، نه راشن مهيا ٿيو آهي، ۽ نه ئي خيما ڏنا ويا آهن. ماڻهن جو چوڻ آهي ته سندن گهر جانور، فصل ۽ روزگار سڀ پاڻي هيٺ اچي ويا آهن، پر ڪا به واهر نه ٿي رهي آهي، جنهن ڪري هو کلي آسمان هيٺ ويٺا آهن ٻئي طرف، ضلعي انتظاميا پاران ڄاڻايو ويو آهي ته ٻوڏ سبب ڪجهه يونين ڪائونسلن جي آبادي متاثر ٿي آهي، جن جي لاءِ امدادي قدم کنيا پيا وڃن. ڊپٽي ڪمشنر دادو پاران دعويٰ ڪئي وئي آهي ته متاثر علائقن ۾ امدادي ٽيمون موڪليون ويون آهن، ۽ جلد وڌيڪ راشن، خيما ۽ ٻيڙيون به مهيا ڪيون وينديون مقامي ماڻهن جو مطالبو آهي ته فوري طور رليف ڪيمپون قائم ڪيون وڃن حياتيءَ جي بنيادي ضرورتون فراهم ڪيون وڃن ته جيئن ٻوڏ متاثرن کي رليف ملي سگهي.

بقايا 11 *++*++

بڻائڻ لاءِ گڏيل منصوبو تيار ڪري ورتو. زراعت واري وزير سردار محمد بخش مهر جو چوڻ آهي ته "ڪلائميٽ سمارٽ ايگريڪلچر منصوبو" 2028 تائين جاري رهندو جنهن تحت زرعي پيداوار وڌائڻ لاءِ هارين کي تربيت ڏني پئي وڃي. هن چيو ته 180 فيلڊ اسڪول قائم ڪري ساڍن چئن هزار هارين کي تربيت ڏني ويندي، ان حوالي سان سکر، ميرپورخاص ۽ ٻدين ۾ ٻه فيلڊ اسڪول قائم ڪيا آهن.

بقايا 12 *++*++

سالن ۾ برسات جي وڌيڪ اميدون آهن. پاڪستان ۾ 7 هزار کان وڌيڪ گليشيئر موجود آهن. پاڪستان جا گليشيئرز تيزي سان ختم ٿي رهيا آهن. پاڪستان پيپلز پارٽي جي سينيٽر شيري رحمان جي صدارت هيٺ سينيٽ جي موسمياتي تبديلي بابت اسٽينڊنگ ڪميٽي جو اجلاس ٿيو جنهن ۾ چيئرمين اين ڊي ايم اي سانوڻي بابت بريفنگ ڏني. ليفٽيننٽ جنرل انعام حيدر ملڪ ڪميٽي کي ٻڌايو ته هلندڙ سال سانوڻي 2 هفتا اڳ شروع ٿيو. پاڪستان ايندڙ هر سال ۾ موسمياتي تبديلين بابت سخت متاثر ٿيندو عالمي گرمي پد ۾ اضافو موسمياتي تبديلي جو سبب آهي. هن چيو ته پاڪستان جا 7 هزار کان وڌيڪ گليشيئرز تيزي سان ختم ٿي رهيا آهن. ڀارت پاڪستان سان ڊيمز جو ڪو به ڊيٽا شيئر نه ڪيو. ايندڙ سالن ۾ برسات جي وڌيڪ اميد آهي. ليفٽيننٽ جنرل انعام حيدر ملڪ چيو ته ڊيزاسٽر جي لاءِ پئسا ڏيندڙ ملڪ پاڻ موسمياتي تبديلي جي مسئلن جو شڪار آهن. اسان جي پنهنجي تعداد گڏيل قومن جي فراهم ڪيل ڄاڻ کان وڌيڪ بهتر آهي. اين ڊي ايم اي جي اڳڪٿي 98 سيڪڙو بهتر آهي. چيئرمين اين ڊي ايم اي چيو ته آزاد جمون، ڪشمير ۽ پنجاب جي درياهن ۾ هن ڀيري وڌيڪ پاڻي آهي، قادر آباد، سدهنائي ۽ جهنگ ۾ بند توڙي پاڻي جي وهڪرن جو زور گهٽ ڪيو ويو اڄ گڊو بيراج تي 5 لک جو وهڪرو جمع ٿيندو

بقايا 13 *++*++

۾ ٿيو اجلاس ۾ آپڪا ضلعي لاڙڪاڻي جي جنرل سيڪريٽري مبين خان ٻرڙو مبين خان ٻرڙو نثار احمد عارباڻي محمد بخش ڪنير عبدالرسول چنا بشير احمد ڀٽي اصغر علي تنيو زوار رياض حسين سيال زوار ذوالفقار علي بليدي شاهنواز ڀٽو محمد علي سوهو محب ڳوپانگ غلام سرور شيخ حليم حيدر ابڙو شهباز جوڻيجو زيب سولنگي محمد علي چنا ۽ ٻين شرڪت ڪئي. ان موقعي تي اجلاس کي خطاب ڪندي آپڪا پاڪستان جي سينيئر نائب صدر اول رفيق احمد جتوئي نثار احمد عارباڻي مبين خان ٻرڙو محمد بخش ڪنير چيو ته جيستائين پينشن مان ڪٽوتي وارو نوٽيفڪيشن واپس نه ورتو ويندو تيستائين اسان سنڌ ايمپلائيز الائنس جو پوري سنڌ ۾ مرحليوار احتجاج جاري رهندو سنڌ ايمپلائيز الائنس جي سڏ تي 18 سيپٽمبر تي ٿيندڙ اجلاس ڪانپوءِ آپڪا ضلعي لاڙڪاڻي پاران ٿيندڙ هر احتجاج ۾ ڀرپور شرڪت ڪرڻ لاءِ ڪاميٽيون پڻ جوڙيون ويون ۽ پوئتي نه هٽنداسين جيستائين پينشن مان ڪٽوتي وارو نوٽيفڪيشن واپس نه ٿيندو تيستائين پوئتي نه هٽنداسين اڄ آل پاڪستان ڪلارڪ ايسوسيئيشن آپڪا ضلعي لاڙڪاڻي جي عهديدارن جو اجلاس آپڪا پاڪستان جي سينيئر نائب صدر اول رفيق احمد جتوئي جن جي صدارت ۾ پراونشل هاءِ ويز ڊويزن آفيس لاڙڪاڻو ۾ ٿيو اجلاس جي شروعات تلاوت ڪلام سان ٿي تلاوت ڪلام بشير احمد ڀٽي جن ڪئي اجلاس جي ڪارروائي آپڪا ضلعي لاڙڪاڻي جي جنرل سيڪريٽري مبين خان ٻرڙو جن هلائي اجلاس ۾ مبين خان ٻرڙو نثار احمد عارباڻي محمد بخش ڪنير عبدالرسول چنا بشير احمد ڀٽي اصغر علي تنيو زوار رياض حسين سيال زوار ذوالفقار علي بليدي شاهنواز ڀٽو محمد علي سوهو محب ڳوپانگ غلام سرور شيخ حليم حيدر ابڙو شهباز جوڻيجو زيب سولنگي محمد علي چنا ۽ ٻين شرڪت ڪئي.

بقايا 14 *++*++

تهصورتحال کي بهتر سمجهي سگهجي هن واضع ڪيو ته اسرائيل آمريڪا جو نه پر آمريڪا اسرائيل جو پراڪسي آهي هن چيو ته اسرائيل قطر تي آمريڪا جي مرضي سان حملو ڪيو آهي ۽ هاڻي دوست ۽ دشمن ۾ فرق ڪرڻ جو وقت اچي ويو آهي هن خبردار ڪيو ته قطرتي ٻيهر حملو ٿيندو ۽ جيڪو به تل ابيب مان حڪم ايندو انهي مطابق ڪارروائي ڪئي ويندي هن چيو ته گهڻو ٿي چڪو هاڻي ڪجهه نه ڪجهه ڪرڻو پوندو ٻي صورت ۾ هڪ ٻئي پٺيان وڪيٽ ڪرندي رهندي خواجه آصف وڌيڪ چيو ته اولهه مان جيڪو رد عمل اچي رهيو آهي اهو اسرائيل لاءِ خطرناڪ آهي ۽ هي صورتحال اسرائيل لاءِ چيلنج ثابت ٿي سگهي ٿي هن مڙني مسلمانن کي متحد رهڻ جي هدايت ڪئي هن چيو ته هن وقت اسان کي عقل سليم سان ڪم وٺڻو پوندو ۽ حالتن کي سمجهندي پنهنجا فيصلا ڪرڻا پوندا جيئن خطي ۾ امن ۽ استحڪام برقرار رکي سگهجي.

بقايا 15 *++*++

ته منگلا ڊيم 96 سيڪڙو پاڻي سان ڀريل آهي. وڌيڪ 4 فٽ جي گنجائش موجود آهي. وفاقي وزير چيو ته حڪومت جو ڌيان نقصانن جي جائزي ۽ متاثرين کي رليف ڏيڻ تي رکيل آهي. متاثر علائقن ۾ امدادي سرگرمين ۾ تيزي آندي پئي وڃي. ٻئي طرف پي ڊي ايم اي ترجمان موجب پنجاب جي درياهن ۾ پاڻي جو وهڪرو نارمل ٿي رهيو آهي. سنڌو درياءَ، جهلم ۽ راوي ۾ پاڻي جو وهڪرو نارمل ليول تي آهي جڏهن ته چناب درياءَ ۾ مرالا، خانڪي، قادر آباد ۽ تريمن جي هنڌ تي به پاڻي جو وهڪرو نارمل ٿي چڪو آهي. پنجند جي هنڌ تي هيٺاهين درجي جي ٻوڏ آهي جتي پاڻي جو وهڪرو گهٽ ٿي 1 لک 94 هزار تي چڪو آهي. ستلج درياءَ ۾ گنڊا سنگهه واري هنڌ تي وچولي درجي جڏهن ته سليمانڪي ۽ اسلام هيڊ ورڪس تي هيٺاهين درجي جي ٻوڏ آهي ڊيره غازي خان روڊ ڪوهيون جو وهڪرو به نارمل آهي. ايندڙ 24 ڪلاڪن ۾ صوبي جي مختلف ضلعن ۾ برسات جي اڳڪٿي ڪئي وئي آهي. سانوڻي برسات جو ٻارهون اسپيل 19 سيپٽمبر تائين جاري رهندو راولپنڊي، مري، گليات، اٽڪ، چڪوال، جهلم، گجرانوالا، لاهور، گجرات، سيالڪوٽ، نارووال، حافظ آباد، منڊي بهاءُ الدين، اوڪاڙه، ساهيوال، قصور، جهنگ، سرگودها ۽ ميانوالي ۾ برسات جو امڪان آهي. جڏهن ته 18 ۽ 19 سيپٽمبر جي دوران راولپنڊي، مري ۽ گليات جي ندي نالن ۾ پاڻي جي وهڪرن ۾ اضافي جو امڪان آهي. پي ڊي ايم اي ترجمان موجب پنجاب جي وزيراعليٰ جي هدايت کي نظر ۾ رکندي انتظاميه الرٽ آهي، شهري ايمرجنسي جي صورت ۾ هيلپ لائين 1129 تي رابطو ڪيو وڃي. هوڏانهن دادو ۾ درياءَ سنڌ ۾ چاڙهه سبب دادو ضلعي جي ڪچي وارن علائقن ۾ ٻوڏ جي صورتحال تيز ٿي وئي آهي. ڪچي جي ڪيترائي ڳوٺ پاڻي هيٺ اچي ويا آهن، جڏهن ته يوسي موندر، يوسي سيال، ۽ يوسي ڀاٽ شريف جي سوين ماڻهن جو دادو شهر سان زميني رابطو مڪمل طور ڪٽجي ويو آهي، جنهن سبب هزارين ماڻهو متاثر ٿيا آهن متاثر ڳوٺاڻن پاران شڪايت ڪئي وئي آهي ته نه ته حڪومت طرفان ڪا ٻيڙي موڪلي وئي آهي، نه راشن مهيا ٿيو آهي، ۽ نه ئي خيما ڏنا ويا آهن. ماڻهن جو چوڻ آهي ته سندن گهر جانور، فصل ۽ روزگار سڀ پاڻي هيٺ اچي ويا آهن، پر ڪا به واهر نه ٿي رهي آهي، جنهن ڪري هو کلي آسمان هيٺ ويٺا آهن ٻئي طرف، ضلعي انتظاميا پاران ڄاڻايو ويو آهي ته ٻوڏ سبب ڪجهه يونين ڪائونسلن جي آبادي متاثر ٿي آهي، جن جي لاءِ امدادي قدم کنيا پيا وڃن. ڊپٽي ڪمشنر دادو پاران دعويٰ ڪئي وئي آهي ته متاثر علائقن ۾ امدادي ٽيمون موڪليون ويون آهن، ۽ جلد وڌيڪ راشن، خيما ۽ ٻيڙيون به مهيا ڪيون وينديون مقامي ماڻهن جو مطالبو آهي ته فوري طور رليف ڪيمپون قائم ڪيون وڃن حياتيءَ جي بنيادي ضرورتون فراهم ڪيون وڃن ته جيئن ٻوڏ متاثرن کي رليف ملي سگهي.

بقايا 16 *++*++

واري اداري (OCHA) جي سربراهه ڪارلوس گيزا پنهنجي تازي رپورٽ ۾ ڪئي آهي. هن چيو ته پاڪستان ۾ ريڪارڊ مون سون برسات ۽ ٻوڏ وڏي تباهي ڪئي آهي ۽ متاثر ماڻهن کي فوري امداد گهربل آهي. ڪارلوس گيزا وڌيڪ چيو آهي ته پاڪستان جي صوبي پنجاب، خيبر پختونخواهِ ۽ گلگت بلتستان ۾ آيل ٻوڏ مقامي آبادي کي مڪمل طور بي يار و مددگار ڪري ڇڏيو آهي ۽ جيڪو ڪجهه اسان ڏسي رهيا آهيون اهو صرف شروعات آهي، اصلي تباهي ان کان گهڻو وڌيڪ آهي. رپورٽ موجب جون جي آخر کان شروع ٿيل شديد برسات سبب هينئر تائين لڳ ڀڳ هڪ هزار ماڻهو جانيون وڃائي چڪا آهن جن ۾ 250 ٻار به شامل آهن. ٻوڏ سڀ کان وڌيڪ نقصان پنجاب کي پهچايو آهي جتي ڀارت پاران ڊيم مان پاڻي ڇڏڻ کان پوءِ ندين نالن تباهي مچائي ۽ 47 لک ماڻهو متاثر ٿيا. رپورٽ ۾ وڌيڪ چيو ويو آهي ته ڪيترن ئي علائقن ۾ ڳوٺ سڄا پاڻي هيٺ ٻڏي ويا آهن، رستا ۽ پل تباهه ٿي چڪا آهن جڏهن ته 2.2 ملين هيڪٽر زرعي زمين به پاڻي هيٺ اچي وئي آهي. ڪڻڪ جي اٽي جي قيمت صرف سيپٽمبر جي پهرين هفتي ۾ 25 سيڪڙو وڌي وئي آهي. ڪارلوس گيزا چيو ته اهي هاري ۽ آبادگار آهن جيڪي سڄي ملڪ جو پيٽ پالين ٿا، اڄ انهن وٽ نه زمين آهي، نه مال مويشي ۽ نه ڪو سهارو هن چيو ته اقوام متحده فوري امداد لاءِ 5 ملين ڊالر جاري ڪيا آهن جڏهن ته 1.5 ملين ڊالر مقامي اين جي اوز کي ڏنا ويا آهن [illegible] به، اختيارين جو چوڻ آهي ته ڪيترائي علائقا [illegible] تائين مڪمل طور الڳ ٿيل آهن جتي امدادي سامان صرف ٻيڙين يا هيلي ڪاپٽرن وسيلي پهچايو [illegible] گيزا چيو ته ٻوڏ سبب مليريا، ڊينگي [illegible] بيمارين پکڙجڻ جو خطرو وڌي رهيو آهي [illegible] خوراڪ، دوائون ۽ پناهگاهن جي انتهائي [illegible] ضرورت آهي. هن چيو ته اصلي چيلنج [illegible] جڏهن انهن متاثرن کي ٻيهر زندگي [illegible] پوندو. هن عالمي برادري کي ياد ڏياريو [illegible] جي غلطي ناهي، پر اهي ملڪ جيڪي ماحولياتي تبديلي جا ذميوار آهن، انهن کي هن بحران جي ذميواري پڻ کڻڻ گهرجي.

بقايا 17 *++*++

ڪيسن جون ٻڌڻيون ٿيون اين پي پي سربراهه غلام مرتضيٰ جتوئي، مسرور جتوئي ۽ ٻيا پيش ٿيا وڪيلن جي دليلن بعد ٻڌڻي 30 سيپٽمبر تائين ملتوي ڪئي وئي. [illegible] غلام مرتضيٰ خان جتوئي جون ميڊيا سان [illegible] ته راشد محمود سومرو جو ٿورائتو آهيان [illegible] شموليت جي دعوت ڏني. مون کي ان قابل [illegible] يو آئي منظم پارٽي آهي. مون نظرياتي [illegible] آهي اهڙي سياست ڪئي آهي جنهن ۾ [illegible] نه ٿئي نه رشوت جي بازار گرم نه ٿئي اسان [illegible] جا ڪجهه نظريا ملن ٿا. اسان جي پنهنجي [illegible] آهي ۽ انهن جي پنهنجي پارٽي ۽ منشور [illegible] جونيئر ذوالفقار پارٽي جا وارث آهن [illegible] ڪيوسڪ پاڻي اچڻ ڪانپوءِ ڪچو ٻڏي [illegible] ڪانپوءِ بندن کي خطرو ٿيندو آهي

بقايا 18 *++*++

شهباز شريف شاندار استقبال تي سعودي ولي عهد محمد بن سلمان جا ٿورا مڃيا. وزيراعظم جي سعودي ولي عهد سان ملاقات به رٿيل آهي، جنهن دوران ٻنهي ملڪن جي [illegible] لاڳاپن بابت ڳالهيون ٿينديون.

بقايا 19 *++*++

سيشن دوران، مارڪيٽ شيئرز جي 100 انڊيڪس ۾ 233 پوائنٽس جو اضافو رڪارڊ ڪيو ويو، جنهن کان پوءِ 100 انڊيڪس 156,414 تي پهچي ويو، اڄ تائين واپاري سيشن دوران، بينچ مارڪ 100 انڊيڪس 157,196 پوائنٽس جي بلند ترين سطح تي پهچي ويو. جڏهن ته 100 انڊيڪس پڻ 156,337 پوائنٽس جي گهٽ ترين سطح تي پهچي ويو [illegible] ڪالهه واپاري سيشن جي آخر ۾، 100 انڊيڪس 156,180 پوائنٽس تي بند ٿيو.

بقايا 20 *++*++

ڪئي خاتون اول آصفه ڀٽو ۽ بلاول ڀٽو شريڪ هئا صدر شنگهائي ۾ مفاهمت جي 3 يادداشتن جي [illegible] تقريب ۾ شرڪت ڪئي ۽ چيو ايم او يوز پاڪ چين زرعي ٽيڪنڪي ۽ ماحولياتي سهڪار کي مضبوط بڻائڻ جي عملي ڪوشش آهي صدر چيو ته پاڪ چين دوستي هڪ نسل کان ٻئي نسل تائين منتقل ٿيندي رهندي آهي ان کان سواءِ بلاول شنگهائي ۾ چين جي اڏاوتي ڪمپني [illegible] اينڊ روڊ انفارميشن انڊسٽري يونين [illegible] ڪمپني جي وفد سان ملاقاتون ڪيون ان دوران پاڪستان ۾ توانائي جي متبادل ذريعن ۾ سرمايو لڳائڻ تي به ڳالهه ٻولهه ڪئي.

بقايا 21 ***

سنڌ ۾ ٽرانسپورٽ ۽ توانائي جي شعبن ۾ سيڙپڪاري جي موقعن تي خيالن جي تفصيلي ڏي وٺ ڪئي وئي. ملاقات ۾ ڏرين ٽرانسپورٽ ۽ متبادل توانائي ۾ سهڪار کي هٿي ڏيڻ تي اتفاق ڪيو ويو [illegible] موقعي تي يوٽونگ اختيارين سنڌ جي وزيرن کي پنهنجي نئين ۽ جديد ماڊل بسن جي باري ۾ [illegible] پاڪستان، خاص طور تي سنڌ اندر پنهنجون بسون متعارف ڪرائڻ ۾ دلچسپي جو اظهار ڪيو [illegible] سنڌ جي سينيئر وزير ۽ اطلاعات، ٽرانسپورٽ ۽ ماس ٽرانزٽ واري صوبائي وزير شرجيل انعام ميمڻ چيو ته سنڌ سرڪار شهرين کي معياري ۽ محفوظ ٽرانسپورٽ مهيا ڪرڻ لاءِ پرعزم آهي. ڏاڀيجي اسپيشل اڪنامڪ زون کي غير ملڪي سيڙپڪارن لاءِ تمام وڏو موقعو [illegible] سيڙپڪارن کي سيڙپڪاري ڪرڻ تي [illegible] ٽيڪس ڇوٽ ڏني پئي وڃي ۽ گڏوگڏ [illegible] بين الاقوامي سيڙپڪارن کي سموريون [illegible] ڪري رهي آهي. سينيئر وزير شرجيل انعام [illegible] سنڌ ۾ ٽرانسپورٽ جي شعبي ۾ وڏي [illegible] جي ضرورت آهي ۽ ڪراچي سميت صوبي جي ٻين شهرن ۾ عوام کي معياري بس سروس فراهم ڪرڻ سنڌ سرڪار جي پهرين اوليت آهي. سنڌس چوڻ هو ته [illegible] چاهي ٿي ته يوٽونگ جهڙيون بين الاقوامي ڪمپنيون پاڪستان اچي جديد بسون تيار ڪرڻ [illegible] مارڪيٽ جي ضرورتن جو پورائو ٿي سگهي [illegible] توانائي، رٿابندي ۽ ترقي واري صوبائي [illegible] حسين شاهه چيو ته سنڌ سرڪار ماحول [illegible] جي متبادل ذريعن تي ٻڌل ٽرانسپورٽ جي [illegible] رکي ٿي. هن چيو ته يوٽونگ جون [illegible] دوست خاصيتن ۽ توانائي جي متبادل [illegible] سان بهترين آپشن ثابت ٿي سگهن ٿيون [illegible] سرڪار شفاف سيڙپڪاري لاءِ هر ممڪن [illegible] ۽ عوام کي بهترين سهولتون جي فراهمي [illegible] سيڙپڪاري کي جتادار ڪاروباري ماحول [illegible] حڪومت جي اوليت آهي.

بقايا 22 *++*++

پنهنجي خلاف لڳايل الزامن کان انڪار ڪيو عدالت ڪيس جي ٻڌڻي 24 سيپٽمبر تائين ملتوي ڪري ڇڏي. ڪيس ۾ پي ٽي آءِ جي قيادت 13 نومبر تائين عبوري ضمانت تي آهي. پوليس سيڪريٽريٽ پوليس اسٽيشن ۾ داخل ڪيس ۾ ملوث 195 ڪارڪنن مان گرفتار جوابدارن جا چالان عدالت ۾ پيش ڪيا، جڏهن ته عدالت 184 غير حاضر جوابدارن کي اشتهاري قرار ڏنو آهي.

بقايا 23 *++*++

ڏنا ۽ چيو ته اسان جي هاءِ ڪورٽ جا قاعدا هڪ رات ۾ ناهيا ويا ۽ صحيح ڪيون ويون، ڇا توهان 5 مهينن ۾ مقررين جا قاعدا نه ناهي رهيا آهيو؟ شماريات بيورو ۾ مقررين بابت ٻڌڻي هيٺ ڪيس دوران اسلام آباد هاءِ ڪورٽ جي جسٽس محسن اختر ڪياني، وڪيل سان ڳالهائيندي چيو ته 5 مهينا ٿي ويا آهن، توهان تقرري جا قاعدا نه ناهيا آهن. معززجج چيو ته اسان جي هاءِ ڪورٽ جا قاعدا هڪ رات ۾ ناهيا ويا ۽ صحيح ڪيون ويون، [illegible] ياد رهي ته ان کان اڳ 5 آگسٽ تي اسلام آباد هاءِ ڪورٽ [illegible] خالي سيٽن تي مقررين بابت درخواست جي ٻڌڻي ۾، جسٽس محسن اختر ڪياني سخت ريمارڪس ڏنا هئا ۽ چيو هو ته ڊپٽي ڪمشنر کي ڪير ناهي ته سندس ڪهڙو ماڻهو ڪرپٽ آهي؟ هن چيو هو ته هو ڄاڻي ٿو ته اسان جو ڪهڙو جج ڪرپٽ آهي، هو ڄاڻي ٿو ته ادارن ۾ پئسا ڪيئن گڏ ڪيا ويندا آهن. جيڪڏهن هو ڪري سگهي ٿو ته رشوت کي قانوني طور تي لاڳو ڪري.

بقايا 24 *++*++

سان زيادتي ڪندڙ جوابدار جي جسماني ريمانڊ ۾ 3 ڏينهن جي واڌ ڪئي. ڪيس جي ٻڌڻي ڪراچي جي جڊيشل مئجسٽريٽ ڪئي. عدالت ۾ ڄاڻايو ويو ته پوليس 7 ڪيسن ۾ نامزد جوابدار شبير ٿنولي کي عدالت ۾ پيش ڪيو. جتي متاثر ڇوڪرين عدالتي احاطي ۾ جوابدار کي سڃاڻي ورتو. پوليس موجب، مقامي ماڻهن جي شڪايت تي جوابدار کي گرفتار ڪيو ويو هو، جوابدار 2016 کان ٻار ۽ ڇوڪرين سان زيادتي جون وڊيوز ناهي رهيو هو. سندس خلاف ڊفينس پوليس اسٽيشن ۾ ڪيس داخل ڪيا ويا آهن. ٻئي پاسي، صحافين جوابدار کان پڇيو ته هو ٻارن جي وڊيوز ڇا ڪندو هو، جنهن جواب ۾ جوابدار چيو ته هو [illegible]

بقايا 25 *++*++

ڌماڪي سان عمارت کي سخت نقصان پهتو ۽ مڪمل طور تي تباهه ٿي وئي ايراني اختيارين واقعي بابت وڌيڪ تفصيل فراهم ڪيا آهن. پر ان حوالي سان جاچ شروع ڪئي وئي آهي.

بقايا 26 *++*++

ٽيرف ايڊجسٽمينٽ جي شرط تي عمل ڪيو ويو آهي. نئين ٽيڪس ڇوٽ يا ڇوٽ نه ڏيڻ جي شرط به پوري ڪئي وئي آهي، آءِ ايم ايف جي اجازت کان سواءِ ڪا به سرڪاري [illegible] تي ٽيڪس ڇوٽ ڏني وئي. بجيٽ 26_2025 آءِ ايم ايف جي شرطن موجب پاس ڪيو ويو جڏهن ته بجيٽ کان هٽي خرچن جي پارليامينٽ کان منظوري جي شرط به پوري ڪئي وئي آهي، دستاويزن ۾ ٻڌايو ويو آهي ته وفاق ۽ صوبن جي وچ ۾ فسڪل پيڪٽ جي شرط تي عمل ڪيو ويو، ڊسڪوز ۽ جينڪوز نجڪاري لاءِ [illegible] جاري آهي 2035 تائين خصوصي اقتصادي زونز تي مراعتون ختم ڪرڻ جي شرط تي عمل ڪيو ويو. سرڪاري ادارن ۽ حڪومتي عمل دخل ۾ گهٽتائي جي شرط ۾ ترقي آهي جڏهن ته زرعي آمدني تي ٽيڪس وصولي جي لاءِ قانونسازي جي شرط تي عمل ڪيو ويو آهي دستاويزن موجب اسلام آباد، ڪراچي ۽ لاهور ۾ ڪمپلائنس رسڪ مينيجمينٽ سسٽم لاڳو ڪيو ويو آهي، هاءِ ليول پبلڪ آفيشلز جي اثاثن جي ڊيڪليريشن بابت قانونسازي [illegible] انٽربينڪ ۽ اوپن مارڪيٽ ريٽ جي وچ ۾ 1.25 سيڪڙو ايوريج پريميئم تي به عمل ڪيو ويو آهي دستاويزن موجب [illegible] گورننس اينڊ ڪرپشن ايسيسمينٽ رپورٽ جي اشاعت [illegible] آءِ ايم ايف جي شرط جولاءِ ۽ پوءِ آگسٽ 2025 جي ڊيڊ لائين مقرر ڪئي هئي. [illegible] 1.2 ٽريلين [illegible] 12.3 ٽريلين [illegible] 50 ارب روپيه [illegible] 10 حڪومتي ملڪيتي ادارن [illegible] قانون ۽ ترميم جو حدف پورو نه ٿي سگهيو.

بقايا 27 *++*++

بروهي مختلف ڳهٽين ۽ روڊن تي جاري ڪم جو جائزو [illegible] مشاهدو ڪيو ۽ عملي کي هدايت ڪئي ته تعمير جي معيار ۽ رفتار تي سمجهوتو نه ڪيو وڃي. هن چيو ته سڀئي ترقياتي منصوبا عوامي خدمت ۽ سهولت جي لاءِ آهن [illegible] ڪا به غفلت يا لاپرواهي برداشت نه ڪئي ويندي. منگهو پير ٽائون جي چيئرمين حاجي نواز علي بروهي چيو ته علي محمد گوٺ يوسي نمبر 2 سميت سڄي شهر جا مسئلا سندس اولين ترجيح آهن. [illegible] ان موقعي تي ميڊيا جي نمائندن سان ڳالهائيندي چيئرمين حاجي نواز علي بروهي چيو ته پاڪستان پيپلز پارٽي عوامي خدمت تي يقين رکي ٿي [illegible] منگهو پير ٽائون جي هر علائقي ۾ هڪجهڙا ترقياتي ڪم ڪيا پيا وڃن. [illegible] چيئرمين سان گڏ انفارميشن سيڪريٽري ضلعي اولهه، علي اڪبر ڪڇيلو يونس مينگل، شڪور مينگل ۽ اعظم مينگل پڻ موجود هئا. معائني دوران مقامي ماڻهن ۽ معززين وڏي انگ ۾ شرڪت ڪئي ۽ چيئرمين منگهو پير ٽائون جي ڪوشش کي خراج تحسين پيش ڪيو. ماڻهن چيو ته ماضي ۾ علائقي کي نظرانداز ڪيو ويو هو پر موجوده چيئرمين عملي قدمن ذريعي عوامي اعتماد بحال ڪيو آهي. چيئرمين حاجي نواز علي بروهي ماڻهن جو شڪريو ادا ڪيو ۽ چيو ته سندس واحد مقصد عوامي خدمت آهي. هن چيو ته منگهو پير ٽائون جي رهواسين هميشه هن تي اعتماد ڪيو آهي ۽ هو هن اعتماد تي پورو لهڻ لاءِ ڏينهن رات ڪم ڪري رهيو آهي. هن وڌيڪ چيو ته ويجهي مستقبل ۾ وڌيڪ ترقياتي منصوبا پڻ شروع ڪيا ويندا، جن ۾ روڊن جي تعمير، سيوريج سسٽم جي بهتري، صفائي جي نظام کي وڌيڪ فعال بڻائڻ ۽ روشني جي نظام جي اپ گريڊيشن شامل آهن. چيئرمين واضح ڪيو ته هو عوامي خدمت کي سياست کان مٿي سمجهندو آهي [illegible]

بقايا 28 *++*++

گيس تي ڪنيڪشن لڳائڻ جي لاءِ مستقل طور تي پابندي لڳائي وئي ۽ پهريان کان وصول ڪيل 30 لک درخواستن کي ملتوي ڪرڻ جي هدايت ڪئي وئي آهي. پيٽروليم ڊويزن وفاقي ڪابينه جو منظور ڪيل فريم ورڪ سوئي سدرن ۽ سوئي ناردرن ڏانهن اماڻي ڇڏيو. ملڪي گيس تي ڪنيڪشن لڳائڻ جي لاءِ مستقل طور تي پابندي لڳائي وئي آهي. سوئي سدرن ۽ ناردرن کي پهريان کان وصول ٿيل 30 لک درخواستن کي ملتوي ڪرڻ جي هدايت ڪئي وئي آهي. درآمدي گيس تي گيس ڪنيڪشن لاءِ فريم ورڪ 9 شرطن تي ٻڌل آهي. سوئي سدرن ۽ ناردرن هڪ سال ۾ 50 سيڪڙو صارفين کي ارجنٽ فيس سان گيس ڪنيڪشن فراهم ڪري سگهندي ارجنٽ فيس جا اڪنڊڙ صارفين کي 3 مهينن ۾ درآمدي گيس تي نئون ڪنيڪشن فراهم ڪيو ويندو هڪ سال کانپوءِ رهندڙ گهريلو گيس ڪنيڪشن صارفين کي درآمدي گيس جو ڪنيڪشن ملندو، درآمدي گيس ڪنيڪشن جو ٽيرف ملڪي گيس جي مقابلي ۾ 70 سيڪڙو وڌيڪ هوندو.

بقايا 29 *++*++

عدالت راولپنڊي ۾ ٿيندو. ان حوالي سان ذريعن جو چوڻ آهي ته پنجاب حڪومت پاران هڪ نئون نوٽيفڪيشن جاري ڪيو ويو آهي، پي ٽي آءِ باني جي ڪيسن جي [illegible] وڊيو لنڪ ذريعي ڪيو ويندو ذريعن موجب، جي ايڇ ڪيو حملي ڪيس ۽ ٻين ڪيسن ۾ [illegible] اي ٽي سي راولپنڊي ۾ پيش [illegible] دهشتگردي جي خاتمي واري عدالت راولپنڊي جي ٻاهران ميڊيا سان ڳالهائيندي وڪيل فيصل ملڪ چيو ته اڄ 9 مئي جي 11 ڪيسن جي ٻڌڻي ٿي. جي ايڇ ڪيو حملي ڪيس سميت ٻين ڪيسن جي ٻڌڻي پهرين آڪٽوبر تائين ملتوي ڪئي وئي آهي. وڪيل فيصل ملڪ چيو ته جي ايڇ ڪيو حملي ڪيس ۾ [illegible] نوٽيفڪيشن اچي رهيو آهي. [illegible] پي ٽي آءِ جي باني کي عدالت ۾ پيش ڪرڻ جي عدالت ۾ درخواست ڏني هئي [illegible] پنجاب حڪومت جي اهڙي نوٽيفڪيشن جي ڪري [illegible]

بقايا 30 *++*++

هٿ آيا آهن. رپورٽ موجب پوليس اختيارين جو چوڻ آهي ته سي ويو جي پرسان گاڏي مان ملندڙ مرد جي لاش جي سڃاڻپ شهباز ملڪ جي نالي سان ٿي آهي جڏهن ته 28 ورهين جي عورت جي سڃاڻپ فوري طور تي نه ٿي سگهي آهي، پوليس لاشن کي پوسٽ مارٽم جي لاءِ جناح اسپتال منتقل ڪري جاچ شروع ڪري ڇڏي آهي. شروعاتي طور تي موت ساهه ٻوساٽجڻ سبب لڳي ٿي پر حقيقت پوسٽ مارٽم رپورٽ کان پوءِ ئي سامهون ايندي. هوڏانهن لاش ملڻ جي اطلاع تي پوليس جي وڏي نفري به واقعي واري هنڌ پهچي وئي جڏهن ته سوسائٽي جا گيٽ بند ڪيا ويا. ٻئي طرف جناح اسپتال ۾ سي ويو اپارٽمينٽ جي پارڪنگ مان ملندڙ عورت ۽ مرد جي لاش جو پوسٽ مارٽم مڪمل ڪيو ويو آهي. پوليس موجب پوسٽ مارٽم سامهون اچڻ کان پوءِ ئي ڪجهه ٻڌائي سگهجي ٿو.

بقايا 31 *++*++

سان تعمير ڪيو پيو وڃي ته جيئن ان کي مينهن يا پاڻي جي وهڪري کان ڪو به نقصان نه پهچي ۽ شهري ڊگهي عرصي تائين ان ۽ محفوظ سفري سهولتون حاصل ڪري سگهن. جيئوٽيڪ هي هاءِ وي ڪراچي ميٽروپوليٽن ميونسپلٽي جي اختيار ۾ آهي، پر ڊگهي عرصي کان لاپرواهي جو لاپرواهي سبب ٽرئفڪ جام، حادثا ۽ عوامي مسئلا معمول بڻجي ويا آهن. شهرين جي شڪايتن کي نظر ۾ رکندي، جناح ٽائون هن اهم وي جي تعمير نو شروع ڪئي آهي ته جيئن ماڻهن کي بهتر ۽ محفوظ سفري سهولتون فراهم ڪري سگهجن. چيئرمين جناح ٽائون رضوان عبدالسميع ان موقعي تي چيو ته شهري مسئلن جو مستقل حل ۽ پائيدار ترقي اسان جي ترجيحن ۾ شامل آهي. هن چيو ته هي تعمير هڪ مسئلي جو حل آهي جيڪو سالن کان موجود آهي ۽ جناح ٽائون انتظاميه مستقبل ۾ شهرين کي بنيادي سهولتون فراهم ڪرڻ جا نوان منصوبا لاڳو ڪندي رهندي. علائقي جي رهواسين منصوبي تي اطمينان جو اظهار ڪيو ۽ چيو ته هي هاءِ وي ڪيترن سالن کان خراب حالت ۾ هئي. برسات دوران اها تلاءَ بڻجي ويندو هو ۽ روڊ تي خطرناڪ کڏا نه رڳو گاڏين کي نقصان پهچائيندا هئا پر حادثا پڻ هڪ عام ڳالهه بڻجي چڪا هئا. علائقي جي رهواسين موجب، چيئرمين جناح ٽائون جي ذاتي دلچسپي ۽ بروقت ڪارروائي سان هن سال پراڻي مسئلي کي حل ڪيو پيو وڃي. جيڪو علائقي لاءِ ڪنهن وڏي راحت کان گهٽ ناهي. انهن اميد ظاهر ڪئي ته هي تعمير ٽرانسپورٽ کي آسان بڻائيندي ۽ تجارتي سرگرمين کي به فروغ ڏيندي. تعميراتي ڪم جي معائني دوران يو سي چيئرمين ڪليم عثماني، وائيس چيئرمين رائو محسن ۽ ڪائونسلر ٻڌ موجود هئا ۽ لاڳاپيل عملي کي هدايت ڪئي ته معيار تي سمجهوتو نه ڪيو وڃي ۽ تعمير کي پائيدار بڻايو وڃي.

بقايا 32 *++*++

شهر جي چئن پاڙن ۾ 100 مريضن ۾ ڊينگي جي تصديق ٿي آهي، ان حوالي سان، رورل هيلٿ سينٽر جي ايڊمنسٽريٽر چيو ته رورل هيلٿ سينٽر اسلام ڪوٽ ۾ صرف 10 بيڊ آهن، باقي مريض گهرن ۾ آئسوليٽ ٿيل آهن. ڊي ايڇ او هيلٿ ٿرپارڪر موجب، بيڊ وڌائڻ لاءِ متبادل جڳهن جو بندوبست ڪيو پيو وڃي، جڏهن ته اڄ کان شهر ۾ مڇر مار اسپري ۽ مڇر داڻيون پڻ ورهايون وينديون. ٻئي طرف، مريضن شڪايت ڪئي ته انهن کي اسپتال ۾ داخل نه ڪيو پيو وڃي ۽ گهر ۾ علاج ممڪن ناهي.

بقايا ---- 01

حيدر بخش جتوئي جي نالي سان منسوب ٽيل تعلقي اسپتال عوام کي رليف فراهم ڪرڻ ۾ مڪمل طور ناڪام ٿي وئي آهي ڏوراهن ڳوٺن کان کهي ايندڙ غريب ماڻهو دوائون ملڻ نه دور پر پرچي وٺڻ لاءِ پريشان ٿي ويا آهن قطارن ۾ بيهڻ باوجود پرچي ڪلارڪ سفارش عيوض ڏئي ٿو مجبور ماڻهو بي يارو مددگار نظر اچڻ لڳا آهن سفارشي ڪلچر اسپتال جو نظام درهم برهم ڪري ڇڏيو آهي اسپتال اندر دوائون جي کوٽ جو بڌائي مريضن کي موٽايو پيو وڃي جڏهن ته مالڪيءَ وارا مريض دوائن جا ڊبل ڊوز کڻي ويندي ڏنا ويا آهن صفائي سترائي وارو ڪم ته ٺيڪ ڪري گٽرن جو گندو پاڻي اسپتال اندر نڪري پيو آهي جنهن سب بيماري وڌڻ جا خدشا وڌي ويا آهن سنڌ صحت کاتي پاران اسپتال اندر سرڪار ملازم ۽ پي پي ايچ آءِ جو گڏيل عملو مقرر ڪيو آهي پر تنهن هوندي به اسپتال ۾ سهولتن جي کوٽ آهي دوائون جي کوٽ، سفارشي ڪلچر،صفائي سترائي نه ٺيڪ سميت ٻين کوڙ سارين شڪايتن باوجود اسپتال انتظاميا نوٽيس وٺڻ بجاءِ ڪن لاٽار ڪري ڇڏي آهي جنهن سبب عوام تمام گهڻين تڪليفن کي منهن ڏيڻ لاءِ تي مجبور ٿي ويو آهي ان ڏس ۾ هتان جي سياسي سماجي تنظيمن جي اڳواڻن حسن نصر ، عابد علي، ريحان احمد ۽ ٻين ميڊيا سان ڳالهائيندي چيو ته ڏوڪري تعلقي اسپتال عوام کي رليف فراهم ڪرڻ ۾ مڪمل طور ناڪام ٿي وئي آهي دوائون جي کوٽ آهي غريب مريضن کي هڪ روپي جي به ٽيڪي نه ٿي ته ٿي ڏني وڃي جڏهن ته سفارش مريضن کي راضي ڪيو پيو وڃي، هنن وڌيڪ چيو ته رات جي وقت ايمرجنسي ۾ ايندڙ مريض ڪيترين ئي پريشانين کي منهن ڏئي رهيا آهن. سرڪاري اسٽور تي دوا جي کوٽ آهي دوا نه هجڻ سبب ڪيترائي غريب مسڪين ماڻهو ٻاهرين اسٽورن تان مهانگائيون دوائون وٺڻ تي مجبور آهن هنن صحت کاتي جي اعلي عملدارن کان مطالبو ڪيو ته ڏوڪري تعلقي اسپتال ۾ دوائن جي کوٽ سميت ٻين معاملن تي جو نوٽيس ورتو وڃي ته جيئن غريب ماڻهن کي رليف ملي سگهي. هوڏانهن پي ايچ آءِ انچارج سان رابطو ڪرڻ جي ڪوشش ڪئي فون اٽينڊ نه ڪئي.

بقايا ---- 02

نوٽس ورتو ضلعي انتظام ۽ لاڳاپيل عملدارن کان ان معاملي متعلق بريفنگ ورتي ۽ هدايت ڪئي ته ڍنگي جهڙي مرض کان بچاءَ لاءِ هر ممڪن قدم کڻا وڃن جئن ٿرپارڪر ضلعو ان ڍنگي مرض کان پاڪ رهي اسسٽنٽ ڪمشنر عمر اشرف ڊاڪٽر سترام روپاڻي ديپڪ شرما موجود هئا.

بقايا ---- 03

مارچ جو هزارين ماڻهن طرفان قائداباد ۾ آجيان ڪئي ويندي، پاڪستان کي سياستدانن آزاد ڪرايو ۽ سياستدان ئي بچائيندا سياست تي ڪنهن کي به قبضو ڪرڻ نه ڏيو امن مارچ ڪچي جي آفيسرن توڙي ٻاهر موجود ڊاڙيلن جو خاتمو آڻيندو، جي يو آئي ملير جي امير احسان الله ٽڪروي جي ڳڏاپ ،ابراهيم حيدري ۽ ملير ٽائون جي عهديدارن سان گڏ عوامي پريس ڪلب ۾ پر هجوم پريس ڪانفرنس ، تفصيل موجب ملير جمعيت علماء اسلام طرفان 14 سيپٽمبر تي ڪشمور مان نڪتل سنڌ امن مارچ 5 ڏينهن سنڌ جي مختلف شهرن مان ٿيندو اچ منجهند ڏاري ڪراچي جي حدن مان داخل ٿيندو ان حوالي سان جي يو آئي ملير جي اڳواڻ ضلعي امير احسان الله ٽڪروي ڳڏاپ ،ابراهيم حيدري ۽ ملير ٽائون جي عهديدارن سيد اجمل شاه ،عبدالقيوم صديقي ، مولانا نور رحيم، مولانا اسماعيل محمد ، قاري حمد الله حقاني، حاجي محبوب اعوان ،قاري عنايت الله ۽ ٻين سان گڏ عوامي پريس ڪلب ملير ۾ پرهجوم پريس ڪانفرنس ڪندي چيو آهي ته جماعت سنڌ جي سيڪريٽري مولانا راشد محمود سومرو ۽ مولانا عبدالقيوم هاليجوي جي اڳواڻي ۾ ڪراچي پهچندڙ امن مارچ جو هزارين ماڻهن طرفان قائداباد ۾ آجيان ڪئي ويندي هنن چيو ته هڪ رات اڳ اسان قائداباد ۽ پرپاسي ۾ تنظيم جا بينر ۽ جهنڊا هنيا جيڪي رات پيٽ ۾ لاٿا ويا هنن چيو ته ڪي پي ڪي جا خان، پنجاب جا چوڌري، بلوچستان جا سردار ۽ سنڌ جا وڏيرا ملڪ ۾ امن نٿا چاهين پاڪستان کي امن جي ضرورت آهي پاڪستان کي سياستدانن کي آزاد ڪريو ۽ سياستدان ئي بچائيندا جيڪڏهن اها روش برقرار رهي ته ملڪ ۾ سريلنڪا، بنگلا ديش نيپال جهڙي صورتحال ورجائي سگهجي ٿي هنن چيو امن مارچ ڪچي توڙي پڪي جي آفيسرن توڙي ٻاهر موجود ڊاڙيلن جو خاتمو آڻيندو.

بقايا ---- 04

گرلز پرائمري اسڪول، الله ڏنو مهر عمرڪوٽ ۾ منعقد ڪئي وئي، جنهن ۾ ضلعي ڪائونسل عمرڪوٽ جي وائيس چيئرمين ميان خالد ولهاري خاص مهمان طور شرڪت ڪئي. تفصيلي رپورٽ موجب يومِ دفاع پاڪستان ۽ "معرڪ حق" جي مناسبت سان "ريزيلينٽ اينڊ رائزنگ پاڪستان" جي عنوان سان هڪ خاص ۽ بامقصد تقريب گورنمينٽ گرلز پرائمري اسڪول عمرڪوٽ ۾ ڪوٺائي وئي، جتي اسڪول جي بهتر تزئين و آرائش ۽ بهتريءَ واري منصوبي جو پڻ افتتاح ڪيو ويو هي منصوبو پاڪستان پاورٽي ايليويشن فنڊ (PPAF)جي ريزيلينٽ سوشل سروسز اينڊ ڪميونٽي ريزيلينس (RSS &CR)پروگرام تحت شريڪ ادارو مينجمينٽ ڊولپمينٽ فائونڊيشن (MDF)جي تعاون سان مڪمل ڪيو ويو ان موقعي تي پير محمد ولهاري ضلعي وائيس چيئرمين عمرڪوٽ اسڪول جي ريٽروفٽيڊ ماڊل جو افتتاح ڪيو ۽ هن منصوبي کي علائقي ۾ تعليمي ۽ سماجي بهتريءَ ڏانهن هڪ مثبت قدم قرار ڏنو ان موقعي تي خطاب ڪندي چيائين: يومِ دفاع اسان کي قرباني، عزم ۽ استقامت جي ياد ڏياري ٿو اڄ جو هي افتتاحي منصوبو ساڳئي جذبي جي عملي ترجماني آهي. تعليم ئي اها بنياد آهي، جنهن تي هڪ خوددار، خوشحال ۽ باوقار قوم جوڙجي سگهي ٿي." هن وڌيڪ چيو: "مان MDF۽ PPAFپاران ڏورانهن علائقن ۾ تعليم جي بحاليءَ لاءِ ڪيل سنجيده ۽ پائيدار ڪوشش کي دل جي گهراين سان ساراهيان ٿو. هي منصوبو نه رڳو هڪ تعليمي سڌارن جي مثال آهي، پر اهڙي ماڊل جي نمائندگي ڪري ٿو جنهن ۾ ميرٽ کي اوليت ڏني وئي آهي. خوش آئند ڳالهه آهي ته هي منصوبو مڪمل طور تي سياسي يا مذهبي لاڳاپن کان بالاتر ٿي، رڳو عوامي ڀلائي، تعليمي واڌ ويجهه ۽ اجتماعي سڌاري کي نظر ۾ رکي مڪمل ڪيو ويو آهي." هن وڌيڪ زور ڏنو ته: "اسان کي اهڙن قدمن جي ضرورت آهي، جتي محڪمن، سياسي ۽ سماجي سطح تي مڪمل هم آهنگي ۽ تعاون هجي، جيئن ترقياتي عمل جلدي اڳتي وڌي سگهي. هن ڳالهه کي يقيني بڻايو ويو آهي ته هر طبقي کي بنا فرق موقعا ملي سگهن ۽ ترقيءَ جو سفر جاري رهي." ان موقعي تي سماجي تنظيم MDFجي پراجيڪٽ مينيجر عالمگير بلال منصوبي جون تفصيلون ڏيندي چيو: "هي اسڪول رڳو تعليمي سهولتن سان ليس نه آهي، پر ماحولياتي تبديليءَ جي خطرن کي نظر ۾ رکندي ان کي وڌيڪ مضبوط، محفوظ ۽ پائيدار پڻ بڻايو ويو آهي. اسان مقامي ڪميونٽيءَ سان گڏ تعليم، تربيت ۽ خود انحصاريءَ جا مقصد حاصل ڪرڻ لاءِ پرعزم آهيون." تقريب ۾ ٻين معزز شرڪت ڪندڙن پڻ خيالن جو اظهار ڪيو، جن ۾ خالد حسين ميمڻ (پروگرام مينيجر MDF)، سيد ساجد حسين شاهه، ڊسٽرڪٽ ايجوڪيشن آفيسر ايليمينٽري عمرڪوٽ مير حسن آريسر، T.E.Oمحترمه راضيه شاهه T.E.O)فيميل)، غلام محمد مهر (چيئرمين يونين ڪائونسل ڪيجرڙي) ۽ ٻيا شامل هئا.مقررن زور ڏنو ته: "تعليم ديهاتي ترقيءَ جي بنياد آهي ۽ ريٽروفٽنگ جهڙا منصوبا تعليمي ماحول کي محفوظ، مؤثر ۽ ٻارن لاءِ وڌيڪ موزون بڻائين ٿا." هنن PPAF۽ MDFجي ڪوشش کي ساراهيو. تقريب ۾ انجنيئر گووند، ڊسٽرڪٽ انفارميشن آفيسر محمد اسلم پٽي، سيتا ديوي، رضوان علي سميت مقامي برادري، استادن، والدين، شاگردن، ڳوٺن جي تنظيمن ۽ ڪميونٽي ادارن جا نمائندا وڏي تعداد ۾ موجود هئا

بقايا ---- 05

پرويز احمد سهتو ۽ سلطان سهتو پاران ڏنل آجياڻي واري تقريب کي خطاب ڪندي چيو آهي ت پاڪستان پيپلز پارٽي جي تنظيم سازي جو عمل شروع ڪيو ويو آهي وارڊ سطح تي تنظيم سازي ڪئي پئي وڃي هن چيو ت ٻوڏ جو خطرو ٽري ويو آهي پر ان جي باوجود سنڌ حڪومت ۽ پ پ پ جا چونڊيل نمائندا بندن چوڪس آهن هن چيوت متاثرن کي اڪيلو نه ڇڏيو ويندو انهن جي هر ممڪن مدد ڪئي ويندي ۽ بندن تي ٻوڏ متاثرن کي راشن . مڇردانيون ۽ ٻيو ضروري سامان فراهم ڪيو پيو وڃي سنڌ حڪومت پاران ٻوڏ متاثرن لاءِ ڪيمپون قائم ڪيون ويون آهن آجياڻي واري تقريب ۾ پاڪستان پيپلز پارٽي جي اڳواڻ اڳوڻي يوسي چيئرمين دوست محمد سهتو.سردار غلام شبير ڪڙيو عزيز احمد سهتو حاجي حسن منگنيجو ڪامريڊ خدا بخش سهتو . ڪانديرو خان سهتو . احمد بخش ڏاهري . حاجي محمد منل سهتو . الطاف سهتو . حاجي چانگ . گلزار سهتو . شاهنواز جانوري . سميت پ پ پ جي عهديدارن ۽ ڪارڪنن جي وڏي انگ شرڪت ڪئي.

بقايا ---- 06

۽ 16 ماڻهن جا بلغم جي ٽيسٽ ڪئي وئي ۽ 70 ماڻهن کي جنرل ميڊيسن فراهم ڪئي وئي ڊاڪٽرن پاران ميڊيا سان ڳالهائيندي چيو ته برساتن سبب اڄڪلهه ننڍن وڏن شهرن ۾ مڇرن جو آزار وڌي ويو آهي جنهن جي ڪري هر ماڻهو چاڪيءَ بخار ۽ بلغم جي بيمارين ۾ ورتو پيو آهي جنهن جي لاءِ برج ڪنسلٽنٽ فائونڊيشن اين جي طرفان فري ميڊيڪل ڪيمپ لڳائي ماڻهن جو ٽيسٽيون ۽ دوائون بلڪل فري ۾ ڏئي رهيا آهيون انهي موقعي تي ڪيمپ ۾ سيف ابڙو ڊاڪٽر لطيف ڏنو ڊاڪٽر زبير احمد شاهه پرويز احمد لاکو ۽ فريد احمد ابڙو پنهنجو خدمتون سرانجام ڏنيون.

بقايا ---- 07

جسقم جي ضلعي صدر جو پاءُ قتل ٿيل آهي پر پوليس جوابدارن کي گرفتار ناهي ڪري سگهي هنن مطالبو ڪيو ته جوابدارن کي گرفتار ڪري سخت سزا ڏني وڃي

بقايا ---- 08

حسن پليجو وڏو فراڊ ڪيو آهي ۽ هاڻي وري اسان متان ڪوڙا من گهڙت الزام هڻي اسان جو حق هڙپ ڪرڻ چاهي ٿو جيڪو اسان اهڙو عمل ڪڏهن به ڪرڻ ڏينداسين هنن چيو ته مختلف وقتن تي مختلف ماڻهن سان عبدالله زمينن جي آڙ ۾ فراڊ ڪيا آهن ڪيترن ئي ماڻهن جا پئسا کائي ويو آهي ان سلسلي ۾ پريس ڪانفرنس ڪندڙن حيدر پليجو چيو ته منهنجي 24 ايڪڙ زمين تي هٿيار بند ماڻهن جي زور تي قبضو ڪيو آهي جيڪو هاڻ اسان کي ڌمڪيون ڏيئي رهيو آهي. ذوالقرنين پليجو چيو ته بااثر قبضه مافيه عبدالله پليجو منهنجي 14 ايڪڙ سروي زمين تي قبضو ڪري وينل آهي هن چيو ته هر هڪ نالي شفيع محمد سان به زرعي زمين تي ڪوڙا ڪاتا ناهي قبضو ڪيو آهي جيڪا سراسر زيادتي آهي هن ٻڌايو متاثر عبداللطيف پليجو کان به 2014 ۾ نوڪرين جي بهاني 36 لک روپيا وني ڪوڙا آرڊر ڏيئي وڏو فراڊ ڪيو جيڪو هاڻ پئسا گهرڻ تي متاثر کي ڌمڪيون ڏيئي رهيو آهي هن چيو ته مذڪور بااثر قبضه مافيه فراڊي عبدالله پليجو جنهن ڪافي ماڻهن سان وڏا فراڊ ڪيا آهن ڳ متاثر محمد صديق پليجو کان به نوڪريون وني ڏيڻ بهاني 8 لک روپيا فراڊ ڪيا آهن جڏهن ته گلزار پليجو جي 6 ايڪڙ سروي زمين تي زبردستي قبضو ڪري وينو آهي ۽ ويتر اسان متان ڪوڙا بيان ڏيئي اسان جا حق هڙپ ڪرڻ چاهي ٿو هنن چيو ته مذڪور بااثر شخص پنهنجي ئي ڪميونٽي جي ماڻهن سان ٺڳيون ڪري لکين روپيا هڙپ ڪري زمينن تي ڪوڙا ڪاتا نهرائي قبضا ڪري ظلم ڪري رهيو آهي متاثرن اعليٰ اختيارين کان مطالبو ڪيو آهي ته اسان ظلم زيادتي ڪندڙ فراڊي قبضه مافيه عبدالله پليجو خلاف ڪاروائي ڪري سندن هڙپ ڪيل پئسا توڙي قبضن هيٺ آيل زمينون واپس ڪرائي انصاف ڪيو وڃي

بقايا ---- 09

اسپتال منتقل ڪيو ويو. جتان ڪين مرهم پٽي بعد گهر روانو ڪيو ويو اسڪول جي شاگردن ۽ ڳوٺاڻن ميڊيا کي ٻڌايو ته احمدآباد پرائمري اسڪول جي عمارت مڪمل طور ڪمزور ۽ زبون حال ٿي وئي آهي. تعليم کاتي ۽ لاڳاپيل اختيارين کو به نوٽيس نه ورتو آهي هنن چيو ته اسڪول جو مرمتي ڪم نه ڪيو ويو آهي ۽ نه ئي نئين عمارت لاءِ قدم کنيو ويو آهي. جنهن ڪري اسڪول جي بلڊنگ زبون حالت هجڻ سبب ٻارن جون حياتيون خطري ۾ آهن. علائقي واسين مطالبو ڪيو ته فوري طور نئين عمارت تعمير ڪرائي ڏني وڃي ته جيئن مستقبل ۾ اهڙا حادثا پيش نه اچن.

بقايا ---- 10

ماڳن جي وڏي اهميت آهي جن تي تحقيق سان علائقن جي رهڻي ڪهڻي، تاريخ ۽ تهذيب بابت ڄاڻ ملي ٿي انڪري اسان سڀني جو فرض بڻجي ٿو ته اسين پنهنجي تاريخي ماڳن جو تحفظ ڪريون پر اسان جي معاشري جو اهو الميو رهيو آهي جو تاريخي ماڳن کي غير اهم سمجهيو وڃي ٿو هن چيو ته مومل جي ماڙي تي تحقيق جي ضرورت آهي. دڙي جي مڪمل کوٽائي بعد ئي تاريخي حقيقتون سامهون اينديون ته. هن چيو ته مومل جي ماڙي ميوزيم جي بنيادي مسئلن کي حل ڪرائڻ لاءِ سيڪريٽري ثقافت کي سفارش ڪئي ويندي جڏهن ته ضلعي انتظاميه پاران سولر لائيٽون فراهم ڪري ميوزيم آڏو سي سي پيور به لڳرايا ويندا.

بقايا ---- 11

داخل ڪيو ويو آهي. احتجاج دوران ضلع ڪائونسل ميرپورخاص جي ميمبر عابده لاشاري، مير آچر مر، محمد خان مر ۽ جمن مر صحافين سان ڳالهائيندي الزام هنيو ته معصوم شاگرد کي ڪوڙي ڪيس ۾ ڦاسائي سندس مستقبل سان کيڏيو پيو وڃي. اڳواڻن حڪومت کان مطالبو ڪيو ته معاملي جي شفاف جاچ ڪري ذميوارن خلاف ڪارروائي ڪئي وڃي ۽ شاگرد کي فوري انصاف ڏنو وڃي.

بقايا ---- 12

علي خان پٽي جي گهرواري زينب خاتون پٽي صحافين کي دانهيندي ٻڌايو ته مان6ٻارن جي ماءُ آهيان.هڪ مهينو اڳ منهنجي پيڻ علاج لاءِ ڳوٺ کان مون وٽ آئي هئي،منهنجو مڙس علي خان پٽي منهنجي پيڻ صائمه خاتون کي اغوا ڪري کڻي ويو آهي، گهڻي ڳولها ڪرڻ بعد انهن جو ڪو به پتو نه پيو آهي،خرچ نه هجڻ ڪري منهنجا ٻچڙا بک تي روئي روئي خالي پيٽ سمهي رهن ٿا،منهنجا پائر به غريب آهن،پيسا ڪتان آڻيان جو ٻچڙن جي پيٽ جو گذر سفر ڪيان،ناري جو پاءُ منٺار ٻڌايو ته مان زمين تي ويل هيس ته منهنجي پيڻ صائمه ڏندن جي سور جي علاج لاءِ ڊاڪٽر وٽ پهتي بعد ۾ هو پنهنجي پين زينب خاتون جي گهر وئي.هن ٻڌايو ته هڪ مهينو اڳ 15 آگسٽ تي منهنجو پيٽنوڙ علي خان پٽي منهنجي پيڻ صائمه کي زوري اغوا ڪري کڻي ويو آهي.ڪنيي کڻي ويل ناري صائمه جو پاءُ منٺار ۽ پيڻ زينب خاتون پٽي ايس ايس پي جيڪب آباد ۽ وس وارن کان مطالبو ڪيو آهي ته ناري صائمه کي واپس ڪرائي جوابدار علي خان متان ڪيس داخل گرفتار ڪري انصاف ڪيو وڃي

بقايا ---- 13

وڃائي ويون. فوت ٿيندڙ عورتن ۾ پناڻي زال عرس ٻبر، غزالہ ڌيءُ عمر ٻبر ۽ مهڪ ڌيءُ مرچو ٻبر شامل آهن. هڪ عورت جي لاش کي فوري طور کڏيو ويو. جڏهن ته ٻه عورتون بيهوشي واري حالت ۾ تعلقه اسپتال ڪوٽڙي منتقل ڪيون ويون، جتي ڊاڪٽرن کين فوت قرار ڏنو. هڪ ئي ڳوٺ جون ٽنهي عورتون فوت ٿيڻ سبب سموري علائقي ۾ سوڳ ڇانئجي ويو. ساڳي وقت اڳوڻي صوبائي وزير ۽ سينيٽر سسئي پليجو واقعي تي گهري ڏک ۽ افسوس جو اظهار ڪندي متاثر خاندان سان تعزيت ڪئي آهي. هن مطالبو ڪيو ته سنڌ ۽ ضلعي حڪومتن کي گهرجي ته فوت ٿيل عورتن جي وارثن کي مالي مدد فراهم ڪئي وڃي ۽ اهڙن حادثن کان بچاءَ لاءِ عملي قدم کنيا وڃن.

بقايا ---- 14

ڏاهيجي ۾ ايم ڪيو ايم جي اڳوڻي اڳواڻ ڊاڪٽر عمران فاروق شهيد جي ورسي وڏي عقيدت ۽ احترام سان ملهائي وئي . ان موقعي تي هڪ خاص دعا جي تقريب پڻ منعقد ٿي، جنهن ۾ زونل انچارج محمد عيسيٰ جوکيو، جوائنٽ زونل انچارجز سيد ظفر احمد ، عمير قمر ، زونل ڪميٽي جا ميمبر، مختلف يونٽن جا ذميوار ۽ ڪارڪن شريڪ ٿيا . تقريب کي خطاب ڪندي زونل انچارج محمد عيسيٰ جوکيو ڊاڪٽر عمران فاروق شهيد کي زبردست پيٽا پيش ڪندي چيو ته هو هڪ بهادر، مخلص ۽ باصلاحيت پارٽي اڳواڻ هو، جن پارٽي لاءِ ناقابل وسارڻ وارين خدمتون انجام ڏنيون. هن چيو ته ڊاڪٽر عمران فاروق جي شهادت پارٽي لاءِ هڪ وڏو سانحو هو. پرسندن نظريو ۽ مشن اڄ به اسان لاءِ مشعل راهه آهي . هن وڌيڪ چيو ته پارٽي پنهنجن شهيد اڳواڻن جي مشن کي جاري رکندي عوامي خدمت جو سفر ڪنهن به صورت ۾ نه روڪيو ويندو.

بقايا ---- 15

ويو. جنهن ۾ گهارو پريس ڪلب جي صدر مختيار لاشاري، ايس ٽي پي اڳواڻ محمد عمر ناهيو، محمد حسن ملاح، شاعر ابراهيم ملاح، ملاح اڳواڻ اشرف ملاح، گهارو پريس ڪلب جي سينئر نائب صدر ذوهيب شيخ، ڪامريڊ يعقوب ناهيو، صحافي فيض محمد ٿهيم، صحافي مهناج قريشي، سڪندر ٻاپڙو، جميل ڪچي، مقصود پٽ، نويد احمد خليفو الله بچايو خاصخيلي، سماجي اڳواڻ سميع الله ٻاپڙو، غلام رسول ملاح سميت ملاح برادري جي ماڻهن وڏي انگ ۾ شرڪت ڪري عبدالڪريم الهبخش ميراڻي کي لونگين ۽ اجرڪن جا تحفا پيش ڪندي محمد حنيف ملاح، محمد اشرف ملاح ۽ ٻين چيو ته عبدالڪريم ميراڻي سندس والد شهيد الله بخش ميراڻي جي قتل وارو فيصلو جيڪو راڄن جي چڱن مڙسن طرفان ٿيو هو. جنهن ۾ جوابدار ڌر تي لکين روپيا ڏنڊ وجهي عبدالڪريم ميراڻي کي تڏو ڏيئي راضي ڪرڻ جو چيو ويو. پر بهادر پيءُ جي بهادر پٽ عبدالڪريم الهبخش ميراڻي طرفان سندس پيءُ جي سمورن جوابدارن کي خون سميت سڀ ڏوهه، ڏنڊ معاف ڪري سرخرو ٿي ويو. جيڪو عمل ساراهه جوڳو آهي، اسان کي به ان عمل سان خوشي ٿي آهي، جو هن بهترين فيصلو ڪري سنڌ ۾ هڪ نئي روايت قائم ڪري ڇڏي آهي، جنهن تي هو جس لهڻي ٿو. اسان جي ملاح برادري عبدالڪريم ميراڻي سان هر قدم تي گڏ آهي ۽ گڏ رهندي. ان موقعي تي تي ملاح اڳواڻ عبدالڪريم ميراڻي چيو ته هو گهارو جي ملاح برادري جو احسانمند اهي، جو هنن ڪيس هيڏو سارو مان ڏنو اهي، هن چيو ته سندس پيءُ الهبخش ميراڻي کي 5 سال اڳ ميرپور ساڪرو ۾ شهيد ڪيو ويو، جنهن جو راڄوڻي بهتر فيصلو ڪري اسانکي انصاف مهيا ڪيو ويو، پر منهنجي ضمير اهو گوارا نه ڪيو ته جوابدارن کان بابا جي خون جو ڏوهه ڏنڊ وٺان. جنهن ڪري مون بابا جو خون توڙي رکيل ڏوهه ڏنڊ جوابدارن کي معاف ڪري اسان سڀ اختلاف ختم ڪري پاڻ ۾ پائر ٿي ويا آهيون. عبدالڪريم ميراڻي چيو ته مون سنڌ ۾ هڪ نئين روايت قائم ڪئي آهي، اميد ته سنڌ جا ماڻهون منهنجي ڪيل فيصلي مان مطمئن ٿي ان روايت کي برقرار رکندا، جيئن سنڌ اندر امن امان جي فضا برقرار رهي، باقي جهيڙن جهٽن مان سوائي نقصان جي ڪوبه فائدو ناهي، هن ملاح برادري سميت سنڌ جي سمورن ماڻهن کي اپيل ڪئي ته هو پاڻ ۾ ايڪو ٻڌي قائم ڪري پنهنجي اولاد کي تعليم ڏياري انهن ۾ سجاڳي آڻي نفرتن کي هميشه لاءِ ختم ڪري هڪ پليٽ فارم تي جمع ٿي وڃن ته سنڌ جا ماڻهون سک واري زندگي گذاري سگهندا.

بقايا ---- 16

علي آرائين جي گهر مان ٿيل لکين روپين جي چوري واقعي ۽ وڌندڙ بدامني جي خلاف هنگورجا ۾ شهرين سجاد علي آرائين ، اقبال آرائين غلام صابر آرائين جي اڳواڻي ۾ پريس ڪلب پهچي احتجاجي مظاهرو ڪري ڌرڻو هنيو ويو احتجاج ڪندڙن ميڊيا سان ڳالهائيندي چيو آهي ته هنگورجا ٿاڻي جي ۾ بدامني عروج تي پهتل آهي چوريون ڦرون روز جو معمول بڻيل آهن پوليس انتظاميا چورن جي خلاف ڪاب ڪاروائي ڪرڻ لاءِ تيار ناهي هنن چيو ته سماجي اڳواڻ ساجد علي آرائين گهر مان لکين روپين جي چوري فوري طور واپس ڪرائي وڃي ٻي صورت ۾ احتجاج جو دائرو وڌايو ويندو

بقايا ---- 17

انٽرنيشنل پرائيويٽ لميٽيڊ طرفان ايگزيڪيوٽو ڊائريڪٽر احسن موساني ۽ پاڪستان اسٽوڊنٽس اولمپڪ ايسوسيئيشن جي صدر مقبول آرائين دستخط ڪيا بُراق اسپورٽس جي چيئرمين عبدالوهاب سلطان ان کي هڪ تاريخي معاهدو قرار ڏيندي چيو ته هن معاهدي تحت نئين نوجوان نسل سماجي برائين کان بچي سگهندي جاڪاڻ ته ان جو مقصد راندين جا مقابلا ڪرائڻ ۽ راندين جي ميدانن کي آباد ڪرڻ آهي ان موقعي تي بُراق اسپورٽس پرائيويٽ لميٽيڊ جي پيٽرن چيف محمد سهيل الظروني دبئي مان پنهنجي ٽيليفونڪ پيغام ۾ نيڪ خواهشن جو اظهار ڪيو ۽ جلد ئي دبئي ۾ انٽرنيشنل اسٽوڊنٽس اولمپڪ گيمز ڪرائڻ جو ارادو ظاهر ڪيو ان موقعي تي پاڪستان روڪ بال فيڊريشن جي چيئرمين سعيد آرائين، بُراق جي ڊائريڪٽر (مارڪيٽنگ) فريهه خان، پاڪستان ڪيچ بال فيڊريشن جي صدر اُم ليلي ڪلثوم، پاڪستان پڪل بال فيڊريشن جي صدر امتياز احمد شيخ ۽ سيڪريٽري جنرل فيصل ظفر، بُراق انٽرنيشنل پرائيويٽ لميٽيڊ جي چيف ايگزيڪيوٽو ڊائريڪٽر مراد حسين، پاڪستان اسٽوڊنٽس اولمپڪ ايسوسيئيشن ڪراچي جي صدر سيد عظمت پاشا، پاڪستان جمپ روپ اسڪپنگ جي سيڪريٽري جنرل شارق صديقي سميت مختلف فيڊريشنن جا عهديدار ۽ آرگنائيزر وڏي انگ ۾ موجود هئا

بقايا ---- 18

ڪشمور کان نڪتل امن مارچ قافلو مختلف شهرن کان ٿيندو سجاول پهتو سجاول پهچڻ تي ڪارڪنن پاران امن قافلي جو شاندار استقبال ڪري گلن جي ورکا ڪئي وئي سجاول شهر جي محمدي چوڪ وٽ جلسي عام ٿيو جنهن ۾ جميعت جي ڪارڪنن ۽ شهرين وڏي انگ ۾ شرڪت ڪئي جلسي کي خطاب ڪندي راشد محمود سومرو چيو ته سنڌ ۾ بدامني عروج تي آهي سنڌ جو ڪوبه ماڻهو محفوظ ناهي سنڌ جا وسيلا سنڌ جو دريا ۽ سنڌ جا ڪچا ۽ پيلا پوٽارن سردارن ۽ ڊاڙيلن حوالي ڪيا ويا آهن ته ٻئي پاسي سنڌ جي تعليم سنڌ جي صحت سنڌ جو امن امان هٽ وٺي تباهه ڪيو ويو آهي انهي ۾ سڄو ڪردار پيپلز پارٽي جي حڪومت جو آهي سنڌ ۾ اهڙي صورتحال کي ڏسندي اسان ڪشمور کان ڪراچي تائين امن مارچ شروع ڪيو آهي راشد محمود چيو ته صبحاڻي قائد جميعت مولانا فضل رحمان جي قيادت ۾ وزيراعلا هائوس اڳيان احتجاجي ڌرڻو لڳايو ويندو ۽ انهن سنڌ جي حڪمرانن کي ياد ڏياريو ويندو ته سنڌ ۾ امن امان جي ابتر صورتحال جا زميوار اوهان آهيو يا حڪمراني سڌاريو يا اقتدار ڇڏي وڃو ۽ ائين نه ٿئي جو حالات اوهان جي هٿن مان نڪري وڃن

بقايا ---- 19

جنهن سبب هيڊ ماستر جا ڪپڙا ڦاٽي پيا ۽ اسڪول ۾ ڪيس گارگند ڪئي،هيڊماستر تي حملو. تفصيل موجب ڏوڪري پرسان گورنمينٽ بوائز پرائمري اسڪول بنڌي جي هيڊ ماستر غلام مرتضا منگي، جي متان ڳوٺاڻي فاروق ساريو شاگردن جي سامهون لٺن مڪن سان حملو ڪري هيڊ ماستر جا ڪپڙا ليڙون ليڙون ڪري ڇڏيا، اسڪولي ٻارن ۾ ڪيهاٽ پئجي ويا، جوابدار اسڪول جي فرنيچر ۾ ڀڃ ڊاهه پڻ ڪئي، حملي دوران اسڪول جي ٻين استادن وچ ۾ پئي هيڊ ماستر کي زخمي ٿيڻ کان بچائي ورتو، هوڏانهن جوابدار ڳوٺاڻي فاروق ساريو جو چوڻ هو ته اسڪول جو هيڊ ماستر سندس ٻارن جي اسڪول جي جنرل رجسٽر ۾ داخلا نه ٿو رکي، هوڏانهن گورنمينٽ بوائز پرائمري اسڪول بنڌي جي هيڊ ماستر مرتضيٰ منگي جو چوڻ هو ته حملو ڪندڙ ڳوٺاڻي جا ٻار ننڍي عمر جا آهن جنهن ڪري قانون موجب جنرل رجسٽر (جي آر) رجسٽر ۾ سندن داخلا نه رکي سگهبي، هيڊ ماستر جي فرياد تي موهن جو دڙو ايئرپورٽ ٿاڻي تي اين سي داخل ڪرائي وئي آهي، موهن جو دڙو ايئرپورٽ پوليس ڳوٺ بنڌي ۾ ڇاپو هڻي هيڊ ماستر تي حملو ڪندڙ جوابدار فاروق ساريو کي گرفتار ڪري لاڪ اپ ڪيو آهي.

بقايا ---- 20

جي پاڻي مان ڪراس ڪرڻ دوران پاڻي جي تيز وهڪري ۾ ٻڏي ويا جن مان عرفان علي ابڙو وينل ڳڙهي ياسين فوت ٿي ويو جڏهن ته امام دين سولنگي کي بيهوشي جي حالت ۾ ٻاهر ڪڍيو جنهن کي هنگورجا اسپتال آندو ويو بعد ۾ ڪيس کي گمس اسپتال ۾ منتقل ڪيو ويو آهي ٻي پاسي فوتي عرفان ابڙو جو لاش ضروري ڪارروائي بعد وارثن ڳوٺ کڻائي ويا . چيو وڃي ٿو ته ٻئي پورهيت نولکي واهه جي هڪ ڪپر کان ٻي ڪپر تائين پاڻي مان ڪراس ڪري رهيا هيو ته پاڻي جي تيز وهڪري ۽ تارو نه هجڻ ڪري ٻڏي ويا هڪ کي بچايو ويو فوت ٿي ويو

بقايا ---- 21

ميمڻ ۽ ايس ايڇ او ڪامران هاليپوتو شامل آهن. انهن سڀني کي حيدرآباد هاءِ ڪورٽ مان 50_50 هزار روپين جي مچلڪن تي 7 ڏينهن لاءِ حفاظتي ضمانت ملي وئي آهي.

بقايا ---- 22

۽ نظرانداز ٿيندڙ طبقن جي گڏيل مسئلن کي اجاگر ڪرڻ، بحث هيٺ آڻڻ ۽ انهن جي حق لاءِ مؤثر آواز اٿارڻ آهي. ضلعي فورم ۾ سول سوسائٽي جا نمائندا، سرڪاري کاتن جا آفيسر، سماجي اڳواڻ ۽ ٻيا اسٽيڪ هولڊر شامل ڪيا ويا آهن. ته جيئن ٻارن جي شادي، صنفي بنيادن تي ٿيندڙ تشدد، عدم برداشت جهڙا اهم مسئلا حل ٿي سگهن ان موقعي تي مهمان خاص ايڊيشنل ڊپٽي ڪمشنر ون ڪاشف رضا منگي تقريب کي خطاب ڪندي چيو ته ضلعي بدين ۾ ننڍن ٻارن جي شادي روڪڻ، انساني حقن جي تحفظ لاءِ، جبري پورهئي خلاف، اقليتن جي حقن ۽ تحفظ سميت ٻين معاملن جي حل لاءِ سرڪاري سطح تي ڪاميٽيون ٺهيل آهن هر مهيني انهن ڪاميٽين جون گڏجاڻيون ٿينديون رهن ٿيون هن چيو ته سماجي تنظيم سامي اهم مسئلن لاءِ فورم جوڙيو آهي جنهن جي ضرورت پڻ هئي هن سامي سميت ضلعي بدين ۾ ڪم ڪندڙ هر سماجي تنظيم کي يقين ڏياريندي چيو ته ضلعي انتظاميه فلاحي ڪمن لاءِ توهان سان ٻانهن ٻيلي رهندي بدين جي ماڻهن لاءِ جاکوڙ ڪندڙ ڪابه تنظيم پاڻ کي اڪيلو نه سمجهي ڊسٽرڪٽ ايڊمنسٽريشن توهان سان گڏ آهي ايگزيڪيوٽو ڊائريڪٽر سامي غلام مصطفيٰ ڪوسو ۽ ايڊووڪيٽ شمائلا ميمڻ پروجيڪٽ متعلق بريفنگ ڏيندي چيو ته ضلعي فورم ڳوٺاڻن ۽ پاڙي وارين فورمن ۽ ضلعي ذميوار آفيسرن وچ ۾ پل جو ڪردار ادا ڪندو، جتي عورتن، نوجوانن، معذور ماڻهن، مذهبي اقليتن ۽ ٽرانسجينڊر ماڻهن جي آواز کي ٻڌڻ ۽ اجاگر ڪرڻ کي يقيني بڻايو ويندو، باقاعده گڏجاڻين وسيلي ضلعي فورم ڳوٺاڻي فورمن ۽ آواز آگاهي سينٽرن مان ايندڙ تجويزون ۽ مسئلا جائزي هيٺ آڻيندو، انهن تي وڪالت ڪندو، خدمتن تائين رسائي وڌائيندو ۽ صوبائي سطح تي به آواز پهچائيندو بدين ضلعي ۾ سامي فائونڊيشن بدين ۽ ڪيئر پاڪستان جي سهڪار سان آواز پروگرام جاري آهي. اهو پروگرام 3 يونين ڪائونسلن- سيراني، ڪاڏي قاضيا ۽ پيرفتح شاهه جي 15 ڳوٺن ۾ لاڳو ڪيو ويو آهي. هن پروگرام جو مقصد ضلعي فورم ذريعي ڪميونٽي ۽ ضلعي سطح جي فيصلا ڪندڙن کي گڏ ڪرڻ، شهري ۽ سرڪاري ادارن جي وچ ۾ بهتر رابطو قائم ڪرڻ، اڳواٽ خبردارين تي نظر رکڻ، وڪالت مهمون هلائڻ، ۽ سماجي رواداري، هم آهنگي ۽ ڪمزور طبقا جي تحفظ لاءِ ماڻهن جي ڀرپور شرڪت کي يقيني بڻائڻ آهي ڊسٽرڪٽ فورم گڏجاڻي ۾ ايڊيشنل ڊائريڪٽر سوشل ويلفيئر عبدالغفار ڪوسو، انفارميشن آفيسر عرفان علي جوڻيجو، ڊي ايس پي پوليس محمد خان سومرو، سامي ڪميونيڪيشن آفيسر عمران جوڻيجو، اسسٽنٽ تعلقا ايجوڪيشن آفيسر عبدالفتاح جوڻيجو، پروجيڪٽ آفيسر نعيم احمد، ايڊووڪيٽ ڪامران خواجہ، پروجيڪٽ مينيجر ايل ايڇ ڊي پي موهن لال ويرماڻي، سارنگ نعيم ميمڻ ، سجاد درس ميڊيا نمائندن ۽ ٻين آفيسرن ۽ سماجي تنظيمن جي نمائندن پڻ شرڪت ڪئي

بقايا ---- 23

ملي ڊيوٽي پوائنٽس تي وقت تي پهچو ۽ مقرر وقت تي ڊيوٽي ختم ڪري موٽو ٽرن آئوٽ ۽ وردي کي صاف ستري ۽ بهتر رکيو وڃي، هٿيارن کي هميشه سٺي حالت ۾ رکو ۽ غيرحاضري کان گريز ڪيو ايس ايس پي دادو وڏن منشين کي هدايت ڪئي ته ٿاڻن تي اهلڪارن جي روزاني رولڪال ڪئي وڃي ۽ ضابطن تي عمل درآمد يقيني بڻايو وڃي. ايس ايس پي دادو ڪاروائي ڪندي پوليس ڊپلاٽمينٽ ۾ ڪوتاهي ڪرڻ تي خداآباد ٿاڻي جي وڏي منشي، مخدوم بلاول ٿاڻي جي ڊپلاٽمينٽ منشي ۽ ڪڪڙ ٿاڻي جي منشي کي شوڪاز نوٽيس پڻ جاري ڪيا ان موقعي تي سروس شيٽ ڪلارڪ، انچارج ڊي آئي بي ۽ لاڳاپيل عملدار پڻ موجود هئا جن کي ايس ايس پي دادو پاران ڊپلاٽمينٽ ۽ پوليس ويلفيئر جي معاملن متعلق ضروري هدايتون ڏنيون ويون ايس ايس پي دادو سمورن اهلڪارن ۽ آفيسرن کي واضح ڪيو ته. پوليس جو اصل ڪردار عوام جي جان ۽ مال جي حفاظت آهي ان حوالي سان ڪنهن به قسم جي لاپرواهي ناقابل برداشت هوندي، اسان جي ذميواري آهي ته امن لاءِ بهترين ڪردار ادا ڪيون جنهن لاءِ هر اهلڪار کي ذميواري جو مظاهرو ڪندي الرٽ ۽ وقت جو پابند بڻجي ڊيوٽي سرانجام ڏيڻي پوندي.

بقايا ---- 24

لڇمڻ داس، کاٽڻ فقير گوبند، راڄ، رميش ڪمار، ميران ٻائي راڄ سميت ٻين صحافين سان ڳالهائيندي چيو ته سائين ملوڪ شاهه جو ميلو هر سال لڳايو ويندو آهي. جنهن ۾ مسلمانن توڙي هندو مذهب سان تعلق رکندڙ پائر وڏي عقيدت سان شرڪت ڪندا آهن. درگاهه ملوڪ شاهه تي سيج سجائي وئي، چادر پوشي ڪئي وئي، منتون گهرڻ سان گڏ دعائون به ڪيون ويون.

بقايا ---- 25

ڪجه سالن کان وٺي سنڌ جون اڪثر سرڪاري اسپتالن ۾ غريب ماڻهن جو علاج بهتر نه پيو ٿيي ـ جنهن خلاف غريب ماڻهو دانهي آهن جڏهن سماج سڌارڪن اهو به ٻڌايو ته جيڪو صحت مند ماڻهو چڪاس لاءِ اسپتال تو وڃي ڪنهن خطرناڪ بيماري ۾ جڪڙو پيو وڃي اهڙي صورت حال بعد شڪ جنم پيا وٺن ٿا ڇاڪاڻ جو اڪثر ڊاڪٽر جعلي ڊگريون وٺي يا سفارش ذريعي ڀرتي ٿيل آهن. اهڙا ماڻهو ڊاڪٽر نه. پر انساني جانن سان کيڏندڙ قصاب لڳن ٿا. اسپتالن ۾ نه ايمبولينس وقت تي موجود هوندي آهي. نه استيچر ۽ گهڻا ڊاڪٽر پنهنجن ذاتي ڪلينڪز تي مصروف ملن ٿا. مريضن لاءِ سرڪاري اسپتالن جو دروازو اميد بدران مايوسيءَ جو مرڪز بڻجي چڪو آهي. هيومن رائٽس واچ پاڪستان جو مرڪزي چيئرمين سيد زوار شاهه تجزيا نگارن سماج سڌارڪن ڪيوهن وڌيڪ چيو ته هرحال ۾ اهڙي غير ذميوار ۽ غيرانساني روين تي سنجيدگي سان نوٽيس وٺڻ وقت جي اهم ضرورت آهي. حڪومت کي فوري قدم کڻي صحت جي نظام کي بهتر بڻائڻو پوندو.

بقايا ---- 26

۾ راڄا اشتياق جي فرياد تي قلمن 324، 147، 148، 149، 461، 337 ايڇ ٽو، 427، 506 ٽو 447 پي پي سي، 155 سي پوليس آرڊر 2002 تحت ميونسپل ڪارپوريشن ميرپورخاص جي ميئر عبدالرئوف غوري، ميونسپل ڪمشنر انيس الرحمان سيال، انڪروچمنٽ آفيسر اورنگزيب مغل، ٽيڪسيشن آفيسر عبدالسلام ميمڻ، انڪروچمنٽ اسسٽنٽ حاجي صديق سميت ٽائون ٿاڻي جي اڳوڻي ايس ايڇ او ڪامران هاليپوٽو، وڏي منشي عرض محمد مري سميت ٻين تي ڪيس داخل ڪيو ويو آهي فريادي ڪيس ۾ ڄاڻايو آهي ته اسٽيشن روڊ تي سنڌس ليز تي حاصل ڪيل پيٽرول پمپ تي ميئر جي حڪم تي ميونسپل ڪمشنر انيس الرحمان سيال ۽ ڄاڻايل ميونسپل ڪارپوريشن جي ملازمن پوليس جي اٿالن سان پهچي زوري قبضو ڪري پيٽرول پمپ غيرقانوني طور سيل ڪيو ۽ پيٽرول پمپ ۾ موجود هزارين ليٽر سميت قيمتي سامان تي قبضو ڪري ڌمڪيون ڏنيون ۽ فائرنگ ڪئي اسان کي ملازمن سميت ڌڪا ڏئي بيدخل ڪيو جڏهن ته پوليس ڪوششون باوجود منهنجو ڪيس درج نه ڪيو.

بقايا ---- 27

موجب ملير جي سورتي ڪمپني ۽ ميمڻ انڊسٽريل زون ۾ موجود خانگي فيڪٽرين ايم سيون شبير ٽائلز ۽ ٻين ڪمپنين مان خارج ٿيندڙ زهريلي دونهين سبب ڀرپاسي جا ڳوٺ خدا بخش نوحاڻي ڳوٺ علي محمد لاشاري موسي ڳوٺ رزاق آباد سخت متاثر ٿيڻ لڳا ان ڏس ۾ گڏريل ڏينهن ڳوٺاڻن رسول بخش نوحاڻي وهاب سنڌي قادر بخش نوحاڻي صالح محمد اقبال ڪلمتي ۽ ٻين سخت احتجاج ڪندي چيو ته موحولياتي ادارا سورتي ڪمپني ۽ ميمڻ انڊسٽريل زون ۾ موجود ايم سيون شبير ٽائلز ۽ ٻين فيڪٽرين خلاف ڪاروائي ڪري زهريلو دونهون بند ڪرائن هنن چيو ته جاڻايل ڪمپنيون ڳوٺاڻن کي روزگار ته نٿيون ڏين پر کين زهريلو دونهون ڇڏي بيمارين ۾ مبتلا ڪري مارڻ ٿيون چاهين هنن چيو ته فيڪٽرين جي انتظاميا مقامي ماڻهن کي انسان ئي نٿي سمجهي زهريلي دونهين سبب ڳوٺن ۾ ساهه ۽ چمڙي جي بيمارين سميت ٻين بيمارين منهن ڪڍيو آهي هن سنڌ جي وڏي وزير ماحولياتي تنظيمن ۽ ادارن کان مطالبو ڪيو ته جاڻايل فيڪٽرين خلاف ڪاروائي ڪري زهريلو دونهون بند ڪرائن سميت مقامي ڳوٺن کي روزگار ڏنو وڃي هنن چتاءُ ڏيندي چيو ته اگر فيڪٽري انتظاميا خلاف ڪاروائي نه ڪئي وئي ته فيڪٽرين سامهون سوين ڳوٺاڻن سان گڏ سخت احتجاج ڪيو ويندو ۽ عدالت جو در کڙڪايو ويندو

بقايا ---- 28

۾ پريس ڪلب پهچي احتجاجي مظاهرو ڪري ڌرڻو هنيو ويو احتجاج ڪندڙن ميڊيا سان ڳالهائيندي چيو آهي ته هنگورجا ٿاڻي جي ۾ بدامني عروج تي پهتل آهي چوريون ڦرون روز جو معمول بڻيل آهن پوليس انتظاميا چورن جي خلاف ڪاب ڪاروائي ڪرڻ لاءِ تيار ناهي هر روز جي بنياد تي هنگورجا شهر مان ڦورو هٿيارن جي زور تي شهرين کان لکين رپين جو ڦرون پيا ڪن هنن آئي جي سنڌ ڊي آئي جي سکر ايس ايس پي خيرپور کان مطالبو ڪيو آهي ته سماجي اڳواڻ ساجد علي آرائين گهر مان لکين روپين جي ٿيل چوري فوري طور واپس ڪرائي وڃي ٻي صورت ۾ احتجاج جو دائرو وڌايو ويندو

بقايا ---- 29

پانچي زال ڪرشن ميگهواڙ پريس ڪلب اڳيان پهچي صحافين اڳيان دانهيندي ڪيو ، پانچي ميگهواڙ وڌيڪ چيو ته علائقي واسي پوپو هريش ميگهواڙ جيڪو گڏريل ٻن مهينن کان دوستي رکڻ لاءِ تنگ ڪندو رهيو جڏهن ته گڏريل ڏينهن مڙس جي غير موجودگي ۾ گهر اندر گهڙي لچائي جي ڪوشش ڪئي مزاحمت تي ڪپڙا ڦاڙي ڇڏيا ۽ تشدد جو نشانو بڻايو منهنجي رڙين تي پاڙي وارن جي پهچڻ بعد هو فرار ٿي ويو جڏهن ته اهڙي شڪايت وومين ٿاڻي تي پڻ ڏني آهي پر پوليس ڪنهن قسم جي ڪاروائي نه ڪئي آهي جڏهن ته پوپي پاران ڪاري جادو عيوض مارڻ جون ڌمڪيون ڏئي رهيو آهي متاثر عورت واسطيدار اختيارين کان پر زور مطالبو ڪندي چيوت معاملي جو نوٽس وٺي جاڻايل ماڻهو خلاف ڪيس داخل ڪري انصاف فراهم ڪيو وڃي

بقايا ---- 30

هٿيار سڌا ڪري احتجاج ختم ڪرڻ لاءِ ڌمڪايو جنهن بعد مظاهرين قومي شاهراهه بلاڪ ڪري ڇڏيو جنهن سبب گاڏين جون قطارون لڳي ويون ان موقعي تي ڪمپني ۾ ڪم ڪندڙ ڊرائيور ، چوڪيدارن ، ۽ روڊ جي تعمير جو ڪم ڪندڙ مزدورن عرفان آرائين ، امتياز ، دن محمد ، غلام نبي چيو ته اسان کي 6 مهينن کان پگهار نه ملي آهي اڄ ڪيمپ آفيس ٻاهران احتجاج ڪرڻ تي ZKBڪمپني جو ايڊمن آفيسر ماجد مزدورن متان پنهنجي گارڊن متان هٿيار سڌا ڪري مارڻ جي ڪوشش ڪئي ۽ ملازمن کي موٽمار ڌمڪيون ڏنيون مزدورن سي ايم سنڌ کان نوٽيس وٺي ملازمن جون رهيل پگهارون ڏيڻ جو مطالبو ڪيو بعد ۾ گاڏين جي مسافرن ۽ ڊرائيورن پاران منٿون ڪرڻ تي روڊ جو هڪ پاسو کوليو ويو بعد پوليس مزدورن سان ڳالهيون ڪري روڊ کولرايو

بقايا ---- 31

جي عمارت زبون حال بڻجي وئي آهي ۽ ڪلاس روم جي ڇتين مان چاپڙ ڪرڻ روز جو معمول بڻيل آهي جنهن ڪري مجبور ٿي استادن پاران ٻارڙن کي ٻاهر صحن ۾ وڻن جي هيٺان تعليم ڏياري پئي وڃي، اسڪول جي هيڊ ماستر نياز علي خواجه ۽ ڳوٺ جي نيڪ مردن سابق ناظم يوسي چاڪر پنهور مير حسن پنهور، محمد صالح پنهور، تنوير پنهور، ميڊيا سان ڳالهائيندي چيو ته اسڪول جي زبون حالي بابت اسان تعليم کاتي ضلع بدين جي انتظاميا کي انهي سلسلي ۾ آگاهه ڪيو آهي پر ڪيترائي ڏينهن ٿي ويا آهن ڪو به تعليم کاتي جو اعلي عملدار اسڪول جو وزٽ ڪرڻ لاءِ نه پهتو آهي ۽ ٻارڙا اسڪول جي اڱڻ ۾ تعليم حاصل ڪري رهيا آهن، هنن تعليم کاتي جي صوبائي وزير سردار شاهه ۽ تعلقي بدين جي چونڊيل عوامي نمائندن کان مطالبو ڪيو آهي ته گورنمنٽ لوور بوائز سيڪنڊري اسڪول چاڪر پنهور جي نئين سر مرمت ڪري سوين شاگردن جو مستقبل بچايو وڃي.

بقايا ---- 32

ڪندي اسان جي والد کي تحفي طور ڏياري هئي جنهن جا سمورا دستاويز موجود آهن پورٽ قاسم ۽ ٽائون انتظاميا پوليس اٿالن سان چڙهائي ڪري گهرن کي ڊاهي پٽ ڪري ڇڏيو آهي ۽ جڏهن ته عورتن ۽ ٻارڙن کي شديد تشدد جو نشانو بڻايو آهي، جيڪڏهن نقصان جو ازالو نه ڪيو ويو ته مين نيشنل هاءِ وي تي ڌرڻو هڻنداسين : حنيف هيسباڻي، شريف هيسباڻي جون صحافين سان ڳالهيون تفصيل موجب : ملير جي علائقي رزاق آباد لڳ هيسباڻي برادري جي گهرن تي پورٽ قاسم، ٽائون انتظاميا ۽ پوليس اٿالن ڳري مشينري سان چڙهائي ڪري گهرن کي ڊاهي پٽ ڪري ڇڏيو آهي جنهن دوران عورتن ۽ ٻارڙن تي تشدد پڻ ڪيو ويو مشينري جي گوڙ سبب ٻارڙا خوف وچان بيهوش ٿي ويا جن کي فوري طور اسپتال منتقل ڪيو ويو ان موقعي تي حنيف هيسباڻي، شريف هيسباڻي ۽ ٻين صحافين کي ٻڌايو ته صبح سوير پورٽ قاسم ۽ ٽائون انتظاميا گندا گردي جي حد ڪري ڇڏي آهي قبضو ڄاڻائي اسان کي گهرن تي ڪاهه ڪئي وئي جڏهن ته ڄاڻايل زمين محترمه بينظير ڀٽو پورٽ قاسم انتظاميا کي هدايت ڪندي اسان جي والد محمد هيسباڻي کي تحفي طور ڏياري هئي جنهن جا سمورا دستاويز موجود آهن مختلف وقتن تي اسان فائل حاصل ڪرڻ لاءِ پورٽ قاسم وياسين پر ڳري رشوت جي گهر ڪئي وئي جيڪا اسان پورهيت ماڻهو نٿا ڏئي سگهون هنن چيو ته هنن مطالبو ڪيو ته جيڪڏهن فوري طور نقصان جو ازالو نه ڪيو ويو ته مين نيشنل هاءِ وي تي ڌرڻو هڻنداسين

بقايا ---- 33

ٿي ويو آهي. 20 روپيه ڪلو اٽي جو ٿيلهو جيڪو اڳ ۾ 1300 رپين ۾ ملي پيو. هاڻي 2100 کان 2200 رپين تائين وڃي پهتو آهي. اٽو، سبزيون ۽ روزمره استعمال جون شيون آسمان سان ڳالهيون پيون ڪن. منافعي خور مافيا اٽي جي اگهن ۾ ڳاتي توڙ اضافو ڪري ڇڏيو آهي. ان واڌ سبب غريب ۽ مزدور طبقو شديد پريشانيءَ ۾ مبتلا ٿي ويو آهي. ملڪ ۾ ٿيندڙ برساتن ۽ ٻوڏ جي آڙ ۾ ناجائز منافعي خوريءَ جو سلسلو وڌيڪ تيز ٿي ويو آهي. جڏهن ته انتظاميه بي وس ۽ خاموش تماشائي بڻيل آهي. شهري چون ٿا ته انتظاميه صرف بيانن تائين محدود آهي. عملي قدم ڪٿي به نظر نٿا اچن. عوام جو مطالبو آهي ته فوري طور قيمتن تي ڪنٽرول ڪيو وڃي. منافعي خور مافيا خلاف سخت ڪارروائي ڪئي وڃي ۽ غريب عوام کي رليف ڏنو وڃي.

بقايا ---- 34

۾ ڪمزور ٿي ويل شهباز ڪالوني ۾ گهر جي ڇت ڌماڪي سان ڪري پئي جنهن سبب وڏو نقصان ٿي ويو جڏهن ڇت هيٺان وينل گهر پاتين کي ڪو به نقصان نه ٿيو محمد يوسف منگي چيو ته تازي برساتن سبب ڇت اندر پاڻي داخل ٿي ڇت کي نقصان ڏنو جنهن سبب گهر جي اڌ ڇت ڪري پئي جنهن سبب نقصان ٿيو آهي مان سنڌ جي وڏي وزيرانفارميشن کاتي جي وزير ضلعي چيئرمين ڊپٽي ڪمشنر گهوٽڪي چونڊيل نمائندن کي اپيل ڪئي ته قلم جي پورهيو ڪيان ٿو منهنجي مدد ڪري گهر جي ڇت ٺهرائي ڏني وڃي.

بقايا ---- 35

ويو. جنهن ۾ گهارو پريس ڪلب جي صدر مختيار لاشاري، ايس ٽي پي اڳواڻ محمد عمر ناهيو، محمد حسن ملاح، شاعر ابراهيم ملاح، ملاح اڳواڻ اشرف ملاح، گهارو پريس ڪلب جي سينئر نائب صدر ذوهيب شيخ، ڪامريڊ يعقوب ناهيو، صحافي فيض محمد ٿهيم، صحافي مهناج قريشي، سڪندر ٻاپڙو، جميل ڪچي، مقصود پٽ، نويد احمد خليفو الله بچايو خاصخيلي، سماجي اڳواڻ سميع الله ٻاپڙو، غلام رسول ملاح سميت ملاح برادري جي ماڻهن وڏي انگ ۾ شرڪت ڪري عبدالڪريم الهبخش ميراڻي کي لونگين ۽ اجرڪن جا تحفا پيش ڪندي محمد حنيف ملاح، محمد اشرف ملاح ۽ ٻين چيو ته عبدالڪريم ميراڻي سندس والد شهيد الله بخش ميراڻي جي قتل وارو فيصلو جيڪو راڄن جي چڱن مڙسن طرفان ٿيو هو. جنهن ۾ جوابدار ڌر تي لکين روپيا ڏنڊ وجهي عبدالڪريم ميراڻي کي تڏو ڏيئي راضي ڪرڻ جو چيو ويو. پر بهادر پيءُ جي بهادر پٽ عبدالڪريم الهبخش ميراڻي طرفان سندس پيءُ جي سمورن جوابدارن کي خون سميت سڀ ڏوهه، ڏنڊ معاف ڪري سرخرو ٿي ويو. جيڪو عمل ساراهه جوڳو آهي، اسان کي به ان عمل سان خوشي ٿي آهي، جو هن بهترين فيصلو ڪري سنڌ ۾ هڪ نئي روايت قائم ڪري ڇڏي آهي، جنهن تي هو جس لهڻي ٿو. اسان جي ملاح برادري عبدالڪريم ميراڻي سان هر قدم تي گڏ آهي ۽ گڏ رهندي. ان موقعي تي تي ملاح اڳواڻ عبدالڪريم ميراڻي چيو ته هو گهارو جي ملاح برادري جو احسانمند اهي، جو هنن ڪيس هيڏو سارو مان ڏنو اهي، هن چيو ته سندس پيءُ الهبخش ميراڻي کي 5 سال اڳ ميرپور ساڪرو ۾ شهيد ڪيو ويو، جنهن جو راڄوڻي بهتر فيصلو ڪري اسانکي انصاف مهيا ڪيو ويو، پر منهنجي ضمير اهو گوارا نه ڪيو ته جوابدارن کان بابا جي خون جو ڏوهه ڏنڊ وٺان. جنهن ڪري مون بابا جو خون توڙي رکيل ڏوهه ڏنڊ جوابدارن کي معاف ڪري اسان سڀ اختلاف ختم ڪري پاڻ ۾ پائر ٿي ويا آهيون. عبدالڪريم ميراڻي چيو ته مون سنڌ ۾ هڪ نئين روايت قائم ڪئي آهي، اميد ته سنڌ جا ماڻهون منهنجي ڪيل فيصلي مان مطمئن ٿي ان روايت کي برقرار رکندا، جيئن سنڌ اندر امن امان جي فضا برقرار رهي، باقي جهيڙن جهٽن مان سوائي نقصان جي ڪوبه فائدو ناهي، هن ملاح برادري سميت سنڌ جي سمورن ماڻهن کي اپيل ڪئي ته هو پاڻ ۾ ايڪو ٻڌي قائم ڪري پنهنجي اولاد کي تعليم ڏياري انهن ۾ سجاڳي آڻي نفرتن کي هميشه لاءِ ختم ڪري هڪ پليٽ فارم تي جمع ٿي وڃن ته سنڌ جا ماڻهون سک واري زندگي گذاري سگهندا.

بقايا ---- 36

ويو. جنهن ۾ گهارو پريس ڪلب جي صدر مختيار لاشاري، ايس ٽي پي اڳواڻ محمد عمر ناهيو، محمد حسن ملاح، شاعر ابراهيم ملاح، ملاح اڳواڻ اشرف ملاح، گهارو پريس ڪلب جي سينئر نائب صدر ذوهيب شيخ، ڪامريڊ يعقوب ناهيو، صحافي فيض محمد ٿهيم، صحافي مهناج قريشي، سڪندر ٻاپڙو، جميل ڪچي، مقصود پٽ، نويد احمد خليفو الله بچايو خاصخيلي، سماجي اڳواڻ سميع الله ٻاپڙو، غلام رسول ملاح سميت ملاح برادري جي ماڻهن وڏي انگ ۾ شرڪت ڪري عبدالڪريم الهبخش ميراڻي کي لونگين ۽ اجرڪن جا تحفا پيش ڪندي محمد حنيف ملاح، محمد اشرف ملاح ۽ ٻين چيو ته عبدالڪريم ميراڻي سندس والد شهيد الله بخش ميراڻي جي قتل وارو فيصلو جيڪو راڄن جي چڱن مڙسن طرفان ٿيو هو. جنهن ۾ جوابدار ڌر تي لکين روپيا ڏنڊ وجهي عبدالڪريم ميراڻي کي تڏو ڏيئي راضي ڪرڻ جو چيو ويو. پر بهادر پيءُ جي بهادر پٽ عبدالڪريم الهبخش ميراڻي طرفان سندس پيءُ جي سمورن جوابدارن کي خون سميت سڀ ڏوهه، ڏنڊ معاف ڪري سرخرو ٿي ويو. جيڪو عمل ساراهه جوڳو آهي، اسان کي به ان عمل سان خوشي ٿي آهي، جو هن بهترين فيصلو ڪري سنڌ ۾ هڪ نئي روايت قائم ڪري ڇڏي آهي، جنهن تي هو جس لهڻي ٿو. اسان جي ملاح برادري عبدالڪريم ميراڻي سان هر قدم تي گڏ آهي ۽ گڏ رهندي. ان موقعي تي تي ملاح اڳواڻ عبدالڪريم ميراڻي چيو ته هو گهارو جي ملاح برادري جو احسانمند اهي، جو هنن ڪيس هيڏو سارو مان ڏنو اهي، هن چيو ته سندس پيءُ الهبخش ميراڻي کي 5 سال اڳ ميرپور ساڪرو ۾ شهيد ڪيو ويو، جنهن جو راڄوڻي بهتر فيصلو ڪري اسانکي انصاف مهيا ڪيو ويو، پر منهنجي ضمير اهو گوارا نه ڪيو ته جوابدارن کان بابا جي خون جو ڏوهه ڏنڊ وٺان. جنهن ڪري مون بابا جو خون توڙي رکيل ڏوهه ڏنڊ جوابدارن کي معاف ڪري اسان سڀ اختلاف ختم ڪري پاڻ ۾ پائر ٿي ويا آهيون. عبدالڪريم ميراڻي چيو ته مون سنڌ ۾ هڪ نئين روايت قائم ڪئي آهي، اميد ته سنڌ جا ماڻهون منهنجي ڪيل فيصلي مان مطمئن ٿي ان روايت کي برقرار رکندا، جيئن سنڌ اندر امن امان جي فضا برقرار رهي، باقي جهيڙن جهٽن مان سوائي نقصان جي ڪوبه فائدو ناهي، هن ملاح برادري سميت سنڌ جي سمورن ماڻهن کي اپيل ڪئي ته هو پاڻ ۾ ايڪو ٻڌي قائم ڪري پنهنجي اولاد کي تعليم ڏياري انهن ۾ سجاڳي آڻي نفرتن کي هميشه لاءِ ختم ڪري هڪ پليٽ فارم تي جمع ٿي وڃن ته سنڌ جا ماڻهون سک واري زندگي گذاري سگهندا.

بقايا ---- 37

۽ نظرانداز ٿيندڙ طبقن جي گڏيل مسئلن کي اجاگر ڪرڻ، بحث هيٺ آڻڻ ۽ انهن جي حق لاءِ مؤثر آواز اٿارڻ آهي. ضلعي فورم ۾ سول سوسائٽي جا نمائندا، سرڪاري کاتن جا آفيسر، سماجي اڳواڻ ۽ ٻيا اسٽيڪ هولڊر شامل ڪيا ويا آهن. ته جيئن ٻارن جي شادي، صنفي بنيادن تي ٿيندڙ تشدد، عدم برداشت جهڙا اهم مسئلا حل ٿي سگهن ان موقعي تي مهمان خاص ايڊيشنل ڊپٽي ڪمشنر ون ڪاشف رضا منگي تقريب کي خطاب ڪندي چيو ته ضلعي بدين ۾ ننڍن ٻارن جي شادي روڪڻ، انساني حقن جي تحفظ لاءِ، جبري پورهئي خلاف، اقليتن جي حقن ۽ تحفظ سميت ٻين معاملن جي حل لاءِ سرڪاري سطح تي ڪاميٽيون ٺهيل آهن هر مهيني انهن ڪاميٽين جون گڏجاڻيون ٿينديون رهن ٿيون هن چيو ته سماجي تنظيم سامي اهم مسئلن لاءِ فورم جوڙيو آهي جنهن جي ضرورت پڻ هئي هن سامي سميت ضلعي بدين ۾ ڪم ڪندڙ هر سماجي تنظيم کي يقين ڏياريندي چيو ته ضلعي انتظاميه فلاحي ڪمن لاءِ توهان سان ٻانهن ٻيلي رهندي بدين جي ماڻهن لاءِ جاکوڙ ڪندڙ ڪابه تنظيم پاڻ کي اڪيلو نه سمجهي ڊسٽرڪٽ ايڊمنسٽريشن توهان سان گڏ آهي ايگزيڪيوٽو ڊائريڪٽر سامي غلام مصطفيٰ ڪوسو ۽ ايڊووڪيٽ شمائلا ميمڻ پروجيڪٽ متعلق بريفنگ ڏيندي چيو ته ضلعي فورم ڳوٺاڻن ۽ پاڙي وارين فورمن ۽ ضلعي ذميوار آفيسرن وچ ۾ پل جو ڪردار ادا ڪندو، جتي عورتن، نوجوانن، معذور ماڻهن، مذهبي اقليتن ۽ ٽرانسجينڊر ماڻهن جي آواز کي ٻڌڻ ۽ اجاگر ڪرڻ کي يقيني بڻايو ويندو، باقاعده گڏجاڻين وسيلي ضلعي فورم ڳوٺاڻي فورمن ۽ آواز آگاهي سينٽرن مان ايندڙ تجويزون ۽ مسئلا جائزي هيٺ آڻيندو، انهن تي وڪالت ڪندو، خدمتن تائين رسائي وڌائيندو ۽ صوبائي سطح تي به آواز پهچائيندو بدين ضلعي ۾ سامي فائونڊيشن بدين ۽ ڪيئر پاڪستان جي سهڪار سان آواز پروگرام جاري آهي. اهو پروگرام 3 يونين ڪائونسلن- سيراني، ڪاڏي قاضيا ۽ پيرفتح شاهه جي 15 ڳوٺن ۾ لاڳو ڪيو ويو آهي. هن پروگرام جو مقصد ضلعي فورم ذريعي ڪميونٽي ۽ ضلعي سطح جي فيصلا ڪندڙن کي گڏ ڪرڻ، شهري ۽ سرڪاري ادارن جي وچ ۾ بهتر رابطو قائم ڪرڻ، اڳواٽ خبردارين تي نظر رکڻ، وڪالت مهمون هلائڻ، ۽ سماجي رواداري، هم آهنگي ۽ ڪمزور طبقا جي تحفظ لاءِ ماڻهن جي ڀرپور شرڪت کي يقيني بڻائڻ آهي ڊسٽرڪٽ فورم گڏجاڻي ۾ ايڊيشنل ڊائريڪٽر سوشل ويلفيئر عبدالغفار ڪوسو، انفارميشن آفيسر عرفان علي جوڻيجو، ڊي ايس پي پوليس محمد خان سومرو، سامي ڪميونيڪيشن آفيسر عمران جوڻيجو، اسسٽنٽ تعلقا ايجوڪيشن آفيسر عبدالفتاح جوڻيجو، پروجيڪٽ آفيسر نعيم احمد، ايڊووڪيٽ ڪامران خواجہ، پروجيڪٽ مينيجر ايل ايڇ ڊي پي موهن لال ويرماڻي، سارنگ نعيم ميمڻ ، سجاد درس ميڊيا نمائندن ۽ ٻين آفيسرن ۽ سماجي تنظيمن جي نمائندن پڻ شرڪت ڪئي

بقايا ---- 38

ويو. جنهن ۾ گهارو پريس ڪلب جي صدر مختيار لاشاري، ايس ٽي پي اڳواڻ محمد عمر ناهيو، محمد حسن ملاح، شاعر ابراهيم ملاح، ملاح اڳواڻ اشرف ملاح، گهارو پريس ڪلب جي سينئر نائب صدر ذوهيب شيخ، ڪامريڊ يعقوب ناهيو، صحافي فيض محمد ٿهيم، صحافي مهناج قريشي، سڪندر ٻاپڙو، جميل ڪچي، مقصود پٽ، نويد احمد خليفو الله بچايو خاصخيلي، سماجي اڳواڻ سميع الله ٻاپڙو، غلام رسول ملاح سميت ملاح برادري جي ماڻهن وڏي انگ ۾ شرڪت ڪري عبدالڪريم الهبخش ميراڻي کي لونگين ۽ اجرڪن جا تحفا پيش ڪندي محمد حنيف ملاح، محمد اشرف ملاح ۽ ٻين چيو ته عبدالڪريم ميراڻي سندس والد شهيد الله بخش ميراڻي جي قتل وارو فيصلو جيڪو راڄن جي چڱن مڙسن طرفان ٿيو هو. جنهن ۾ جوابدار ڌر تي لکين روپيا ڏنڊ وجهي عبدالڪريم ميراڻي کي تڏو ڏيئي راضي ڪرڻ جو چيو ويو. پر بهادر پيءُ جي بهادر پٽ عبدالڪريم الهبخش ميراڻي طرفان سندس پيءُ جي سمورن جوابدارن کي خون سميت سڀ ڏوهه، ڏنڊ معاف ڪري سرخرو ٿي ويو. جيڪو عمل ساراهه جوڳو آهي، اسان کي به ان عمل سان خوشي ٿي آهي، جو هن بهترين فيصلو ڪري سنڌ ۾ هڪ نئي روايت قائم ڪري ڇڏي آهي، جنهن تي هو جس لهڻي ٿو. اسان جي ملاح برادري عبدالڪريم ميراڻي سان هر قدم تي گڏ آهي ۽ گڏ رهندي. ان موقعي تي تي ملاح اڳواڻ عبدالڪريم ميراڻي چيو ته هو گهارو جي ملاح برادري جو احسانمند اهي، جو هنن ڪيس هيڏو سارو مان ڏنو اهي، هن چيو ته سندس پيءُ الهبخش ميراڻي کي 5 سال اڳ ميرپور ساڪرو ۾ شهيد ڪيو ويو، جنهن جو راڄوڻي بهتر فيصلو ڪري اسانکي انصاف مهيا ڪيو ويو، پر منهنجي ضمير اهو گوارا نه ڪيو ته جوابدارن کان بابا جي خون جو ڏوهه ڏنڊ وٺان. جنهن ڪري مون بابا جو خون توڙي رکيل ڏوهه ڏنڊ جوابدارن کي معاف ڪري اسان سڀ اختلاف ختم ڪري پاڻ ۾ پائر ٿي ويا آهيون. عبدالڪريم ميراڻي چيو ته مون سنڌ ۾ هڪ نئين روايت قائم ڪئي آهي، اميد ته سنڌ جا ماڻهون منهنجي ڪيل فيصلي مان مطمئن ٿي ان روايت کي برقرار رکندا، جيئن سنڌ اندر امن امان جي فضا برقرار رهي، باقي جهيڙن جهٽن مان سوائي نقصان جي ڪوبه فائدو ناهي، هن ملاح برادري سميت سنڌ جي سمورن ماڻهن کي اپيل ڪئي ته هو پاڻ ۾ ايڪو ٻڌي قائم ڪري پنهنجي اولاد کي تعليم ڏياري انهن ۾ سجاڳي آڻي نفرتن کي هميشه لاءِ ختم ڪري هڪ پليٽ فارم تي جمع ٿي وڃن ته سنڌ جا ماڻهون سک واري زندگي گذاري سگهندا.

بقايا ---- 39

ويو. جنهن ۾ گهارو پريس ڪلب جي صدر مختيار لاشاري، ايس ٽي پي اڳواڻ محمد عمر ناهيو، محمد حسن ملاح، شاعر ابراهيم ملاح، ملاح اڳواڻ اشرف ملاح، گهارو پريس ڪلب جي سينئر نائب صدر ذوهيب شيخ، ڪامريڊ يعقوب ناهيو، صحافي فيض محمد ٿهيم، صحافي مهناج قريشي، سڪندر ٻاپڙو، جميل ڪچي، مقصود پٽ، نويد احمد خليفو الله بچايو خاصخيلي، سماجي اڳواڻ سميع الله ٻاپڙو، غلام رسول ملاح سميت ملاح برادري جي ماڻهن وڏي انگ ۾ شرڪت ڪري عبدالڪريم الهبخش ميراڻي کي لونگين ۽ اجرڪن جا تحفا پيش ڪندي محمد حنيف ملاح، محمد اشرف ملاح ۽ ٻين چيو ته عبدالڪريم ميراڻي سندس والد شهيد الله بخش ميراڻي جي قتل وارو فيصلو جيڪو راڄن جي چڱن مڙسن طرفان ٿيو هو. جنهن ۾ جوابدار ڌر تي لکين روپيا ڏنڊ وجهي عبدالڪريم ميراڻي کي تڏو ڏيئي راضي ڪرڻ جو چيو ويو. پر بهادر پيءُ جي بهادر پٽ عبدالڪريم الهبخش ميراڻي طرفان سندس پيءُ جي سمورن جوابدارن کي خون سميت سڀ ڏوهه، ڏنڊ معاف ڪري سرخرو ٿي ويو. جيڪو عمل ساراهه جوڳو آهي، اسان کي به ان عمل سان خوشي ٿي آهي، جو هن بهترين فيصلو ڪري سنڌ ۾ هڪ نئي روايت قائم ڪري ڇڏي آهي، جنهن تي هو جس لهڻي ٿو. اسان جي ملاح برادري عبدالڪريم ميراڻي سان هر قدم تي گڏ آهي ۽ گڏ رهندي. ان موقعي تي تي ملاح اڳواڻ عبدالڪريم ميراڻي چيو ته هو گهارو جي ملاح برادري جو احسانمند اهي، جو هنن ڪيس هيڏو سارو مان ڏنو اهي، هن چيو ته سندس پيءُ الهبخش ميراڻي کي 5 سال اڳ ميرپور ساڪرو ۾ شهيد ڪيو ويو، جنهن جو راڄوڻي بهتر فيصلو ڪري اسانکي انصاف مهيا ڪيو ويو، پر منهنجي ضمير اهو گوارا نه ڪيو ته جوابدارن کان بابا جي خون جو ڏوهه ڏنڊ وٺان. جنهن ڪري مون بابا جو خون توڙي رکيل ڏوهه ڏنڊ جوابدارن کي معاف ڪري اسان سڀ اختلاف ختم ڪري پاڻ ۾ پائر ٿي ويا آهيون. عبدالڪريم ميراڻي چيو ته مون سنڌ ۾ هڪ نئين روايت قائم ڪئي آهي، اميد ته سنڌ جا ماڻهون منهنجي ڪيل فيصلي مان مطمئن ٿي ان روايت کي برقرار رکندا، جيئن سنڌ اندر امن امان جي فضا برقرار رهي، باقي جهيڙن جهٽن مان سوائي نقصان جي ڪوبه فائدو ناهي، هن ملاح برادري سميت سنڌ جي سمورن ماڻهن کي اپيل ڪئي ته هو پاڻ ۾ ايڪو ٻڌي قائم ڪري پنهنجي اولاد کي تعليم ڏياري انهن ۾ سجاڳي آڻي نفرتن کي هميشه لاءِ ختم ڪري هڪ پليٽ فارم تي جمع ٿي وڃن ته سنڌ جا ماڻهون سک واري زندگي گذاري سگهندا.

بقايا ---- 40

۽ نظرانداز ٿيندڙ طبقن جي گڏيل مسئلن کي اجاگر ڪرڻ، بحث هيٺ آڻڻ ۽ انهن جي حق لاءِ مؤثر آواز اٿارڻ آهي. ضلعي فورم ۾ سول سوسائٽي جا نمائندا، سرڪاري کاتن جا آفيسر، سماجي اڳواڻ ۽ ٻيا اسٽيڪ هولڊر شامل ڪيا ويا آهن. ته جيئن ٻارن جي شادي، صنفي بنيادن تي ٿيندڙ تشدد، عدم برداشت جهڙا اهم مسئلا حل ٿي سگهن ان موقعي تي مهمان خاص ايڊيشنل ڊپٽي ڪمشنر ون ڪاشف رضا منگي تقريب کي خطاب ڪندي چيو ته ضلعي بدين ۾ ننڍن ٻارن جي شادي روڪڻ، انساني حقن جي تحفظ لاءِ، جبري پورهئي خلاف، اقليتن جي حقن ۽ تحفظ سميت ٻين معاملن جي حل لاءِ سرڪاري سطح تي ڪاميٽيون ٺهيل آهن هر مهيني انهن ڪاميٽين جون گڏجاڻيون ٿينديون رهن ٿيون هن چيو ته سماجي تنظيم سامي اهم مسئلن لاءِ فورم جوڙيو آهي جنهن جي ضرورت پڻ هئي هن سامي سميت ضلعي بدين ۾ ڪم ڪندڙ هر سماجي تنظيم کي يقين ڏياريندي چيو ته ضلعي انتظاميه فلاحي ڪمن لاءِ توهان سان ٻانهن ٻيلي رهندي بدين جي ماڻهن لاءِ جاکوڙ ڪندڙ ڪابه تنظيم پاڻ کي اڪيلو نه سمجهي ڊسٽرڪٽ ايڊمنسٽريشن توهان سان گڏ آهي ايگزيڪيوٽو ڊائريڪٽر سامي غلام مصطفيٰ ڪوسو ۽ ايڊووڪيٽ شمائلا ميمڻ پروجيڪٽ متعلق بريفنگ ڏيندي چيو ته ضلعي فورم ڳوٺاڻن ۽ پاڙي وارين فورمن ۽ ضلعي ذميوار آفيسرن وچ ۾ پل جو ڪردار ادا ڪندو، جتي عورتن، نوجوانن، معذور ماڻهن، مذهبي اقليتن ۽ ٽرانسجينڊر ماڻهن جي آواز کي ٻڌڻ ۽ اجاگر ڪرڻ کي يقيني بڻايو ويندو، باقاعده گڏجاڻين وسيلي ضلعي فورم ڳوٺاڻي فورمن ۽ آواز آگاهي سينٽرن مان ايندڙ تجويزون ۽ مسئلا جائزي هيٺ آڻيندو، انهن تي وڪالت ڪندو، خدمتن تائين رسائي وڌائيندو ۽ صوبائي سطح تي به آواز پهچائيندو بدين ضلعي ۾ سامي فائونڊيشن بدين ۽ ڪيئر پاڪستان جي سهڪار سان آواز پروگرام جاري آهي. اهو پروگرام 3 يونين ڪائونسلن- سيراني، ڪاڏي قاضيا ۽ پيرفتح شاهه جي 15 ڳوٺن ۾ لاڳو ڪيو ويو آهي. هن پروگرام جو مقصد ضلعي فورم ذريعي ڪميونٽي ۽ ضلعي سطح جي فيصلا ڪندڙن کي گڏ ڪرڻ، شهري ۽ سرڪاري ادارن جي وچ ۾ بهتر رابطو قائم ڪرڻ، اڳواٽ خبردارين تي نظر رکڻ، وڪالت مهمون هلائڻ، ۽ سماجي رواداري، هم آهنگي ۽ ڪمزور طبقا جي تحفظ لاءِ ماڻهن جي ڀرپور شرڪت کي يقيني بڻائڻ آهي ڊسٽرڪٽ فورم گڏجاڻي ۾ ايڊيشنل ڊائريڪٽر سوشل ويلفيئر عبدالغفار ڪوسو، انفارميشن آفيسر عرفان علي جوڻيجو، ڊي ايس پي پوليس محمد خان سومرو، سامي ڪميونيڪيشن آفيسر عمران جوڻيجو، اسسٽنٽ تعلقا ايجوڪيشن آفيسر عبدالفتاح جوڻيجو، پروجيڪٽ آفيسر نعيم احمد، ايڊووڪيٽ ڪامران خواجہ، پروجيڪٽ مينيجر ايل ايڇ ڊي پي موهن لال ويرماڻي، سارنگ نعيم ميمڻ ، سجاد درس ميڊيا نمائندن ۽ ٻين آفيسرن ۽ سماجي تنظيمن جي نمائندن پڻ شرڪت ڪئي

بقايا ---- 41

ويو. جنهن ۾ گهارو پريس ڪلب جي صدر مختيار لاشاري، ايس ٽي پي اڳواڻ محمد عمر ناهيو، محمد حسن ملاح، شاعر ابراهيم ملاح، ملاح اڳواڻ اشرف ملاح، گهارو پريس ڪلب جي سينئر نائب صدر ذوهيب شيخ، ڪامريڊ يعقوب ناهيو، صحافي فيض محمد ٿهيم، صحافي مهناج قريشي، سڪندر ٻاپڙو، جميل ڪچي، مقصود پٽ، نويد احمد خليفو الله بچايو خاصخيلي، سماجي اڳواڻ سميع الله ٻاپڙو، غلام رسول ملاح سميت ملاح برادري جي ماڻهن وڏي انگ ۾ شرڪت ڪري عبدالڪريم الهبخش ميراڻي کي لونگين ۽ اجرڪن جا تحفا پيش ڪندي محمد حنيف ملاح، محمد اشرف ملاح ۽ ٻين چيو ته عبدالڪريم ميراڻي سندس والد شهيد الله بخش ميراڻي جي قتل وارو فيصلو جيڪو راڄن جي چڱن مڙسن طرفان ٿيو هو. جنهن ۾ جوابدار ڌر تي لکين روپيا ڏنڊ وجهي عبدالڪريم ميراڻي کي تڏو ڏيئي راضي ڪرڻ جو چيو ويو. پر بهادر پيءُ جي بهادر پٽ عبدالڪريم الهبخش ميراڻي طرفان سندس پيءُ جي سمورن جوابدارن کي خون سميت سڀ ڏوهه، ڏنڊ معاف ڪري سرخرو ٿي ويو. جيڪو عمل ساراهه جوڳو آهي، اسان کي به ان عمل سان خوشي ٿي آهي، جو هن بهترين فيصلو ڪري سنڌ ۾ هڪ نئي روايت قائم ڪري ڇڏي آهي، جنهن تي هو جس لهڻي ٿو. اسان جي ملاح برادري عبدالڪريم ميراڻي سان هر قدم تي گڏ آهي ۽ گڏ رهندي. ان موقعي تي تي ملاح اڳواڻ عبدالڪريم ميراڻي چيو ته هو گهارو جي ملاح برادري جو احسانمند اهي، جو هنن ڪيس هيڏو سارو مان ڏنو اهي، هن چيو ته سندس پيءُ الهبخش ميراڻي کي 5 سال اڳ ميرپور ساڪرو ۾ شهيد ڪيو ويو، جنهن جو راڄوڻي بهتر فيصلو ڪري اسانکي انصاف مهيا ڪيو ويو، پر منهنجي ضمير اهو گوارا نه ڪيو ته جوابدارن کان بابا جي خون جو ڏوهه ڏنڊ وٺان. جنهن ڪري مون بابا جو خون توڙي رکيل ڏوهه ڏنڊ جوابدارن کي معاف ڪري اسان سڀ اختلاف ختم ڪري پاڻ ۾ پائر ٿي ويا آهيون. عبدالڪريم ميراڻي چيو ته مون سنڌ ۾ هڪ نئين روايت قائم ڪئي آهي، اميد ته سنڌ جا ماڻهون منهنجي ڪيل فيصلي مان مطمئن ٿي ان روايت کي برقرار رکندا، جيئن سنڌ اندر امن امان جي فضا برقرار رهي، باقي جهيڙن جهٽن مان سوائي نقصان جي ڪوبه فائدو ناهي، هن ملاح برادري سميت سنڌ جي سمورن ماڻهن کي اپيل ڪئي ته هو پاڻ ۾ ايڪو ٻڌي قائم ڪري پنهنجي اولاد کي تعليم ڏياري انهن ۾ سجاڳي آڻي نفرتن کي هميشه لاءِ ختم ڪري هڪ پليٽ فارم تي جمع ٿي وڃن ته سنڌ جا ماڻهون سک واري زندگي گذاري سگهندا.

بقايا ---- 42

اجاگر ڪرڻ، بحث هيٺ آڻڻ ۽ انهن جي حق لاءِ مؤثر آواز اٿارڻ آهي. ضلعي فورم ۾ سول سوسائٽي جا نمائندا، سرڪاري کاتن جا آفيسر، سماجي اڳواڻ ۽ ٻيا اسٽيڪ هولڊر شامل ڪيا ويا آهن. ته جيئن ٻارن جي شادي، صنفي بنيادن تي ٿيندڙ تشدد، عدم برداشت جهڙا اهم مسئلا حل ٿي سگهن ان موقعي تي مهمان خاص ايڊيشنل ڊپٽي ڪمشنر ون ڪاشف رضا منگي تقريب کي خطاب ڪندي چيو ته ضلعي بدين ۾ ننڍن ٻارن جي شادي روڪڻ، انساني حقن جي تحفظ لاءِ، جبري پورهئي خلاف، اقليتن جي حقن ۽ تحفظ سميت ٻين معاملن جي حل لاءِ سرڪاري سطح تي ڪاميٽيون ٺهيل آهن هر مهيني انهن ڪاميٽين جون گڏجاڻيون ٿينديون رهن ٿيون هن چيو ته سماجي تنظيم سامي اهم مسئلن لاءِ فورم جوڙيو آهي جنهن جي ضرورت پڻ هئي هن سامي سميت ضلعي بدين ۾ ڪم ڪندڙ هر سماجي تنظيم کي يقين ڏياريندي چيو ته ضلعي انتظاميه فلاحي ڪمن لاءِ توهان سان ٻانهن ٻيلي رهندي بدين جي ماڻهن لاءِ جاکوڙ ڪندڙ ڪابه تنظيم پاڻ کي اڪيلو نه سمجهي ڊسٽرڪٽ ايڊمنسٽريشن توهان سان گڏ آهي ايگزيڪيوٽو ڊائريڪٽر سامي غلام مصطفيٰ ڪوسو ۽ ايڊووڪيٽ شمائلا ميمڻ پروجيڪٽ متعلق بريفنگ ڏيندي چيو ته ضلعي فورم ڳوٺاڻن ۽ پاڙي وارين فورمن ۽ ضلعي ذميوار آفيسرن وچ ۾ پل جو ڪردار ادا ڪندو، جتي عورتن، نوجوانن، معذور ماڻهن، مذهبي اقليتن ۽ ٽرانسجينڊر ماڻهن جي آواز کي ٻڌڻ ۽ اجاگر ڪرڻ کي يقيني بڻايو ويندو، باقاعده گڏجاڻين وسيلي ضلعي فورم ڳوٺاڻي فورمن ۽ آواز آگاهي سينٽرن مان ايندڙ تجويزون ۽ مسئلا جائزي هيٺ آڻيندو، انهن تي وڪالت ڪندو، خدمتن تائين رسائي وڌائيندو ۽ صوبائي سطح تي به آواز پهچائيندو بدين ضلعي ۾ سامي فائونڊيشن بدين ۽ ڪيئر پاڪستان جي سهڪار سان آواز پروگرام جاري آهي

نمائندا گهرجن

سنڌ جي نالي واري اخبار
مسلسل 15 سال کان شايع ٿيندڙ
روزاني عوامي سوچ ڪراچي
کي سنڌ جي ننڍن وڏن شهرن لاءِ نمائندن جي ضرورت آهي، صحافت سان دلچسپي رکندڙ اداري سان هيٺ ڏنل نمبر تي رابطو ڪري سگهن ٿا..

رابطي لاءِ: 03072308754

www.awamisoach.com
جمهوري سوچ جي ترجمان
ABC Certified
Daily AWAMI SOACH Karachi
روزاني عوامي سوچ ڪراچي
چيف ايڊيٽر حاجي محمد حنيف ميمڻ

جهرڪ ويجهو ڳوٺ ارباب پائي خان ٻبر ۾ برساتي تلاءُ ۾ ٻڏي ٽن عورتن جي فوت ٿيڻ جو افسوسناڪ واقعو

پاڻي ڀرڻ دوران هڪ عورت جو پير سلپ ٿيڻ سبب ساڻس گڏ ٻه عورتون به ٻڏي حياتي وڃائي ويون، ڳوٺ ۾ سوڳ ڇانئجي ويو

فوت ٿيندڙ عورتن ۾ پٺاڻي زال عرس ٻبر، غزاله ڌيءُ عمر ٻبر ۽ مهڪ ڌيءُ مرچو ٻبر شامل، لاش اسپتال منتقل ڪيا ويا

سينيٽر سسئي پليجو پاران متاثر خاندان سان تعزيت، حڪومت کي مالي امداد ۽ بچاءَ لاءِ قدم کڻڻ جو مطالبو

ٺٽو (رپورٽ واحدشورو) جهرڪ ويجهو ڳوٺ ارباب پائي خان ٻبر ۾ افسوسناڪ حادثو پيش آيو جتي ڳوٺ جون ٽن عورتون برساتي پاڻي جي تلاءُ ۾ ٻڏي فوت ٿي ويون. اکين ڏٺن شاهدن موجب عورتون تلاءُ مان پاڻي ڀري رهيون هيون. ته اوچتو هڪ عورت جو پير سلپ ٿيڻ سبب هوءَ ٻڏي ويئي. ساڻس گڏ ٻه عورتون کيس بچائڻ لاءِ پاڻي ۾ هيون. پر بدقسمتي سان ٽئي ٻڏي حياتي /بقايا پڙهو صفحو 3 نمبر 13

ميرپور ساڪرو جي نوجوان جوابدارن کي خون ۽ ڏنڊ معاف ڪري نئين روايت قائم ڪري ڇڏي

گهارو ۾ ملاح برادري پاران عبدالڪريم ميراڻي جي مان ۾ آجياڻو، شرڪت ڪندڙن پاران اجرڪون ۽ لونگيون پيش ڪيون ويون

فيصلو جرئتمندانه ۽ سنڌ ۾ امن امان لاءِ بهترين قدم، ملاح برادري عبدالڪريم سان گڏ آهي: معززين اڳواڻ

اختلاف ختم ڪري پائرتي ويا آهيون، سنڌ واسين کي ايڪو، تعليم ۽ سجاڳي لاءِ اپيل آهي: عبدالڪريم ميراڻي

ٺٽو(رپورٽ واحدشورو) ميرپور ساڪرو جي ملاح اڳواڻ شهيد الله بخش ميراڻي جي بهادر فرزند عبدالڪريم ميراڻي پاران پنهنجي شهيد پيءُ الهبخش ميراڻي جو خون توڙي رڪيل ڏوهه ڏنڊ جوابدارن کي معاف ڪرڻ واري جرئتمنداڻي ڪيل فيصلي تي گهارو شهر جي رهواسي ملاح برادري جي معززين محمد حنيف ملاح ۽ محمد اشرف ملاح پاران گهارو شهر ۾ سندس مان ۾ آجياڻو ڏنو /بقايا پڙهو صفحو 3 نمبر 15

ميرپور ساڪرو جي نوجوان جوابدارن کي خون ۽ ڏنڊ معاف ڪري نئين روايت قائم ڪري ڇڏي آهي

رسول آباد ڳوٺ نور احمد آرائين ۾ سماجي اڳواڻ ساجد علي آرائين جي گهر مان لکين روپين جي چوري، زيورات ۽ رقم هٿ ڪري نامعلوم چور فرار

هنگورجا (رپورٽر) هنگورجا ٿاڻي جي حد رسول آباد جي ڳوٺ نوراحمد آرائين ۾ گذريل رات نامعلوم چور سماجي اڳواڻ ساجد علي آرائين جي گهر ۾ گهڙي سونا زيورات 60 هزار روپيا روڪ ۽ ٻيو لکين روپين جو قيمتي سامان چوري ڪري فرار ٿي ويا چوري واقعي جو ڪوب ڪيس داخل ن ٿي سگهيو ٻي پاسي سماجي ورڪر ساجد/بقايا پڙهو صفحو 3 نمبر 16

ڏوڪري پرسان ڳوٺ ٻنڌي ۾ اسڪول هيڊ ماسٽر غلام مرتضيٰ منگي مٿان ڳوٺاڻي جو لٺين مڪن سان حملو

حملي دوران ڪپڙا ڦاٽي پيا، اسڪولي ٻارن ۾ ڪيهاٽ، فرنيچر ۾ ڀڃ ڊاهه، ٻين استادن بچائي ورتو

جوابدار فاروق ساريو جو الزام: ٻارن کي اسڪول جي جنرل رجسٽر ۾ داخل نه پيو ڪيو وڃي

هيڊ ماستر جي فرياد تي ڪيس داخل، پوليس ڇاپو هڻي جوابدار کي گرفتار ڪري لاڪ اپ ۾ وجهي ڇڏيو

ڏوڪري (رپورٽر) ڏوڪري پرسان ڳوٺ ٻگي ٻنڌيءَ ۾ ڳوٺ واسي فاروق ساريو پاران گورنمينٽ بوائز پرائمري اسڪول ٻنڌي جي هيڊ ماستر غلام مرتضيٰ منگي مٿان اسڪول اندر شاگردن سامهون تشدد لٺين مڪن سان حملو ڪري ڏنو/بقايا پڙهو صفحو 3 نمبر 19

ڏوڪري پرائمري اسڪول هيڊ ماستر مٿان حملي بابت تفصيل ٻڌايو پيو وڃي

هنگورجا ڳوٺ ڪوڙو سهتو سامهون ٻه پورهيت نولکي واهه ۾ ٻڏي ويا، هڪ فوت

هنگورجا (رپورٽر) هنگورجا ڳوٺ ڪوڙو سهتو سامهون ٻ پورهيت نولکي واهه ۾ ٻڏي ويا هڪ ڄڻو فوت هڪ کي بيهوشي جي حالت ۾ ٻاهر ڪڍيو ويو اسپتال منتقل . تفصيل موجب هنگورجا پرسان خانواهڻ ٿاڻي جي حد ڳوٺ ڪوڙو سهتو سامهون ڪيلن جي باغ تي ڪم ڪندڙ پورهيت عرفان ابڙو ۽ امام دين سولنگي نولکي واهه /بقايا پڙهو صفحو 3 نمبر 20

ايس ايس پي دادو پاران پوليس ڊپلائمينٽ کي مؤثر بڻائڻ لاءِ خصوصي بريفنگ جاري

سمورن اهلڪارن کي پڪٽ ڊيوٽي تي الرٽ رهڻ ۽ عوام کي تحفظ جو احساس ڏيڻ جون هدايتون ڏنيون ويون

ٿاڻن تي اهلڪارن جي روزانه رول ڪال ۽ ضابطن تي سخت عمل درآمد جون هدايتون به ڏنيون ويون

دادو (رپورٽر) ايس ايس پي دادو ڪيپٽن (ر) امير سعود مگسي پوليس ڊپلائمينٽ کي وڌيڪ مؤثر ۽ بهتر بڻائڻ لاءِ وڏن منشين، ننڍن منشين ۽ پڪٽ ڊيوٽي تي مقرر سمورن اهلڪارن کي گهرائي هڪ خصوصي بريفنگ ڏني* ايس ايس پي دادو اهلڪارن کي واضح هدايتون جاري ڪيون ته: پڪٽ ڊيوٽي دوران مڪمل الرٽ ۽ نمايان رهو ته جيئن ايندڙ ويندڙ ماڻهن کي تحفظ جو احساس/بقايا پڙهو صفحو 3 نمبر 23

سنڌ جون سرڪاري اسپتالون لاپرواهي ۽ بيحسي جو شڪار، معصوم مريض تڙپي رهيا آهن

قابليتن تي شڪ، جعلي ڊگرين ۽ سفارش ذريعي ڀرتي ٿيل ڊاڪٽر انساني جانن سان ڪيڏڻ لڳا

علاج بدران خطري ۾ صحت، اسپتال ويندڙ صحتمند ماڻهو به بيمارين ۾ جڪڙجي رهيا آهن

هيومن رائٽس واچ چيئرمين جو اظهار، حڪومت کي فوري قدم کڻي صحت نظام سڌارڻ جو مطالبو

راڻيپور (منير جوٽيجو) سنڌ جي سرڪاري اسپتال جي صورتحال انتهائي افسوسناڪ بڻجي چڪي آهي. معصوم مريض تڙپي رهيا آهن. پر علاج لاءِ مقرر ڪيل عملي جي لاپرواهي ۽ بيحسي حد کان وڌي وئي آهي. ڪيترن ئي ڊاڪٽرن جون قابليتون شڪ ۾ آهن، عام صحت مند ماڻهو چڪاس ڪرائيندڙ به وڌين بيمارين ۾ مبتلا ٿيڻ لڳا سماج سڌارڪ رپورٽ موجب گذريل /بقايا پڙهو صفحو 3 نمبر 25

ميرپورخاص ۾ پيٽرول پمپ غيرقانوني طور سيل ڪرڻ وارو معاملو، سنڌ هاءِ ڪورٽ سرڪٽ بينچ جو نوٽيس

پيٽرول پمپ مالڪ راجا اشتياق جي فرياد تي ميئر عبدالرئوف غوري، ميونسپل ڪمشنر ۽ ٻين خلاف ڪيس داخل

فرياد ۾ الزام، ميونسپل عملو پوليس جي اٿالن سان گڏ زوري قبضو ڪري قيمتي سامان ۽ هزارين ليٽر پيٽرول تي هٿ وڌو

ڌمڪيون، ڌڪا، فائرنگ، بيدخلي جا واقعا، عدالت حڪم بعد سٽي ٿاڻي ميرپورخاص تي قلمن تحت ڪيس داخل ٿي ويو

ميرپورخاص (سومارسميجو) پيٽرول پمپ غيرقانوني طور سيل ڪرڻ واري ڪيس ۾ سنڌ هاءِ ڪورٽ سرڪٽ بينچ ميرپورخاص پاران پيٽرول پمپ جي مالڪ راجا اشتياق جي فرياد تي ڪيس داخل ڪرڻ وارين هدايتن بعد سٽي ٿاڻي ميرپورخاص /بقايا پڙهو صفحو 3 نمبر 26

ميرپورخاص: ڪيس ۾ نامزد ميئر عبدالرئوف غوري ۽ ٻين جي تصوير

ميمڻ انڊسٽريل پارڪ ۾ فيڪٽرين مان زهريلو دونهون خارج، ڀرپاسي جا ڳوٺ سخت متاثر

ملير (رپورٽر) ميمڻ انڊسٽريل پارڪ ۾ موجود خانگي فيڪٽريون زهريلو دونهون خارج ڪرڻ لڳيون، ڀرپاسي جا ڳوٺ سخت متاثر، موذي بيماريون پکڙجڻ لڳيون، ڳوٺاڻن جو احتجاج، ماحولياتي ادارا فيڪٽرين جي انتظاميا خلاف ڪاروائي ڪري زهريلو دونهون بند ڪرائين ٻئي صورت ۾ سخت احتجاج ڪيو ويندو ڳوٺاڻا تفصيل /بقايا پڙهو صفحو 3 نمبر 27

پورهيتن سان ناانصافيون بند ڪريو: راڻيپور ۾ قومي شاهراهه تي احتجاج

ڪمپني ZKB پاران ڇهه مهينن کان پگهار نه ڏيڻ تي ڪم ڪندڙ مزدورن سخت احتجاج جاري رکيو

ايڊمن آفيسر ماجد ۽ ڪئمپ جا گارڊ هٿيارن سان ڌمڪيون ڏيندي مظاهرين کي خوفزده ڪرڻ جي ڪوشش ڪئي

مزدورن جي حوصلن سبب قومي شاهراهه بلاڪ، پوليس ۽ مسافرن جي مداخلت بعد روڊ کوليو ويو

ڪنڊيارو (رپورٽر) راڻي پور کان پريا سٽي ٿائين ٺهندڙ قومي شاهراهه جي ٻنهي روڊن جي تعمير ڪندڙ ڪمپني زيد ڪي بي پاران پورهيتن سان ٿيندڙ ناانصافين خلاف ڪمپني ۾ ڪم ڪندڙ پورهيتن مرزا پور پرسان واقع ڪئمپ جي گيٽ اڳيان احتجاجي مظاهرو ڪيو ويو جنهن تي ڪمپني جي ايڊمن ماجد پاران احتجاج ڪندڙن مٿان ڌمرجي پيو ۽ ڪئمپ جا گارڊ وني احتجاج ڪندڙن مٿان /بقايا پڙهو صفحو 3 نمبر 30

گورنمينٽ لوئر بوائز سيڪنڊري اسڪول چاڪر پنهور زبون حال، ڇتين مان روزانو ڇاپڙ ڪرڻ معمول

استادن مجبوري تحت شاگردن کي صحن ۾ وڻن هيٺان تعليم ڏيڻ لڳا، 250 کان وڌيڪ ٻارڙا متاثر

هيڊ ماستر ۽ ڳوٺاڻن جو تعليم کاتي ۽ بدين جي چونڊيل نمائندن کي بار بار آگاهه ڪرڻ باوجود به ڪو عملدار نه پهتو

اسڪول جي نئين سر مرمت ڪري سوين شاگردن جو تعليمي مستقبل بچايو وڃي: علائقائي اڳواڻن جو مطالبو

بدين (رجب راهمون) بدين جي شهر ڪڍڻ لڳ يونين ڪائونسل چاڪر پنهور جي گورنمنٽ لوور بوائز سيڪنڊري اسڪول جنهن ۾ هن وقت 250 کان وڌيڪ شاگرد زير تعليم آهن, هن قديمي اسڪول جي بلڊنگ جي نئين سر مرمت 2012ع ۾ ٿي جنهن جو افتتاح ان وقت جي قومي اسيمبلي جي اسپيڪر ڊاڪٽر فهميده مرزا ڪيو هو، مسلسل برساتن سبب مذڪوره اسڪول/بقايا پڙهو صفحو 3 نمبر 31

گورنمينٽ لوئر بوائز سيڪنڊري اسڪول چاڪر پنهور زبون حال خلاف احتجاج ڪيو پيو وڃي

رزاق آباد لڳ هيسباڻي برادري جي گهرن تي پورٽ قاسم ۽ ٽائون انتظاميا جي ڳري مشينري سان چڙهائي

ملير (رپورٽر) رزاق آباد لڳ قديمي رهاڪن جي گهرن تي پورٽ قاسم، ٽائون انتظاميا ۽ اينٽي انڪروچمنٽ پوليس اٿالن جي ڳري مشينري سان گڏيل چڙهائي، گهر ڊاهي پٽ، عورتن ۽ ٻارڙن تي تشدد، مشينري جي ڪوڙ سبب ٻارڙا خوف وچان بيهوش، اسپتال منتقل، ڇاڻايل زمين محترمه بينظير پٽو پورٽ قاسم انتظاميا کي هدايت /بقايا پڙهو صفحو 3 نمبر 32

ايم ڪيو ايم ٺٽو زون پاران ڊاڪٽر عمران فاروق جي ورسي وڏي عقيدت ۽ احترام سان ملهائي وئي

شيخ عبدالمجيد سنڌي ڪالوني ۾ قرآن خواني، فاتحه ۽ خاص دعا جي تقريب جو اهتمام ڪيو ويو

زونل انچارج محمد عيسيٰ جوکيو ۽ ذميوارن پاران شهيد اڳواڻ کي زبردست ڀيٽا پيش ڪئي وئي

ٺٽو (رپورٽ واحدشورو) ايم ڪيو ايم (پاڪستان) ٺٽوزون پاران ڊاڪٽر عمران فاروق شهيد جي ورسي ، فاتحه ۽ قرآن خوانيءَ جو اهتمام _ ايم ڪيوايم پاڪستان ٺٽوزون پاران شيخ عبدالمجيد سنڌي ڪالوني غريب آباد مارڪيٽ /بقايا پڙهو صفحو 3 نمبر 14

ٺٽو: ايم ڪيوايم ٺٽوزون پاران ڊاڪٽر عمران فاروق جي ورسي وڏي عقيدت ۽ احترام سان ملهائي وئي آهي

گراس روٽ راندين لاءِ نئين دور جو آغاز ٿي ويو، اولمپڪ گيمز ڪرائڻ جو اعلان

ايگزيڪيوٽو ڊائريڪٽر احسن موساني ۽ صدر مقبول آرائين دستخط سان ياداشت تي راندين لاءِ بجيٽ ۽ سهولتون وڌايون ويون

عبدالوهاب سلطان معاهدي کي تاريخي قرار ڏنو، نوجوانن لاءِ مقابلا ۽ راندين جا جديد ميدان آباد ڪرڻ جو واعدو ڪيو

ڪراچي (رپورٽر) گراس روٽ سطح تي راندين جي ٽيلنٽ کي اڀارڻ لاءِ پاڪستان اسٽوڊنٽس اولمپڪ ايسوسيئيشن ۽ بُراق انٽرنيشنل پرائيويٽ لميٽيڊ متحده عرب امارات وچ ۾ معاهدو طئي ٿيو آهي هن معاهدي ۽ ياداشت تي بُراق /بقايا پڙهو صفحو 3 نمبر 17

جي يو آئي امن مارچ سجاول پهتو، ڪارڪنن پاران شاندار استقبال

محمدي چوڪ تي وڏي جلسي عام، جميعت جي ڪارڪنن ۽ شهرين وڏي انگ ۾ شرڪت

سنڌ ۾ بدامني، ڌاڙيل، پوتارا ۽ سردار ذميوار آهن: مولانا راشد محمود سومرو جو خطاب

سجاول (رپورٽ: امتياز ميمڻ) سنڌ ۾ بدامني ۽ قبيلائي جهيڙن خلاف جي يو آئي پاران مولانا راشد محمود سومرو مولانا عبدالقيوم هاليجوي جي اڳواڻي ۾ /بقايا پڙهو صفحو 3 نمبر18

ميرپورخاص پيٽرول پمپ ڪيس ۾ ميئر عبدالرؤف غوري ۽ ٻين جوابدارن کي وڏو رليف

هائي ڪورٽ حيدرآباد مان سيني جوابدارن کي 50_50 هزار رپين جي مچلڪن تي ضمانت منظور

ميونسپل ڪارپوريشن جي آفيسرن ۽ اڳوٽي ايس ايڇ او ڪامران هاليپوٽو کي 7 ڏينهن لاءِ حفاظتي ضمانت

ميرپورخاص (سومارسميجو) اسٽيشن چوڪ پرسان پيٽرول پمپ مالڪ راجا اشتياق جي فرياد تي داخل ڪيل ڪيس ۾ ميرپورخاص ميونسپل ڪارپوريشن جي ميئر عبدالرؤف غوري، چيف آفيسر انيس الرحمن سيال، اورنگزيب مغل، عبدالسلام /بقايا پڙهو صفحو 3 نمبر 21

سامي فائونڊيشن جي آواز پروگرام تحت ضلعي فورم جو قيام

ننڍن ٻارن جي شادي، صنفي تشدد ۽ انساني حقن جي تحفظ تي بحث، سرڪاري عملدارن ۽ سماجي اڳواڻن جي شرڪت

ايڊيشنل ڊي سي ڪاشف رضا منگي: انتظاميه فلاحي تنظيمن سان گڏ آهي، ڪو به ٻار کي اڪيلو نه سمجهي

بدين (رجب راهمون) سماجي تنظيم سامي جي آواز پروگرام تحت ضلعي فورم جو قيام عمل ۾ آندو ويو، جنهن جو مقصد ضلعي سطح تي محروم /بقايا پڙهو صفحو 3 نمبر 22

سامي فائونڊيشن جي آواز پروگرام تحت ضلعي فورم جو قيام اچي ويو آهي

درگاهه ملوڪ شاهه تي سالياني ميلي جو شاندار انتظام، وڏي انگ ۾ مريدن جي شرڪت

ڪراچي، ماتلي، ٽنڊوالهيار، عمرڪوٽ سميت ٻين شهرن مان زائرين ميلي ۾ اچي گڏ ٿيا

سائين ملوڪ شاهه جي ميلي ۾ هندو مسلم ڀائيچاري سان شرڪت ڪري روايت نڀائي ڇڏي

ميرپورخاص (سومار سميجو) درگاهه ملوڪ شاهه تي سالياني ميلي جي تقريب جو شاندار انعقاد ٿيو، جنهن ۾ ڪراچي، ماتلي، ٽنڊوالهيار، عمرڪوٽ سميت ٻين شهرن مان مريدن وڏي انگ ۾ شرڪت ڪئي. ميلي ۾ شرڪت ڪندڙ فقير /بقايا پڙهو صفحو 3 نمبر 24

ميرپورخاص : درگاهه ملوڪ شاهه تي سالياني ميلي جو شاندار انتظام ڪيو ويو آهي

رسول آباد ڳوٺ نوراحمد آرائين ۾ لکين روپين جي چوري خلاف شهرين جو احتجاج جاري

ساجد علي آرائين، اقبال آرائين ۽ غلام صابر آرائين جي اڳواڻي ۾ پريس ڪلب اڳيان ڌرڻو لڳايو ويو

هنگورجا ٿاڻي ۾ بدامني ۽ ڦورن روز جو معمول بڻجي ويون آهن، پوليس ڪاروائي ڪرڻ لاءِ تيار ناهي: احتجاج ڪندڙ

هنگورجا (رپورٽر) رسول آباد جي ڳوٺ نوراحمد آرائين مان سماجي اڳواڻ ساجد علي آرائين جي گهر مان ٿيل لکين روپين جي چوري واقعي ۽ وڌندڙ بدامني جي خلاف شهرين سجاد علي آرائين . اقبال آرائين غلام صابر آرائين جي اڳواڻي /بقايا پڙهو صفحو 3 نمبر 28

علائقي جو رهواسي پوپو هريش ميگهواڙ عورت کي تنگ ڪرڻ لڳو

گذريل ٻن مهينن کان دوستيءَ لاءِ دٻاءُ وجهي، غير موجودگيءَ ۾ گهر اندر وحشيانه ڪوشش ڪئي

مزاحمت ڪرڻ تي ڪپڙا ڦاڙيا ويا ۽ تشدد جو نشانو بڻايو، پاڙي وارن جي پهچڻ کان پوءِ ڀڄي ويو

ميرپورخاص (رپورٽر) علائقي جو رهواسي پوپو هريش ميگهواڙ ٻن مهينن کان دوستي رکڻ لا تنگ ڪري رهيو هو گذريل ڏينهن مڙس جي غير موجودگي ۾ لچالت جي ڪوشش ڪئي اهڙو اظهار ميرپورخاص جي علائقي مالهي ڪالوني واسڻ عورت /بقايا پڙهو صفحو 3 نمبر 29

ميرپورخاص: عورت پوپي خلاف احتجاج ڪري رهي آهي

ٺل ۾ روزمره استعمال ٿيندڙ شين جي اگهن ۾ تيزي سان واڌ، اٽي جا اگهه به آسمان تي پهتي

منافع خورن جي سرگرمين سبب عام عوام، خاص ڪري غريب ۽ مزدور شديد پريشانيءَ ۾ مبتلا

اٽو، سبزيون ۽ ٻيون روزمره جون شيون ناجائز اضافن سان شهرين جي خريداري جي قوت گهٽائي ڇڏي

ٺل (رپورٽر) ٺل ۾ عام واهپي جي شين جي اگهن ۾ واڌ، اٽي جي اگهه ۾ واڌ، عوام پريشان،خبر موجب ملڪ جي ٻين شهرن وانگر ٺل ۾ به منافعي خور مافيا سرگرم ٿي ويا آهن. اٽي ۽ روزمره استعمال ٿيندڙ شين جي قيمتن ۾ تيزي سان اضافو/بقايا پڙهو صفحو 3 نمبر 33

گهوٽڪي ۾ صحافي محمد يوسف منگي جي گهر جي ڇت ڌماڪي سان ڪري پئي

تازي برسات سبب شهباز ڪالوني ۾ گهر جي ڪمزور ڇت ٽٽي وئي، وڏي گهرياتين کي ڪو جاني نقصان نه ٿيو

ڇت اندر پاڻي داخل ٿيڻ سبب اڌ ڇت ڪري پئي ۽ مالي نقصان ٿيو آهي: محمد يوسف منگي

خانپورمهر (رپورٽر) گهوٽڪي جي صحافي جي گهر جي ڇت ڌماڪي سان ڪري تازي پيل برسات سبب گهر جي ڇت ڪمزور ٿي ڪري پئي خبر موجب گهوٽڪي جي 20 سالن کان صحافت ڪندڙ محمد يوسف منگي جي تازي برساتن/بقايا پڙهو صفحو 3 نمبر 34

ڏوڪري تعلقي اسپتال عوام کي رليف ڏيڻ ۾ مڪمل طور ناڪام، دوائن جي کوٽ ۽ سفارش جي لوڏ

پرچي به سفارش عيوض، مسڪين ماروئڙا بي يارو مددگار، قطارن ۾ بيهي به هٿ خالي موٽڻ تي مجبور

صفائي سٿرائي نه ٿيڻ سبب گندگيءَ جا ڍير، گٽرن جو پاڻي اندر نڪري بيمارين جا خطرا وڌي ويا

اسپتال انتظاميا ڪن لاٽار، صحت کاتي کان فوري نوٽيس وٺڻ جو مطالبو ڪريون ٿا: سڄاڻ ڏرين جو الزام

ڏوڪري)رپورٽر) ڏوڪري تعلقه اسپتال عوام کي رليف فراهم ڪرڻ ۾ مڪمل طور ناڪام ٿي وئي، دوائن جي کوٽ، دوائون ۽ پرچي حاصل ڪرڻ لاءِ سفارش جي ضرورت، مسڪين ماروئڙا بي يارو مددگار بڻجي ويا، صفائي سٿرائي نه ٿيڻ ڪري گندگيءَ جا ڍيرلڳي ويا، انتظاميه نوٽيس وٺڻ بجاءِ ڪن لاٽار ڪري ڇڏي آهي سڄاڻ ڏرين جون ميڊيا آڏو ڳالهيون، رپورٽ موجب ڏوڪري ۾ ڪامريڊ /بقايا پڙهو صفحو 3 نمبر 01

پ پ پ ايم اين اي ڊاڪٽر مهيش ڪمار ملاڻي ڊي سي آفيس مٺي پهچي ضلعي انتظاميه سان اهم ملاقات

اسلام ڪوٽ ۾ ڊينگي جو ڪيس ظاهر ٿيڻ تي نوٽيس، ضلعي انتظاميه ۽ صحت کاتي جي عملدارن کان بريفنگ ورتي

ڊپٽي ڪمشنر لياقت علي بلوچ، ڊي ايڇ او ڊاڪٽر ليڪراج سارنگاڻي ۽ ٻين سان گڏ ويهڪ ۾ بيماريءَ تي ڳالهيون

ڊينگي کان بچاءَ لاءِ هر ممڪن قدم کنيا وڃن، ٿرپارڪر کي محفوظ بڻايو وڃي: ڊاڪٽر مهيش ڪمار جون هدايتون

مٺي (محمد رحيم مگريو) پ پ پ ايم اين اي چيئرمن نيشنل هيلٿ سروسز ڊاڪٽر مهيش ڪمار ملاڻي ڊي سي آفس مٺي پهچي ڊپٽي ڪمشنر ٿرپارڪر لياقت علي بلوچ ڊي ايڇ او ٿرپارڪر ڊاڪٽر ليکراج سارنگاڻي ڊسٽرڪٽ مئنيجر ڊاڪٽر صوبدار شاهاڻي سان ملاقات ڪئي. ملاقات ۾ ڊاڪٽر مهش ڪمار ملاڻي ڪل اسلام ڪوٽ تعلقي ۾ ڊينگي مرض جو ڪيس ظاهر ٿيڻ تي /بقايا پڙهو صفحو 3 نمبر 02

مٺي: ڊاڪٽر مهيش ڪمار ملاڻي ڊي سي آفيس پهتل آهي

سنڌ امن مارچ اڄ ڪراچي ۾ داخل، قائداعظم جي شهر ۾ وڏي آجيان جي تياريون مڪمل

ملير(رپورٽر) ملير جمعيت علماء اسلام طرفان 14 سيپٽمبر تي ڪشمور مان نڪتل سنڌ امن مارچ 5 ڏينهن سنڌ جي مختلف شهرن مان ٿيندو اڄ منجهند ڌاري ڪراچي جي حدن ۾ داخل ٿيندو. جي يو آئي سنڌ جي سيڪريٽري جنرل مولانا راشد محمود سومرو ۽ مولانا عبدالقيوم هاليجوي جي اڳواڻي ۾ ڪراچي پهچندڙ امن /بقايا پڙهو صفحو 3 نمبر 03

عمرڪوٽ ۾ ايم ڊي ايف پاران يومِ دفاع ۽ ”معرڪ حق“ جي مناسبت سان تقريب ۽ ريٽروفٽيڊ اسڪول جو افتتاح

گورنمينٽ گرلز پرائمري اسڪول الله ڏنو مهر ۾ تقريب، ضلعي وائيس چيئرمين خالد ولهاري خاص مهمان طور شرڪت ڪئي

پروگرام PPAF جي تعاون سان مڪمل، اسڪول کي مضبوط، محفوظ ۽ ماحولياتي خطري جي اثرن کان بچائڻ لاءِ تيار ڪيو ويو

تعليم ترقيءَ جو بنياد، MDF ۽ PPAF جون ڪوششون ساراهه جوڳيون، تقريب ۾ استادن، شاگردن ۽ ڪميونٽي جي وڏي ماڻهن شرڪت ڪئي

عمرڪوٽ (محمد بچل)عمرڪوٽ سماجي تنظيم ايم ڊي ايف عمرڪوٽ پاران ”ريزيلينٽ ايند رائزنگ پاڪستان“ جي عنوان هيٺ يومِ دفاع ۽ ”معرڪ حق“ جي حوالي سان هڪ تقريب ۽ ريٽروفٽيڊ اسڪول جي افتتاحي تقريب گورنمينٽ /بقايا پڙهو صفحو 3 نمبر 04

عمرڪوٽ ۾ ايم ڊي ايف پاران يومِ دفاع ۽ ”معرڪ حق“ جي مناسبت سان تقريب جو ڏيک

سنڌو درياءَ جا بند مڪمل طور محفوظ ۽ مضبوط آهن: نعيم ڪرل

هنگورجا (رپورٽر) پاڪستان پيپلز پارٽي جي ايم پي اي نعيم احمد ڪرل جي پائيٽي پ پ پ اڳواڻ علي حيدر ڪرل چيو آهي سنڌو درياءَ جا بند مضبوط آهن سنڌ حڪومت ٻوڏ متاثرين جي هر ممڪن مدد ڪرڻ جي لاءِ سمورا قدم کڻي رهي آهي پ پ پ جا چونڊيل نمائندا توڙي اڳواڻ بندن جي نگراني ڪري رهيا آهن هنگورجا ۾ پ پ پ اڳواڻ /بقايا پڙهو صفحو 3 نمبر 05

ڳڙهي ياسين شهر ۾ برج ڪنسلٽنٽ فائونڊيشن طرفان فري ميڊيڪل ڪئمپ لڳائي وئي

شهر ۽ ڀرپاسي وارن لاءِ هڪ ڏينهن ۾ 50 کان وڌيڪ ماڻهن جا ايڪسري ۽ 16 ماڻهن جا بلغم جا ٽيسٽ ڪيا ويا

70 ماڻهن کي مفت جنرل ميڊيسن ۽ علاج فراهم ڪيو ويو، صحت جي شعور ۽ سهولتن لاءِ خاص انتظام ڪيو ويو

ڳڙهي ياسين (رپورٽر) ڳڙهي ياسين شهر توڙي ڀرپاسي جي علائقي وارن جي لاءِ برج ڪنسلٽنٽ فائونڊيشن اين جي طرفان فري ميڊيڪل ڪئمپ ۽ چيسٽ ڪئمپ لڳائي وئي تفصيل موجب ڳڙهي ياسين شهر ٽونٽي بيڊ اسپتال ٻاهران برج ڪنسلٽنٽ فائونڊيشن اين جي طرفان هڪ ڏينهن جي لاءِ فري ميڊيڪل ڪئمپ لڳائي وئي جنهن ۾ 50 کان مٿي ماڻهن جا ايڪسري /بقايا پڙهو صفحو 3 نمبر 06

ڪنڊيارو ۾ جسقم ضلعي صدر جي پيءُ جي قتل خلاف شهرين جو احتجاج جاري

هارون ڪلهوڙو، سهيل گهانگهرو، سلطان گهانگهرو، سهراب ڪوسو ۽ ٻين جي اڳواڻيءَ ۾ اسٽار چوڪ تي ڌرڻو لڳايو ويو

سنڌ ۾ لاقانونيت جو راڄ آهي ۽ ڪير به محفوظ ناهي، پوليس قاتلن کي گرفتار ڪرڻ ۾ ناڪام رهي: احتجاج ڪندڙن جو موقف

جوابدارن کي گرفتار ڪري ڪٺور سزا ڏني وڃي، ٻي صورت ۾ احتجاج جو دائرو وڌايو ويندو: سماجي اڳواڻن جو مطالبو

ڪنڊيارو(رپورٽر) ڪنڊيارو ۾ جسقم پاران جسقم ضلعي ڪشمور جي صدر واليڏنو سبزوئي جي پيءُ منل سبزوئي جي قتل خلاف هارون ڪلهوڙو، سهيل گهانگهرو ، سلطان گهانگهرو ،سهراب ڪوسو ۽ ٻين جي اڳواڻيءَ ۾ شهر جي اسٽار چوڪ تي مظاهرو ڪري ڌرڻو هنيو ويو ان موقعي تي خطاب ڪندي اڳواڻن چيو ته سنڌ ۾ لاقانونيت جو راڄ آهي ڪير به محفوظ ناهي /بقايا پڙهو صفحو 3 نمبر 07

ٺٽو ۾ وڏو فراڊ ڪندڙ خلاف جنگشاهي جي رهواسين جو احتجاج، پريس ڪانفرنس

ذوالقرنين پليجو، شفيع محمد، حيدر پليجو، عبداللطيف پليجو، محمد صديق پليجو ۽ گلزار پليجو جي اڳواڻي ۾ احتجاج ڪيو ويو

هٿياربند قبضي مافيه عبدالله پليجو ڌمڪيون ڏئي متاثرن جا زميندار ۽ پئسا هٿان وني ظلم ڪري رهيو آهي: متاثر رهواسي

متاثرن اعليٰ اختيارين کان اپيل ڪئي ته فراڊ ڪندڙ قبضي مافيه خلاف سخت ڪارروائي ڪئي وڃي ۽ هڙپ ڪيل زمينون ۽ رقم واپس ڪرائي انصاف فراهم ڪيو وڃي

ٺٽو(رپورٽ واحدشورو) جنگشاهي جي رهواسين ذوالقرنين پليجو، شفيع محمد، حيدر پليجو، عبداللطيف پليجو، محمد صديق پليجو، گلزار ۽ ٻين مڪلي پريس ڪلب پهچي پريس ڪانفرنس ڪندي ٻڌايو آهي ته اسان سمورن سان بااثر نالي عبدالله پٽ /بقايا پڙهو صفحو 3 نمبر 08

MAKLI PRESS CLUB
TRICT HATTA
vivo Y200
17-Sept-2025, 14:34
ٺٽو ۾ وڏو فراڊ ڪندڙ خلاف جنگشاهي جي رهواسين جو احتجاج جو ڏيک

خانپورمهر ويجهو پرائمري اسڪول جي ڇت جا ڇاپڙ ڪرڻ سبب 4 معصوم شاگرد زخمي، اسپتال منتقل

خانپورمهر(رپورٽر) خانپورمهر ويجهو پرائمري اسڪول جي ڇت جا ڇاپڙ ڪرڻ سبب 4 ٻارڙا زخمي، اسپتال منتقل ،خبرموجب خانپورمهر ويجهو ڳوٺ احمد آباد ۾ احمدآباد پرائمري اسڪول جي ڇت جا ڇاپڙ ڪرڻ سبب 4 اسڪولي ٻارڙا عبدالقدير، نثار احمد، احمد ۽ فيصل گڏاڻي زخمي ٿي پيا، زخمي ٻارن کي مقامي اسپتال /بقايا پڙهو صفحو 3 نمبر 09

ڊپٽي ڪمشنر گهوٽڪي تاريخي ماڳ مومل جي ماڙي جو جائزو ورتو

منظور احمد ڪنراني ميوزيم ۽ گيسٽ هائوس جو دورو ڪري تاريخي سڪن ۽ هٿ آيل ٺڪرن جو تفصيلي معائنو ڪيو

تاريخي ماڳن جي تحقيق سان علائقن جي تهذيب، تاريخ ۽ رهڻي ڪهڻي بابت ڄاڻ ملي ٿي، تنهنڪري انهن جي تحفظ جو فرض اسان سڀني تي آهي: ڊپٽي ڪمشنر

ميوزيم جي بنيادي مسئلن کي حل ڪرائڻ لاءِ سيڪريٽري ثقافت کي سفارش، سولر لائيٽون فراهم ۽ سي سي پيور لڳائڻ جا انتظام ڪيا ويندا

گهوٽڪي(رپورٽر) ڊپٽي ڪمشنر گهوٽڪي تاريخي ماڳ مومل جي ماڙي پهتو، ميوزيم ۽ گيسٽ هائوس جو جائزو ورتو خبر موجب ڊپٽي ڪمشنر گهوٽڪي منظور احمد ڪنراني گهوٽڪي ويجهو تاريخي ماڳ مومل جي ماڙي پهچي ميوزيم ۾ رکيل تاريخي سڪن ۽ هٿ آيل مختلف قسم جي ٺڪرن ۽ ٿانون جو جائزو ورتو ان موقعي تي هن ڳالهائيندي چيو ته دنيا ۾ تاريخي ماڳن /بقايا پڙهو صفحو 3 نمبر10

سنڌڙي تعلقي جي ڳوٺ آچر مري جا سوين رهواسي ميرپورخاص پريس ڪلب آڏو سراپا احتجاج

شاگرد چنيسر مري کي اغوا ڪري هڪ ڪلو کان وڌيڪ چرس رکڻ جو الزام، ڪوڙو ڪيس داخل ڪرڻ جو دعويٰ

احتجاج ڪندڙن جو الزام، SHO ايڪسائيز شاهنواز زرداري کي پنج لک رُپيا رشوت نه ڏيڻ تي انتقامي ڪارروائي

ضلعي ميمبر عابده لاشاري ۽ ٻين اڳواڻن جي ميڊيا سان ڳالهه ٻولهه، معصوم شاگرد لاءِ فوري انصاف جو مطالبو

ميرپورخاص (سومارسميجو) تعلقه سنڌڙي جي ڳوٺ آچر مرجي سوين رهواسين شهداپور جي SHO ايڪسائيز شاهنواز زرداري خلاف ميرپورخاص پريس ڪلب آڏو احتجاجي ريلي، مظاهرو ۽ ڌرڻو هنيو، احتجاج ڪندڙن جو چوڻ هو ته SHO مبينا طور پنج لک رُپيا رشوت نه ملڻ جي نتيجي ۾ اسڪول جي شاگرد چنيسر مر کي اغوا ڪري هڪ ڪلو کان وڌيڪ چرس رکي ڪوڙو ڪيس /بقايا پڙهو صفحو 3 نمبر 11

احتجاج
#Release Chanesar Mari
احتجاج
سنڌڙي تعلقي جي ڳوٺ آچر مرجا سوين رهواسي ميرپورخاص پريس ڪلب آڏو سراپا احتجاج آهن

ٺل: اي سيڪشن ٿاڻي جي حد رياض چوڪ ۾ 6 ٻارڙن جو پيءُ علي خان پٽي زال کي ڇڏي سالي صائم خاتون کي ڀڄائي فرار

جيڪب آباد/ ٺل (رپورٽر) ٺل جي اي سيڪشن ٿاڻي جي حد رياض چوڪ جو رهواسي 6 ٻارڙن جو پيءُ علي خان پٽي پنهنجي زال کي ڇڏي علاج سانگهي آيل نوجوان سالي صائم خاتون کي ڀڄائي فرار ٿي ويو،ٻارڙن ۾ روڄ راڙو متل،ٻارڙا بک جون ننڍون ڪٽڻ تي مجبوروارثن پاران نوجوان ناري صائم پٽي جي واپسي جو مطالبوجوابدار /بقايا پڙهو صفحو 3 نمبر12